# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو سه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ٢٩، نمبر ١ ۽ ٢

١٩٨٠ع



نااميد نہ ٿيو اللہ جي رحمت کان

بيشڪ اللہ جي رحمت کان، ڪافرن کان سواءِ

ٻيو ڪوبہ نااميد نہ ٿيندو آهي.

سورة يوسف

آية ٨٦

Gul Hayat Institute

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو سه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد 29] [نمبر 1 ۽ 2

جنوري — جون

1980ع

•

ايڊيٽوريل ڪميٽي

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

ڊاڪٽر غلام علي الانا

سيد شاهه محمد شاهه شاد

اسسٽنٽ ايڊيٽر

نفيس احمد شيخ

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ

سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس، ڄامشورو سنڌ.

# مھراڻ

سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس، ڄامشورو سنڌ.

فون نمبر 23888/6

ملڻ جو هنڌ

سنڌي ادبي بورڊ جو بوڪ اسٽال

سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس، ڄامشورو

(پوسٽ باڪس نمبر 12، حيدرآباد سنڌ)

۽

سنڌ جا سمورا نامور ڪتب فروش

Gul Hayat Institute

قيمت : 00-8 رپيا

سالیانو چندو 00-30 رپيا

Printed by Ghulam Rabbani A. Agro, Secretary Sindhi Adabi Board, at the Board's Printing Press ,Tilk Incline, Hyderabad, Sind, and published by him from Board's office, Sind University, New Campus Jamshoro.

## ڪهاڻيون


| | | |
|---|---|---|
| ١. ساڳي خوشي | - نجم عباسي | ٤٧ |
| ٢. واڌو ڪاٽو | - اسلم سنديلو | ٥١ |
| ٣. ٽُٽل آشائن جي اڌوري ڪهاڻي | - سُريش | ٥٧ |
| ٤. پيڙا جو پاڇو | - ولئ ملاح | ٦٢ |
| ٥. فطرت جو انتقام | - عابد مظهر | ٦٧ |
| ٦. دل ۾ روشن تنهنجي يادن جا چراغ | - الهڏتو وڳهيو | ٧٠ |
| ٧. شڪست | - محمود مغل | ٧٣ |
| ٨. سچ ۽ ڪوڙ [ڊائري] | - محبوب علي جوکيو | ٧٧ |
| ٩. تان ڪي ڏونگر ڏوريان [آتم ڪهاڻي، قسط ٣] | - محمد صادق ميمڻ | ٨٠ |
| ١٠. قبر | - موپاسان<br>- ترجمو: جام وقار حسين قادري | ٩٣ |


## مضمون / مقالا


| | | |
|---|---|---|
| ١. سپهه سالار دريا خان جو حسب نسب | - ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | ٩٩ |
| ٢. لنگر لتي ۾ تصنيف ۽ تاليف جو جائزو | - سيد حسام الدين راشدي | ١١٣ |
| ٣. قرآن مجيد جا سنڌي ترجما ۽ تفسير | - علامه غلام مصطفيٰ قاسمي | ١٤٤ |
| ٤. سنڌ — عرب مورخن ۽ سياحن جي نظر ۾ | - ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي | ١٦٦ |
| ٥. فن خطاطيءَ جي مختصر تاريخ | - قريشي حامد علي خانائي | ٢١٣ |
| ٦. منڇر جا پکي (قسط ١) | - جمال ميرائي | ٢٢٨ |
| ٧. سنڌ ۾ طب — صدين جي آئيني ۾ [قسط ١] | - ڪئپٽن ڊاڪٽر زمان شيخ | ٢٣٥ |
| ٨. ڪهاڻي ۽ ان جا ترڪيبي جُزا | - اميرعلي چانڊيو | ٢٤٥ |
| ● — ”مٺي مُراد“ جي پذرائي (ادبي خبرنامو) | - مير نديم | ٢٦٤ |
| ● — آديسي آئي ويا ......! | | |


Gul Hayat Institute

# شاعري

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

ڪنهن جي نہ ڪنهين ساڻ رهائي آهي،
يڪتائي نہ آهي ۽ ڀلائي آهي،
اي طالب مولا تون ذرا غور تہ ڪر،
هن دور ۾ هر شخص تڏائي آهي.

- هالا، ۱۸ جنوري ۱۹۷۴ع

حالات جهان ٻاني ڪان دل تنگ آهي،
هن دور فراواني ڪان دل تنگ آهي.
هشياري و بيهوشي ۾ ڪجھ نہ آهي،
دانائي ۽ ناداني ڪان دل تنگ آهي.

- ڪراچي، ۱۴ فيبروري ۱۹۷۴ع

ڪجھ ڪوڙ اچي ڪوڏ پريشان آهيان،
سچ ڪنهن کي پسند ناهي پشيمان آهيان،
انسان جو ڪپ ڪونهي ڪو انسانن کي،
بس ڪٿ ڪيان ڪيڏهن وڃان انسان آهيان.

- هالا، ۱۳ مارچ ۱۹۷۴ع

هن دور ۾ هر وقت وڪامڻ آسان،
طيـاري ۾ هر روز اڏامڻ آسان،
لڙن لائي وري ڀوء نپاڻ مشڪل،
دل آهه وڃي ڪنهن سان لڳائڻ آسان.

- راولپنڊي، ۲۸ مارچ ۱۹۷۴ع

وعدو تہ ڪبو ڀر اهو پارڻ مشڪل،
دريا ۾ گهڙي ڀاڻ کي تارڻ مشڪل،
احسان فراموشي بہ آسان آهي،
احسان ڪري ان کي وسارڻ مشڪل.

- راولپنڊي، ۲۹ مارچ ۱۹۷۴ع



Gul Hayat Institute

هن دور جي هر وقت ۾ خاموش ٿجي،
پوڙو نه ٿجي، پر همه تن گوش ٿجي،
دل صاف رکي رهجي ٿي مجذوب نما
هر بارَ کان هر بارِ سبڪدوش ٿجي.

- راولپنڊي، ۳۰ مارچ ۱۹۷۴ع

ڪو دير ۾ آهي، ڪو سويلو آهي،
هوشيار ڪو آهي، ڪو گهيلو آهي
دنيا جو وڏو ڪيڏو نه ميلو آهي،
انسان انهيءَ ۾ به اڪيلو آهي.

- راولپنڊي، ۱۰ اپريل ۱۹۷۴ع

ڪنهنجو جي اگر ذهن پريشان ناهي،
چئي سگهبو ته انسان اهو انسان ناهي،
هٿ جوڙ ڪجي، دير لڳي پنڌ ڪجن،
هڪدم جو ٿئي پورو، سو پيمان ناهي.

- راولپنڊي، ۴ مئي ۱۹۷۴ع

جو چاڪ نه ٿيو سو به گريبان ڪهڙو،
ليڙون نه ٿي سگهيو ته پو دامان ڪهڙو،
جنهن ۾ نه ٿيو عشق جنون خيز بپا،
سچ پچ ته سو انسان به انسان ڪهڙو.

- ڪراچي، ۵ مئي ۱۹۷۴ع

جنهن ۾ نه هجي نقص اهو فن ڪونهي،
بي بادخزان ڪوئي به گلشن ڪونهي،
تاريڪ سندس هوندو سدا مستقبل،
ماضي جي ڪنهين شخص جو روشن ڪونهي.

- هالا، ٦ مئي ۱۹۷۴ع

جنهن ۾ نه وفائي سا مودت ڪهڙي،
جنهن ۾ نه سچائي سا مروت ڪهڙي،
هن طرح بنائي آهي قدرت فطرت،
جنهن ۾ نه جدائي سا محبت ڪهڙي.

- هالا، ۴ آگسٽ ۱۹۷۴ع



Gul Hayat Institute

جنهن ۾ نہ سليقو سو طريقو بدتر،
جنهن ۾ نہ طريقو سو سليقو بدتر،
جنهن ۾ نہ هجي طالب، مولا جي ياد،
والله اهو هرڪو دقيقو بدتر.

— هالا، ١٣ آگسٽ ١٩٧۴ع

ماڻهن مان ”الرجڪ“ ۽ پريشان آهيان،
حالات منجهان زود پشيمان آهيان،
مان پاڻ ڪان ئي پاڻ گريزان آهيان،
ڇا جي ڪري جو خود بہ تہ انسان آهيان.

— حيدرآباد، ٢١ آگسٽ ١٩٧۴ع

سچ پچ تہ جواني وڏي ديواني هئي،
ڪم فهمي هئي ان جي فراواني هئي،
ناداني جا سمجهيم ٿي سا دانائي هئي،
دانائي جا سمجهيم ٿي سا ناداني هئي.

— ڪراچي، ٢٢ آگسٽ ١٩٧۵ع

تصوير محبت جو مصوّر آهيان،
ڪنهن ذهن جو هر وقت تصور آهيان،
مان پنهنجي شب تار جي هر لمحي ۾،
يادن جي چراغن سان منور آهيان.

— اسلام آباد، ٢٣ آگسٽ ١٩٧۵ع

مان پنهنجي خيالن جو نگهبان آهيان،
مان پنهنجي ارادن جو بہ نگران آهيان،
مان پاڻ تي هِن جي ڪري نازان آهيان،
بلقيس محبت جو سليمان آهيان.

— اسلام آباد، ٢۴ آگسٽ ١٩٧۵ع

اي الف صفت غيرت قامت آهين،
ٻيهين ٿو تہ ٻو رشڪ امامت آهين،
جي ٿو هلين، زنده ٿي ٿئي دل مرده،
والله سچ تون ڪا قيامت آهين.

— ٢٧ آگسٽ ١٩٧۵ع



Gul Hayat Institute

منهنجو سهڻو يار هزارن ۾،
سردار سونهين سردارن ۾.

ملي ڪڪرن کي هي سياه ڪتان،
آندي ڪاري رات اونداه ڪتان،
مليو مشڪ عنبر کي هڳاءُ ڪتان،
اها وصف سڄڻ جي وارن ۾.

جي ظاهر سندس ڪجهه نور ٿئي،
سڙي جڳ تہ سارو هي طور ٿئي،
ڪُل حور پري چڪ چور ٿئي،
مچي شور وڃي تہ مزارن ۾.

ملي يوسف کي هئي هڪڙي ذري،
ڏسي ڪيئن زليخا ٿي هئي چري،
ٿيو مجنون ڇا ٿي مست وري،
ڦڙڦوٽ پئي عشق وارن ۾.

جاچي جڳ تہ ڏٺم نڪي جوڙ پيو،
هڪ محب 'ميهر' نڪي ووڙ پيو،
پلي باسي دل تہ ڪروڙ پيو،
پرين پڌرو پاڪ قطارن ۾!

## مولوي محمد عظيم شيدا

گهڙي پل تہ گذجي گذاريون هليو وڃ،
گهايل گهور سان گذجي گهاريون هليو وڃ.
ڏکن ۾ ڏکيا ڏينهن پئي ٿي گذاريان،
ڪڏهن نيڻ نرمل نهاريون هليو وڃ.
ڪايل جو سڪ ۾ سڙي ساهہ ويو آ،
اڱڻ منهنجي ٿي پير پايون هليو وڃ.
مري ويو آ شيدا سڄڻ تنهنجي سڪ ۾،
منهنجي لاش کي مُنهن ڏيکاريون هليو وڃ.

**برڊو سنڌي**

## ٽوري ڳالهه

هيڏڪيي هير نہ آهي مون کي،
جيڪر ڪنهن تہ سنپاريو هوندو،
هن جي آمد سان هي منهنجو،
ٿڪيي پوي کٿهرُوندو جيڪر،
کوڙ ڪتوري،
ساڻ ڪٺي ڪو ايندو،
گهر مُٺهڪائي ويندو،
هي مَنُ!
ڪاڻ دلاسي ماندو،
هر پاسي واجهائي ويٺو
ڪو تہ اچي،
ڳِل لائي چوندو:
”ٽوري ڳالهہ تي هيڏو هاڃو، تون تہ ٻنهہ ڪو موکو آهين!“
آک ڦري ٽيي،
مونجهہ مري ٽي،
آس نيمائيي خيرُ گهٽري ٽيي،
اڄ ڪو ايندو،
اوڏو ٽيندو،
اوڏو ٽيندو، پُٽ ٽپهندو،
آٽت ڏيندو،
سُور سٽليندو،
وجهي ڳيراني گڏجي وهندو،
۽ هيئن چوندو!
”ٽوري ڳالهہ تي هيڏو هاڃو، تون تہ ٻنهہ ڪو موکو آهين!“



Gul Hayat Institute

پنبڙيُون پسنديُون،
ريجهڻون رسنديون،
آسون ڪسنديون، مسنديُون مونجهونءِ
پيار منجهان
هو پلئو چُنيءَ جو
مُنهنجي ميري مُنهن تي ڦيري،
هلڪي مِٺڙي
ڇُهنديءَ پائي
ڪُوڙ سچوڙ ي مُرڪي چوندو؛
”توري ڳالهه تي هيڏو هاچو، تون ته بنهه ڪو موڳو آهين!“
ويجهو ويجهو
پير جو ٺهڪو
دل جو دهڪو، سُرهو سهڪو
آڪ جو جهمڪو
چُوڙيءَ ڇمڪو
ڪاڏيءَ هٿڙا
مينديءَ رتڙا
ٿڏڙا ٿڏڙا، ڪُنڙا، مِٺڙا
لائي منهنجي سِرَ جو سائين!
چاندي جهڙي
سُر ۾ چوندو!
”توري ڳالهه تي هيڏو هاچو، تون ته بنهه ڪو موڳو آهين!“

## نواز علي شوق

گيت

اڄ ته پرين مان توکي سور سڻايان،
دل جا درد پڌايان!

تون جي ملين جڻ ملي حياتي  ٻڪيل راهي منزل پاتي،
جاني! تو بن جيون زهر ٿي پايان...
حسن ۾ يڪتا، خلق ۾ يڪتا،  تنهنجي هستي آهه امرتا،
تنهنجي عظمت آڏو سيس نوايان...
بيت ۾ تو لئه، گيت ۾ تو لئه،  ساز بہ ۽ سنگيت بہ تو لئه،
توکي شاهه جي وائي سمجهي ڳايان...
تنهنجون ڳالهيون دل ۾ دلبر،  راهه نهاريان تنهنجي هر هر،
ويٺي ڪانگ اڏايان، ڦارون پايان...

Gul Hayat Institute

# مولابخش پنو ”مسڪين“ شڪارپوري

( ١ )

مسڪين! مولا جي مهر جي، بلڪل ناهين بات،
سدا وسي سپ تي، ڏينهان توڙي رات،
لاڙو رکي لياقت ڏي نڪا پڇي ذات،
جي ڏاتر ڏني ڏات، ته ڪين ڏسي ڪنهن قوم کي!

( ٢ )

مهل هڪڙيءَ، مسڪين چوي، ڪيو خلوت منجهه خيال،
ته من لڳيءَ محبّت جو، آهه ڪيترو نه ڪمال،
تان اندر مان عقل ڏنو، عجب هيءُ احوال،
جي لڳي، ته ڪري لال، جي نه لڳي، ته ڪوڏي نه لهي!

( ٣ )

جي دلبر هن دنيا کي، بهشتي بڻائين باغ،
ته ڪيڏي چڏ قلب مان، دوئيءَ وارو داغ،
اهو ڪارو زاغ، من ۾ نه رک، مسڪين چوي.

( ٤ )

جي چاهين سرخرو رهان سنسار ۾، ته لائق ڌار لِسان،
’زبان‘ شيرين ملڪ گيري‘، سمجهي ڇڏ سجان،
پاجهه رک پارڙن تي، وڏن رک تون مان،
هل حليمت سان هر حال ۾، ڪر ڪاوڙ اصل ڪانَ،
اچات هل نه ڪنهن سان، خودي رکي خان،
ته اهڙيءَ طرح انسان، ماڻهو سڏجين ملڪ ۾!

( ٥ )

مسڪين پنهنجي من مان، ڇڏ ڪارو ڪيڏي ڪانگ،
نڪي ماندو ٿيءُ مورهين، نڪي سالڪ رک ڪوسانگ،
ليت اٿيئي نانگ، ڪائيندي ڪوتن کي!

( ٦ )

ڪوڙا رهن نه ڪوڙ ڪان، سچا چون سچ،
قربائتا پنهنجي قرب ۾، ڪڏهن ڪن نه ڪچ،
اچا مچي پيهن مچ، مشڪل منجهه، مسڪين چوي.

[موڪليندڙ: حبيب الله پنو].

## تاجل بيوس

غزل

جتي پيارن ۾ دل جلي هوندي،
هاءِ! ڪهڙي سا زندگي هوندي.

لڙي آ رات، ٻاهر ٿي ٽمڪي،
ٻُوڻي اک، ڪاڻ ڪا آڻي هوندي.

ڪاهي پيو موت آهي ماڻهن ۾،
ڀَڪَ سيني ڪٿي وڳي هوندي.

زندگي سفر هو اونداهين جو،
موت ڪانپوءِ ته روشني هوندي؟

تنهنجو آ ڏينهن، تون ڀي ترسي پؤ،
آئيان ماني ٿي، جهي پڪي هوندي.

جتي ڪٽڪن ۾ لاٻُ پوُڻو آ،
آتي ماڪڙ وري لٿي هوندي.

جيڪا جيون جي لاٽ ٻاري ٿي،
پڪ سا راند ڪنهن ڪَٽي هوندي،

ڪنهنجي هٿ مان ڳرهُه ڪِريو هوندو،
ڪا ته روئي سمهي پئي هوندي

جنهن کي پٿرُ لڳي ٿي ٻرزا ٿيو،
آها دل نيٺ پئي ٿُٽي هوندي.

## واجد

وائي

پنهنجو پيار ٻه جڳ جي ريتن، آڏو نيٺ جهُڪي پيو،
رت جو رنگ ڦِڪي پيو.

لُڙڪن روڪيندي نيڻن جو، آخر بند ٽُٽي پيو،
رت جو رنگ ڦِڪي پيو.

جنهن کي ٻه واسينگ ورايو، منهنجو ساهه سڪي پيو،
رت جو رنگ ڦِڪي پيو.

آسُن جي پوائي جو اڄ، هر امڪان ڪٽي پيو،
رت جو رنگ ڦِڪي پيو.



Gul Hayat Institute

## غزل

ذوالفقار راشدي

هٽ هٽي ذهن مان چنڊيان چارو،
ياد ڪوئي نٿو اچي يارو.

ڪوڙ چانڊوڪيون چنڊ پٺي مائيون،
رات تارن جو من اچي وارو!

دل ته آهي اٿاهه ڪو ساگر،
ڪنهن به ٽوبي نه تر لڌو ڪارو.

ڪاڙهو ساڙو اسان جي تن من ۾،
ڪيڏو وسندي تي پيو وسي پارو.

چٽڪ ٻنجر قديم آهي دل،
ڪائي ساوڪ نه ڪوئي وسڪارو.

ڪائي جهاتي نه ڪو دلاسو دم،
ڪوئي اوسيئڙو ۽ نه ڪو پارو.

جنڪ اندر آڏيهي وئي ڪائي،
پورو ٻوٽو، پٽيو ٻدن سارو.

خاڪ سڪٽي ۽ سرد سڀ چٽڪون،
اهڙي آپ ۾ نه چمڪندڙ تارو.

بي سبب آهي منهنجي مايوسي،
وهه ڳولي ڏسو، وينجهارو(١).



Gul Hayat Institute

(١) "وهه لهي وينجهار، دليون پرڪي داسڙو" ـ شاهه

## پيرل فقير
(خيرپوري)

( ۱ )

سيڪو چوي گهرجي صبر، دل جي خبر دلدار کي.

سڪ سان صبر ڇا ٿو لڳي، تيرن ڇنيو ڇٽو ڪٺن تڳي،
نيشان ٿيو نيڻن اڳيي، ڪاڏي ڪندو ڀي ڪار کي.

رمزن ماريا رڙندا وتن، سڪ سوز ۾ سڙندا وتن،
ڪڇهه ۾ ڪِريا ڪِرندا وتن، ڪندا ياد پنهنجي يار کي.

ٿندڙي اصل نہ نيڻن مٺن، سوَ سور ۾ سجڙا لٿن،
لوڪان لڪايون ٿا وتن، پنهنجي عشق جي آزار کي.

پيرل پرين جا جي ٺين، سي زهر جا پيالا پين،
ٿوڙي مرن توڙي جين، ناهي غرض غمخوار کي.

( ۲ )

خوش ٿو گذارين منهنجا مٺا، عاشق تنهنجو عذاب ۾.

ٻن پيو جدائيءَ جو جيڻ، تنهن کان زهر جو پيالو پيڻ،
پنهنجي يار کان دم ڌار ٿيڻ، لکيو ڪهڙي ڪتاب ۾.

لوڪان پاتم ليڙو ليڪي، ساري عمر سورن ۾ سيڪي،
تقدير رب جيڪا لکي، هٿ هٿ بندا تنهنجي باب ۾.

پيرل چوي آئين نہ تون، ڏکيا گذاريا ڏينهن مون،
سرڪار رب جي روبرو، هرڪو ايندو حساب ۾.

موڪليندڙ: خادم سنڌي (اگڙا)

ڪيئي اميد جون مکڙيون ٻه سڙي رک ٿي ويون،
چيٽ جي مُند سرءُ کي ٿي نِپائي شايد،
هي بهارن ۾ ٻري باهه، آلا ٿا آيرن،
مست بادل پيو ٿاندن کي وَسائي شايد!
منهنجا محبوب! ذرا ڳالهه ته مڃ تون منهنجي.

سامهون راهه تي ڪنڊن جون قطارون آهن،
هر قدم تي ٿو ڪِري خون جو قطرو جاني!
مان بچائڻ ٿو گهران پاڻ، بچڻ مشڪل آهه،
تون ئي ڏس مون کي بچڻ جو ڪو طريقو جاني!
منهنجا محبوب! ذرا ڳالهه ته مڃ تون منهنجي.

ڏِس ته هي دور محبت جو مخالف ڪيڏو،
حيف، انسان ئي انسان جا ويري آهن!
ڪوئي ڪنهن جو به نه همدرد ۽ همدم آهي،
ڪيئي احساس ۽ احسان جا ويري آهن!
منهنجا محبوب! ذرا ڳالهه ته مڃ تون منهنجي.

منهنجي دنيا تي سدا رات پئي راڄ ڪري،
منهنجي قسمت جي سحر ڪهڙي گفا ۾ گم ٿي؟
گڙدڙ اوندهه ۾ ڀلا ڪير سڃاڻي ڪنهن کي،
سڌ ڀڙاڏو ٿي پيو، آهه خلا ۾ گم ٿي!
منهنجا محبوب! ذرا ڳالهه ته مڃ تون منهنجي.

اي سڄڻ! ڇو ڀلا ماڻهن کي ٿيو ويسارو،
مان ته هيءَ ڳالهه اڃا ڪين وساري آهي،
هي ڪهاڻي ته ڪهڙي ڪين پراڻي ٿيندي،
ڏِس ته زخمن مان اڃا خون به جاري آهي!
منهنجا محبوب! ذرا ڳالهه ته مڃ تون منهنجي.



Gul Hayat Institute

## بلقيس عاربائي

تو هٿن ۾ رچائي مهندي،
۽ شرنائن جو شور اٿيو؛
توکي تنهنجي منزل مبارڪ هجي،
راهه ۾ ڪو غريب لُٽيو!

●

وسرن ٿا پيٽ،
لڪ رتن ڪيا مون،
هر هر ياد اچن ٿا ناسي نيڻ!

●

تون آهين منهنجي من جو ميت،
آهين تون منهنجي سپنن جو سنگيت،
سپنن ۾،
دنيا آڏو،
تون منهنجي پلڪ جهپڪ جي جيت،
تنهنجو منهنجو پيار،
ساري جڳ جي ريت،
تنهنجي ياد،
منهنجا وياڪل گيت.

## ادل سومرو

●

ڇڏ ته مون کي وڃان
سڏ آهي اڃان.

رڃ توڙي هجي
اڃ توڙي هجي
آءُ ويندس اُتي
سونهن آهي جتي.

سونهن وسڪار آ
سونهن هبڪار آ.

ڏينهن پل پيو ٿيي
سونهن وڌڪار آ.

سونهن ساوڻ مثل
ڪين پرچي ٿي دل
سونهن سڏڙا ڪري
پوءِ ڪنهنجي سري.

ڪونه آهي اُتي
ڪين آخر مڃان
سڏ آهي اڃان
ڇڏ ته مون کي وڃان.

Gul Hayat Institute

## اياز گل

گيت

دل ڪيئي ٻيوس، مينهڙا!
وسُ وسُ مينهڙا وسُ!

جوت جيان جرڪي پيو جوينُ،
تن تان لاٿي ڪسُ، مينهڙا!
وسُ وسُ مينهڙا وسُ!

تنهنجيءَ رم جهم منجهه پريءَ جي،
ڳالهين جو آ چسُ، مينهڙا!
وسُ وسُ مينهڙا وسُ!

تون ته سچو جڳ جهاڳي آئين،
ساجن جو ڏي ڏسُ، مينهڙا!
وسُ وسُ مينهڙا وسُ!

پريءَ بنان هي ساوڻُ گذريو،
ڪيڏو ڙي بي رسُ، مينهڙا!
وسُ وسُ مينهڙا وسُ!

## رحيم بخش "قمر"

ساز سڀئي سروا!
متو ڏنو اڄ مرڪندي!

ڪاتيو ڪند ڪُلهن ڪان،
پرتئون پنهنجو پاڻ!
متو ڏنو اڄ مرڪندي!

ماڻڪ! منگتو چڏي،
سيسي نمئي ٿو ساڻ!
متو ڏنو اڄ مرڪندي!

سورت سرتاج لئي،
"هئي، هئي" ڪري ٿي هاڻ!
متو ڏنو اڄ مرڪندي!

"قمر" ڪئي ڪريم سان،
راجا روح رهاڻ!
متو ڏنو اڄ مرڪندي!

## عاجز آچڻ

سڄڻ هاڻ تو لئہ، ڪڏهن ڪين رُندس،
ڪٿي ساهہ تڏڙا نہ سُڏڪا ڀريندس.

ڪبي هاڻ ڪوشش، وساري ڇڏڻ جي،
دلاسن تي دلڙي، ڏتاري ڇڏڻ جي،
نڪي ياد پوندين، نڪي سور سهندس.

بنهہ جي سنڌ ۾ ياد مون کي ستايو،
غمن گوندرن ۽ وڇوڙن ورايو،
ڏئي ٺهڪ دل کي، ڏتاري ڇڏيندس.

سنڌ ۾ ظلم ظالم، جفائن جون ڳالهيون،
۽ "عاجز آچڻ" جي صدائن جون ڳالهيون،
مان ڳائي وجائي، دنيا کي ڏسيندس.

## غلام حسين رنگريز

●

دلاسا ڏيئي دلبر پو ڏڪارڻ کو چڱو ڪونهي،
مٺا مشتاق پنهنجا هيئن مارڻ کو چڱو ڪونهي.

نہ ريجهي ۽ رهي تو روح راحت ہر سوا تنهنجي،
ٻري پنهنجن کنان هيڏو گذارڻ کو چڱو ڪونهي.

مريضن کي مسيحا در مٿان پنهنجي نہ موٽايو،
ٻنان دارون دوا بيمار ٽارڻ کو چڱو ڪونهي.

ٻناري تو ٻيا هاسين رکي آسون اميدون سؤ،
اگر تان عاشقن کي هيئن آٽارڻ کو چڱو ڪونهي.

هٿي ڪليون ڪنبدي ڏيئي ورئين تون ڏور ڏکڻ جي،
حياتي هيئن ڪنهن جي کي ٻہ ڪارڻ کو چڱو ڪونهي.

اچا "رنگريز" جي روح تي اوهانجي ياد جا واسا،
پرائن خادمن کي يڪ وسارڻ کو چڱو ڪونهي.

## ڪنول ٿهائو

### وايون

ميگهه ملهارو! مون سان گڏجي گيت ڳايو.

ڌرتي جاڳي آپ رڙي ٿو،
چنڊ ستارو! مون سان گڏجي گيت ڳايو.

جنت ڪان وڌ هي جڳ آهي،
ڌرتي وارو! مون سان گڏجي گيت ڳايو.

چوليون، چوليون سارو سنڌو،
ڪُن ڪنارو! مون سان گڏجي گيت ڳايو.

پيره پُڪاري ٿي مستن کي،
جاڳو يارو! مون سان گڏجي گيت ڳايو.

چنگ ڪٿي هو چارڻ آيا،
گيت نظارو! مون سان گڏجي گيت ڳايو.

ماڻهو من تان ميرو لٿي آ،
هاڻ بهارو! مون سان گڏجي گيت ڳايو.

ميگهه ملهارو! مون سان گڏجي گيت ڳايو.

## ذوالفقار سيال

### غزل

اسان هر چونڪ تي بيهي، ورهائي زندگي آهي.
اسان وٽ، ذات، سچ ۽ سونهن، اسان لئه بندگي آهي.

انڌيرن جي ٻئي پيٽن ۾، گهڙياسين روشني خاطر،
ڪٿي چنڊ نه، ته ڏانڊاڻا، مگر ڪجهه روشني آهي.

اوهان جي ياد جو ڪنڊر، پراڻا ڦٽ اُڌيڙي ويو،
اسان جا زخم پي سهڻا، انهن ۾ دلڪشي آهي.

اوهان جا سور سڀ سانڍي، ڏيون ٿا موٽ مُرڪن جي،
اوهان مرڪو، خوشيون ماڻيون، اسان جي ئي خوشي آهي.

سدائين محفلن ۾ شل، ٽڙن ٽهڪا حسين تنهنجا،
اڪيلائي، اُداسيءَ سان، اسان جي دوستي آهي.

Gul Hayat Institute

مهر پروين — گيت

او منهنجا مٺڙا مور الا!
مان توتان هردم گهور الا!

مان آهيان تنهنجي ٻانهي ڙي،
تون منهنجو آهين جاني ڙي!
منهنجي هينئڙي تنهنجا هور الا!

مون کي تنهنجي ڏسڻ جي حيراني،
توتان جان جسو ٻئي قرباني!
توکي توريان کهڙيءَ تور الا!

مان روز نهاريان راهون ٿي،
ڪريان درد فراق ۾ دانهون ٿي!
مون کي برهه پيچي کيو پور الا.

توکي ساريو هردم ساريان ٿي،
مان پيار مان توکي پڪاريان ٿي!
ڪنهن قرب ڪناري ڪور الا.

ڀرين دلڙي ڪسي وئين قابو ڪري،
پنهنجي ”مهر“ کان ٿي وئين پوءِ پري!
”پروين“ جي دل جا چور الا.

بشير سيتائي — غزل

ڪجهه توڻ لاءِ تيڻ چاهيان ٿو، مان اهو خول ڀڃڻ چاهيان ٿو.
پنهنجي منزل تي رسڻ چاهيان ٿو، هر رُڪاوٽ کي ٽڏڻ چاهيان ٿو.
ماڻهوءَ لاءِ مرڻ چاهيان ٿو، ۽ جيئڻ لاءِ جيئڻ چاهيان ٿو.
ڪوٽ جي اوٽ پڄڻ چاهيان ٿو، ڪُهني زنجير ڇنڻ چاهيان ٿو.
گهُگهه اونداهي جي چادر چيري، هڪ نئون صُبح ڏسڻ چاهيان ٿو.
خوب گلڙن کي اپائڻ ڪارڻ، رت جو ريج ڏيڻ چاهيان ٿو.
پياس ڌرتي جي وڏي وڌي آهي، مان وڄُن ساڻ وسڻ چاهيان ٿو.
ڏاڍ ڏهڪاءُ کي لوڏي اي 'بشير'، پيار جي رتَ رٽڻ چاهيان ٿو.

## شفيع چانڊيو

### وائي

ايندم اوئي يار، ٿيندا قلب قرار،
جنهن لاءِ وائون روز واجهايان

پال پلائي پنهنجا، ساجن! سيکهڙي لهندم سار،
جنهن لاءِ وائون روز واجهايان...

ڍوليو منهنجي ڍڪ ڍڪيندو، آهم عيب اپار،
جنهن لاءِ وائون روز واجهايان...

آڏي مانجهي صبح سانجهي، تن ۾ تين جي تار،
جنهن لاءِ وائون روز واجهايان...

شفيع شڪ ۽ وهم اجايا، دلبر ناهي ڌار،
جنهن لاءِ وائون روز واجهايان...

## نياز پنهور

### وائي

مون نينهن اوهان سان لاتو ڙي، مون نينهن اوهان سان لاتو ڙي.
مون نينهن اوهان سان لاتو.

ڪير جيئي ٿو ڪنهن جي ڪارڻ، تو پڻ اهو نه ڄاتو ڙي،
مون نينهن اوهان سان لاتو.

تو بن منهنجا پيارا جاني! جيون آ پاراتو ڙي،
مون نينهن اوهان سان لاتو.

ٿيت ته رم جهم برکا ايندي، من اسان جو آتو ڙي،
مون نينهن اوهان سان لاتو.

مالهو آهن پاڳل ڙي، جن ناهي پيار سڃاتو ڙي،
مون نينهن اوهان سان لاتو.

مکڙيون آهن نڙي پيون سڀ، تو گيت جو آهي ڳاتو ڙي،
مون نينهن اوهان سان لاتو.

## ٻلبل ڪورواهي

ٽوڪان جا ڏور زندگي گذري،
سُور ئي سُور زندگي گذري.
جيئڻ کو موت کي ڏسي ويهي،
ايڏي مجبور زندگي گذري.

من جي مونجهه هيءَ مري ٻـ نٿي،
منهنجي ٽوڪان سوا سري ٻـ نٿي.

چنڊ تي جيئڻ داغ ڪارو آ،
هي وجود ائين ڪاڙيارو آ.
هر ڪوئي نيڻ پنهنجا بند ڪري،
رات جو جيئڻ ڪو اندارو آ.

سوچ ۽ سمجهه ڪجهه ڪري ٻـ نٿي،
منهنجي ٽوڪان سوا سري ٻـ نٿي.

هر طرف نفرتون نگاهن ۾،
رُڃ ئي رُڃ آهي راهن ۾.
سيڪو پٿر هڻي ثواب ڪٿي،
ڪير ڪل ٿو هڻي گناهن ۾.

لوڪ جي دل اچا ٺري ٻـ نٿي،
منهنجي ٽوڪان سوا سري ٻـ نٿي.

تنهنجا منهنجا ائين اٿئي ناتا،
جيئن ڪنهن گل ساڻ خوشبوءِ جا.
جيئن احساس ڪنهن ٻـ آدم جو،
ڪنهن جوانيءَ جا جيئن جذبا.

مون کي ويڇوٽي تون ٻري ٻـ نٿي،
منهنجي ٽوڪان سوا سري ٻـ نٿي.

ٽوڪان ڪنجڻ تي آءٌ ويس ڪنجي،
تنهنجي يادن جي وير ۾ ونجي.
هي وڇوڙي جي جا گهڙي آهي،
ڪر انهيءَ ۾ وڃان سڙي ميڻجي.

ٻاهه آ پر ائين ٻري ٻـ نٿي،
منهنجي ٽوڪان سوا سري ٻـ نٿي.

**قاسم ساند** — **وائي**

اڪڙين آهن آگم لاتا، پيچ پنيءَ جون بوندون برسن،
توکي ڪل نہ ڪائي سهرين.

منهنجي من جي بن ۾ تنهنجي، چاهت جا ٽا چنگ چرن،
توکي ڪل نہ ڪائي سهرين.

تون جو ناهين منهنجي ويڙهي، ڇا ڇا آهي ڇانءَ نمن،
توکي ڪل نہ ڪائي سهرين.

تو جي مون وٽ يادون ڇڏيون، سي ٿي هينئڙي منجهہ هُرن،
توکي ڪل نہ ڪائي سهرين.

**منير سولنگي** — **غزل**

چنڊ ٽڪل ۽ گهايل رات،
توکي سارين ٿي پريات.

سونهن ۽ جوڀن جر تي قوتا،
ساجن تن کي ناهہ ثبات.

تنهنجا چيڪن دل ۾ ڍولڻ،
ليڻ ننڌاڪا قهري ڪات.

مون تي وجهہ تون نينهن نهار،
ٿڪن منهنجا ٿا جذبات.

دل جو درپن حاضر آهي،
مون وٽ ناهي ٻي سوغات.

منهنجو جيون سڏڪا، سڏڪا،
تنهنجو جوڀن ڏاتر ڏات.

اج بہ منير کي سهڻا سائين،
تنهنجي آهي هر هر تات.



Gul Hayat Institute

## اطهر منگي

غزل

آخري لڙڪُ ٻہ هاري ڇڏيم!
توکي ساري ۽ وساري ڇڏيم!

ياد پنهنجي ٻہ ڪڏهن ايندي۽ ڪيئن،
تنهنجو هر نقش ئي واري ڇڏيم!

تنهنجي اکين ۾ اهو عڪسُ ڪٿي،
تنهنجي اکين ۾ نهاري ڇڏيم!

چئن دل جو جي لٽيندا هُئا تن،
پنهنجي جذبن کي ئي ماري ڇڏيم!

پنهنجي گيتن کي نئون موڙ ڏئي،
مينڊ ڌرتي۽ جي سنواري ڇڏيم.

سُک جي آس ۾، سدا اطهر!
ڏُک جا ڏينهن، گذاري ڇڏيم.

## علي نواز "صابر" نظاماڻي

ڪافي

جهليو ڪير جيڏيون وڃان ڪيچ ڪاهي،
هتي هاڻ منهنجو رهيو ٻاقي ڇاهي؟

ڪري مانُ مُوران وساريان نہ ور کي،
ڇڏيو تي وڃان هاڻ هڪ جيڏيون گهر کي،
وڃان ور جي پنيان لاڳاپا پيا لاهي.

پياري پنهل کي ڏسان ڏينهن ڏوري،
پرين جي پسڻ ري۽ اڇان ڪين اوري،
جدائي جي جنجل ڇڏي جان ڳاهي.

پنهون جي وڇو تي ڪريان آئون ڳولا،
لکيا منهنجي قسمت ۾ ڪاتب هي۽ رولا،
لکيو لوح ۾ جو آهو ڪير ڊاهي.

سچڻ لاء "صابر" سڪايل سدائين،
ڏئي مون کي منٺار منهنجو ملائين،
اهو عرض آڪا تنهنجي در تي آهي.

Gul Hayat Instute

## ناظم منگي

غزل

تنهنجي آمد سان نظارن کي مليو آهي وجود،
بي سهارن جي سهارن کي مليو آهي وجود.

تول ٽٽي اڳتي تي هو نہ اڳ ۾ اعتبار،
تون جڏهن آئين تہ ٻارن کي مليو آهي وجود.

جن اميدن تي رهي پنهجي پريا ويا ويڙ ۾،
اڄ انهن ئي انتظارن کي مليو آهي وجود.

وصل خاطر ڪيئن نوان اقسام ڪيم ايجاد پر،
تن منجهان خالي اشارن کي مليو آهي وجود.

اڳ تہ گل، گل ئي نہ هو گلشن بہ هو ويران مگر،
مُرڪ تنهنجي سان بهارن کي مليو آهي وجود.

ناخدا ٿي ويو پريشان تيز طوفان کي ڏسي،
تو قدم رکيا ڪنارن کي مليو آهي وجود.

حُسن جو ئي حُسن وارن قدر ڪيرائي ڇڏيو،
تنهن ڪري ڪوجهن ۽ ڪارن کي مليو آهي وجود.

روشني سج کان ملي تي چنڊ کي، اهڙي طرح،
سونهن تنهنجي سان ستارن کي مليو آهي وجود.

ميٺ ماٺهن مان محبت جو مزو ويو آ ڇڏي،
جنهن ڪري ڪُوڙن ڪسارن کي مليو آهي وجود.

نينهن ۾ تنهنجي اڳيان ڏني نوڪري "ناظم" ٿيس،
خوب ٿيو جو خاڪسارن کي مليو آهي وجود.

Gul Hayat Institute

حيدر شاهه

## موتي

ڪنهنجي وفا جا نيڻ تميا
هرڪو ڳوڙهو پريت هيو.
جن ۾ دک جو گيت هيو،
سورن جو سنگيت هيو
سمجهڻ چاهين ٿو جي چريا
سپَ جيان تون
هرهڪ ڳوڙهي ڪي اوڳاڇي
ڀنهنجي من ۾
پريت، وفا، ڏک ۽ سک جا
موتي ميڙ.

## محمد رمضان ڪمبوهه "زلفي"

غزل

محبت ۾ ٿي ويا فدا ڪهڙا ڪهڙا، وساري مون کان ٿيا خفا ڪهڙا ڪهڙا.
سدا ڪيا حسينن ستم عاشقن تي، فدا ٿي ويا با وفا ڪهڙا ڪهڙا.
جدائي ۾ تنهنجي وصل جي جنون ۾، ڪيا ڪل مون سجدا ادا ڪهڙا ڪهڙا.
پرستار هو دل انهي مهه جبين جو، ڪيا جنهن ٿي جورو جفا ڪهڙا ڪهڙا.
رهي ياد ۾ تنهنجي بي تاب هردم، گذاري ڇڏيم مرحلا ڪهڙا ڪهڙا.
ڏسي عاشقن جي جدائي جو منظر، ڪير روئي آهه و بڪا ڪهڙا ڪهڙا.
ويا دور گذري جواني جا يارو، اسان جا هُيا دلربا ڪهڙا ڪهڙا.
ٻڌي تو لئه طعنه رقيبن جا سهڻا، ٿيا "زلفي" ڪي وسوسا ڪهڙا ڪهڙا.

# کهاڻيون

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

ڏيئي پاڻ سان ڳوٺ وٺي ويا. شاهه صاحب شيرشاهه صاحب کي خانصاحب جو اعزاز مليل هو، ۽ بئنچ ماجسٽريٽ پڻ هو، سندس فرزند نورمحمد شاهه ڪوآپريٽو سوسائٽي ضلعي ٿرپارڪر جو آنريري آرگنائيزر هو. الحمد لله آءٌ روزي نماز جو بلڪل پابند هوس ۽ تهجد ڪونه ڇڏيندو هوس، جيڪو وقت ڊيوٽيءَ کان بچندو هو سو وري دوا درمل ڪرڻ ۽ ناهڻ ۾ صرف ڪندو هوس.

اپريل مهيني جي جمع جي رات هئي ته خواب ڏٺم ته همشيره صاحبه مون کي مبارڪ ڏيئي ننڍڙي نياڻي هنج ۾ ڏني جا همشيره صاحبه جي نياڻي جي شڪل تي آهي. مون به کيس مبارڪ ڏني ۽ انهي خوشيءَ ۾ جاڳي پيس، ڪلمو پڙهي خداوند پاڪ جو شڪرانو بجا آندم. صبح جو خيال آيم ته خواب آهي وقت به وضع حمل جو پورو آهي، ڳوٺ خط لکي خواب جو به احوال ڏيان ۽ لکان ته خواب سچو آهي ۽ نياڻي ڄائي آهي ته سندس نالو عظمت رکو. رسالي اڙدو ۾ مضمون عورتن جا ايندا هئا، عورتن جي نالن ۾ مون کي عظمت پسند هو ۽ دل ۾ چيو هوم ته نياڻي ڄائي ته عظمت نالو رکندوسانس. قدرت الله پاڪ جي جو ساڳي جمع جي ڏينهن بابا سائين خط لکيو جنهن ۾ نياڻي جي تولد ٿيڻ جي مبارڪ هئي ۽ مون کي لکيائون ته نالو جيڪو پسند ڪيو هجئي سو لکي موڪليو. اهو خط مون کي ٻئي ڏينهن ڇنڇر تي مليو ۽ منهنجو خط به کين ڇنڇر ڏينهن مليو. آءٌ جو ڏکڙي ۾ ست-اٺ مهينا ٻارن سان رهيو هوس سو ٻارن کان سواءِ ڏاڍو اڀاڻڪو هوس.

٨٤ ميل تي ڪا اهڙي جاءِ ڪانه هئي جو ٻارن سان رهي سگهجي، ان ڪري خيال ڪيم ته ميرپورخاص ۾ جاءِ مسواڙ تي وٺي اتي رهجي ته گهڻي سهوليت ۽ اطمينان ٿيندو. شام جو گاڏي ميرپورخاص وڃي ٿي ۽ صبح جو واپس اچي ٿي، آءٌ روزانو نه ته به هڪ نه ٻئي ڏينهن سولائي سان ميرپور اچي وڃي سگهندس ۽ جيڪڏهن ڪو خاص ڪم نه هوندو ته رهندس ته ڪو هرج نه ٿيندو.

انهن ئي خيالن ۽ ويچارن ۾ هوس ته هڪ ڏينهن خانصاحب شيرشاهه ميرپورخاص وڃڻ لاءِ آيو، ايندي خواهه ويندي مهرباني ڪري مون وٽ ايندا هئا. مون سائنس صلاح طور ڳالهه ڪيدي ته فئملي سان اچڻ جي خواهش اٿم، هتي ته رهڻ جو سوال ئي ڪونه ٿو اٿي. ميرپورخاص جاءِ مسواڙ تي وٺي اتي اچي ٻارن سان رهان، شاهه صاحب ڳالهه ٻڌڻ سان فرمايو ته مسواڙ تي جاءِ ڇو وٺو، منهنجو بنگلو خالي پيو آهي، آءٌ مهينو اڌ ڪم ڪار سان وڃان ٿو نه ته بند پيو آهي. اوهان ٻار وٺي اچي رهو. بنگلي جو هڪ روم اتر کان جدا آهي، جنهن ۾ باٿ روم به آهي ۽ ان جو دروازو به الڳ اتر کان آهي، آءٌ ايندس ته ڪابه تڪليف ڪانه ٿيندي. سندس انهيءَ مهربانيءَ سان آفر ڪرڻ جو شڪريه به ڪيم ۽ ان سان گڏ عرض ڪيم اوهان صاحبن جي بيحد مهرباني، پر اوهان کي تڪليف نه ٿئي، جو ڪي دوست وغيره اچن يا رهن پيا ۽ بابا جو رهڻ وارو ڪوبه دوست ڪونه آهي، ملڻ وارا ايندا ته روم وڏو آهي، جنهن ۾ دوستن کي ملي سگهبو.

Gul Hayat Institute

ٻئي ڏينهن جناب حضرت قبله گاهه صاحب جن کي اِهو احوال ڏنم ۽ عرض ڪيم ته جيڪڏهن اوهان صاحب ڳالهه قبول ڪيو ته پوءِ اتي وارو دڪان بند ڪيو ۽ سامان وغيره نيڪال ڪيو ته پوءِ دڪان هت ميرپورخاص ۾ ڪڍجي ۽ سيئي هتي رهي سگهنداسون جنهنڪري وڏيڪ سهولت ٿيندي.

برادرم علي محمد نوشهري مدرسي ۾ پڙهندو هو ۽ هاسٽل ۾ رهندو هو تنهنڪري ڪو به فرق ڪونه پيو. جناب حضرت قبله گاهه صاحب جن اِها ڳالهه قبول ڪئي ۽ بيحد خوش ٿيا ته سڀ گڏجي رهنداسون ته پيو چا گهرجي، ان بعد سيپٽمبر مهيني ۾ سيئي ٻار ونئي ميرپورخاص آيس. آءٌ جو ٿورو گهڻو ڪم حڪمت جو به ڪندو هوس، سو ٨٤ ميل تي ڪندو رهيس ته گهڻو ڪري روزانه نه ته هڪ نه ٻئي ڏينهن شام جو ميرپورخاص ايندو هوس ۽ دڪان لاءِ به ڪوشش ڪيم. خداوند جي فضل سان ٻن هفتن اندر دڪان به سٺي هنڌ تي نئين شهر ۾ اسٽيشن روڊ لڳ ملي ويو. ٻه-ٽي سال ٿيا ته پٺوري جو مدرسو ميرپورخاص شفٽ ٿي آيو هو، گهڻا شاگرد ٻهراڙي جا هئا جن لاءِ بورڊنگ هو. ان وقت مدرسي جو هيڊ ماسٽر مسٽر انصاري صاحب هو ۽ مدرسي چڱي ترقي ڪئي هئي. ميرپورخاص ۾ ڪنهن به مسلمان جو ڪو دڪان ڪونه هو سواءِ ممون جي، جو حيدرآباد جو ويٺل هو، جنهن جو اسٽيشن تي جنرل دڪان سان گڏ سوڊا ليمن جي به مشين هئي، سنڌس روز واٽر نهايت پسند ۽ سٺو هو. ان ڪري شام جو شاپ جي ٻاهران ڪرسيون رکيل هونديون هيون ۽ تمام گهڻا شوقين پاڻيءَ جا پياسي سنڌس روز واٽر پي خوش رهندا هئا. اڄان تائين اهو دڪان آهي ۽ اڳئين کان به وڌيڪ سجايل آهي ۽ سنڌس پٽ سنڀالين ٿا.

باقي هڪڙوئي دڪان ڪرياني جو اسان جو هو، مدرسي جي بورڊنگ لاءِ اٽو، چانور، گيهه وغيره جيڪي کپندو هو سو بورڊنگ جو سپرنٽينڊنٽ صاحب اسان جي دڪان تان گهرائيندو هو، جنهنڪري دڪان به چڱي ريت هلڻ لڳو، اندازاً هڪ سؤ ڪن رپين جو روزانه وڪرو ٿيندو هو.

ٻارن سان اچڻ ۽ دڪان به چڱيءَ ريت هلڻ ڪري مون کي به اچي خيال ٿيو ته حڪمت جو دڪان ڇو نه هلايو وڃي، پنجن-ڇهن سالن جو تجربو به هو. وري جو شيخ دين محمد اسان جي ڳوٺ جي نئين مسلم سان ملاقات ٿي، اهو ان وقت حڪيم شمس الدين صاحب وٽ حيدرآباد ۾ ڪم ڪندو هو. دوا سازيءَ ۾ مريضن کي دوائون ڏيڻ جو آزمودو هوس. ان گهڻو همٿايو ۽ چيائين ته آءٌ دواخاني جو ذمو کڻان ٿو، گڏجي ڪم ڪيون حڪيم صاحب کان آءٌ اجازت وٺندس، انهيءَ همٿ ڏيارڻ ۽ مشوري تي اِهو فيصلو ڪري مون پهريائين هڪ هفتي جي موڪل ورتي، پوءِ تن مهينن جو ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ ڏيئي دواخانو شروع ڪيوسين. خداوند جي فضل و ڪرم سان دواخاني لاءِ جامع مسجد ميرپورخاص جي دڪانن سان پهريون دڪان ملي ويو، جنهن ۾ پهريائين مسلمان اخبار جي پريس هئي ۽ جناب محمد هاشم مخلص جي زير ادارت مسلمان اخبار نڪرندي هئي. پريس ۾ رهڻ لاءِ مخلص صاحب کي وڏيءَ



Gul Hayat Institute

موپاسان

## ڄام وقار حسين قادري

# قبر

سترهين جولاءِ ١٨٩٣ع جو، رات جو اڍائين لڳي، بيزير قبرستان جي چوڪيدار، جيڪو قبرستان جي پير ۾ هڪڙي ننڍڙي جاءِ ۾ رهندو هو، جي اک سندس ڪتي جي ڀونڪڻ جي آواز تي کلي ويئي.

هو يڪدم هيٺ لهي ايو ۽ ڏٺائين، هن جو ڪتو در جي هيٺان ڪا شئي سنگهي ۽ ڇتي نموني ڀونڪي رهيو هو، ائين ٿي لڳو ڄڻ ڪوئي گهر جي ويجهو گهمي رهيو هو. وسيٽ، چوڪيدار، پنهنجي بندوق کڻي ۽ خبرداريءَ سان ٻاهر نڪري آيو. هن جو ڪتو جنرل بانبٽ جي مقبري جي طرف ڊوڙيو ۽ مئڊم ٽامانشو جي قبر وٽ اچي بيٺو.

چوڪيدار نهايت خبرداريءَ سان وک وڌائڻ لڳو، جلد ئي هن کي مالينور جي مقبري جي ويجهو هلڪي روشني ڏسڻ ۾ آئي. هو قبرن جي وڏن پٿرن جي پنيان لڪي پيو ۽ هن کي نهايت ڀوائتو ۽ بي حرمتيءَ وارو منظر نظر آيو.

هڪڙي نوجوان، هڪڙي عورت جو لاش، جيڪو ڪالهه پوريو ويو هو، کي کوٽيو هئو ۽ هاڻي ان کي قبر کان ٻاهر ڇڪي رهيو هو. هڪڙي ننڍڙي هٿ بتيءَ جي روشنيءَ ۾، جيڪا کوٽيل مٽيءَ جي ڍيگ جي مٿان پئي هئي، هي ڀوائتو نظارو هن کي صاف ڏسڻ ۾ ٿي آيو.

وسيٽ چوڪيدار، ٽپو ڏئي اچي مجرم جي مٿان پيو ۽ هن کي پٽ تي ڪيرائي، هن جا هٿ ٻڌي پوليس ٿاڻي تي وٺي آيو.

هو شهر جو مشهور نوجوان وڪيل هو، جيڪو معزز ۽ مالدار ليکيو ويندو هو. هن جو نالو ڪوريٽنيل هو.

هن تي مقدمو هلايو ويو. سرڪاري وڪيل لاش جي بي حرمتيءَ واري منظر کي نهايت ڀيانڪي ۽ اهڙي پراثر انداز سان بيان ڪيو، جو ماڻهن ۾ نوجوان وڪيل جي خلاف غم ۽ غصو پيدا ٿي ويو. ماڻهو مئجسٽريٽ ڏانهن منهن ڪري رڙيون ڪرڻ لڳا، ”هن کي موت جي سزا ملڻ کپي! موت جي سزا ملڻ کپي!“ مئجسٽريٽ وڏي تڪليف سان ماڻهن کي ماٺ ڪرايو. پوءِ نهايت سنجيده انداز ۾ چيو، ”مجرم، توکي پنهنجي بچاءُ ۾ ڇا چوڻو آهي؟“



Gul Hayat Institute

# مـــقــالا

Gul Hayat Institute

# پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس جي ڊائريڪٽر جنرل جي بورڊ ۾ آمد



سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس ۾، ساڄي کان کاٻي:

١. جناب مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو سنڌ.

٢. جناب مسيح الدين احمد صديقي، ڊائريڪٽر جنرل، پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس، اسلام آباد.

٣. جناب غلام رباني آگرو، سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو سنڌ.



”باب - قليچ“ ٽنڊو ٺوڙهي، حيدرآباد ۾ شمس العلماء ميرزا قليچ بيگ مرحوم جي لئبرريءَ ۾، ساڄي کان کاٻي:

١. جناب غلام رباني آگرو، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، سنڌ.

٢. جناب مسيح الدين احمد صديقي — ڊائريڪٽر جنرل، اڪيڊمي آف ليٽرس، اسلام آباد.

٣. جناب مرزا اسد بيگ، فرزند مرزا قليچ بيگ.

٤. پٺيان بيٺل — محمد حبيب بيگ فرزند مرزا اسد بيگ صاحب.

Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

# سپہ سالار دريا خان جو حسب نسب

دريا خان وڏو محب وطن، مُدبّر ۽ سورهيہ سپهہ سالار هو. سندس خداداد اهليت ۽ لياقت کان متاثر ٿـي سلطان ڄام نظام الدين کيس پنهنجو پٽ ڪري سڏيو. سنڌ جي تاريخ ۾ سندس اعليٰ ڪردار مشهور ۽ مڃيل آهي ۽ سندس عظمت ڪنهن بہ بيان جي محتاج ناهي.

باوجود انهيءَ جي، هن عظيم شخصيت جي حسب نسب ۽ خاندان بابت ڪوبہ تصديق جهڙو احوال موجود ناهي، ۽ نڪا وري انهيءَ باري ۾ اڄ تائين ڪا خاص تحقيق ڪئي ويئي آهي.

حقيقت هي آهي تہ دريا خان جي تاريخي شخصيت قصن ڪهاڻين ۽ ڏند-ڪٿائن ۾ ڍڪجي ويئي!

سنڌ جي تاريخن (تاريخ معصومي، بيگلارنامي، تاريخ طاهري ۽ تحفة الڪرام) ۾ هن مدبر وزير ۽ سورهيہ سپهہ سالار جو ذڪر موجود آهي. تاريخ معصومي موجب دريا خان، ڄام لدي جو اعتبار وارو غلام هو. 'تاريخ طاهري' موجب سندس اصل نالو 'قبوله' هو، ۽ هو پهريائين ڄام لدي جي وزير لڪدير جو نوڪر هو. ڪنهن چڙهائي وقت ڄام کي سخت آڃ لڳي ۽ پاڻي گهريائين. ان وقت پيو ڪو خاص ماڻهو موجود ڪونہ هو، انهيءَ ڪري لڪدير پنهنجي هن غلام کي پاڻي آڻڻ لاءِ چيو. هو پيالو پري مٿان ڪک ذرا وجهي ڪٺي آيو. ڄام پڇيو تہ 'پاڻيءَ ۾ هي ڪک ذرا ڇو آهن؟" هن جواب ڏنو تہ: 'سائينجن کي سخت آڃ لڳي آهي ۽ هي ڪک ذرا مون پاڻ وڌا آهن، انهيءَ لاءِ تہ ڌيري ڌيري پاڻي پيو، مٿان ڪا تڪليف نہ ٿئي' هيءَ ڪا ايڏي وڏي ڳالهہ ڪانہ هئي، پر هن نوجوان جو بخت جاڳيو، ۽ ڄام اهڙو تہ خوش ٿيو جو وزير کان هن جي پاڻهن وٺي، کيس پنهنجي نوڪريءَ ۾ رکيائين ۽ کيس خاص تربيت ڏياريائين. هي نوجوان اهڙو تہ لائق ماڻهو جو ڄام نندي کيس پنهنجو خاص وزير مقرر ڪيو، 'مبارڪ خان' جو خطاب ڏنائين ۽ پنهنجي پٽن ۽ عزيزن کان وڌيڪ سندس عزت ۽ مان رکيائين. جيتوڻيڪ ڄام نندي جي دربار ۾ دلشاد وزير جهڙا لائق ۽ فائق امير موجود هئا، مگر نوجوان 'دريا خان' سڀني کان گوءِ ڪٺي ويو. باوجود پنهنجي ولي عهد صاحبزادي ڄام فيروز جي، ڄام نندي حڪومت جون واڳون دريا خان جي حوالي ڪيون، جنهن سڄو ملڪ، ملتان کان وٺي قندار تائين ۽ مڪران کان وٺي ڪڇ تائين، اهڙو تہ مطيع ڪيو،



خان اعظم دولهہ دريا خان شهيد جو آخري آرام گاهہ. (مڪلي، ٺٽو)

Gujarat Institute

جو جيڪڏهن اڏيءَ جو به ڄام جو ڪو ماڻهو ڪنهن زميندار يا غريب وٽ ٿي پهتو ته ان دل و جان سان جيڪو حڪم ٿي ٿيو ان جي بجاوري ٿي ڪئي. صوبي سيوهڻ جي پرڳڻي باغبان ۾ دريا خان جو ايڏو ته رعب هو، جو ديڏيي سان سندس اچڻ جو پڌندي پيٽ وارين زالن جا پار ٿي ڪيريا. سندس چڙهاين جي هيبت اهڙي ته مشهور ٿي ويئي جو روئندڙ ٻارڙن کي مائرون چونديون هيون ته 'اجهو دريا خان آيو—' ته پڌنديئي چپ ٿي ويندا هئا(۱).

ڄام نندي جي حڪومت (۸٦٦-۹۱۴هه) جي پوئين دور ۾ شاهه بيگ ارغون قنڌار مان چڙهائي ڪئي ۽ شالڪوٽ (ڪوئيٽا) فتح ڪري، بولان دَري مان لنگهي اچي سنڌ جي قلعي سبي تي حملو ڪيائين. ڄام ندي جي پاران اتي بهادر خان نالي حاڪم هو، جنهن کي شاهه بيگ شڪست ڏني ۽ پنهنجي پاران سلطان ابو محمد مرزا کي اتي مقرر ڪري، پاڻ واپس قنڌار موٽي ويو. ڄام نندي، هتان دريا خان ۽ سارنگ خان کي لشڪر ڏيئي روانو ڪيو. دريا خان اهڙي ته همت ۽ بهادريءَ سان وڃي مغلن جي لشڪر جو مقابلو ڪيو، جو جنگ ۾ شاهه بيگ جو ڀاءُ مارجي ويو ۽ مغلن جي لشڪر ڀڄي وڃي قنڌار ۾ ساهه کنيو، ۽ ڄام ندي جي عهد ۾ وري سنڌ جو رخ نه ڪيائون. دريا خان جڏهن هن شاندار فتح بعد سڄي سنڌ مان سفر ڪندو ٺٽي پهتو هوندو، تڏهن جي خوشيون ٿيون هونديون ۽ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ماڻهن ويهي جيڪي مقالون ڪيون هونديون، سي قصن ۽ داستانن کان گهٽ نه هونديون!

ڄام ندي سنه ۹۱۴هه ۾ وفات ڪئي ۽ سندس پٽ ڄام فيروز گاديءَ تي ويٺو، پر منجهس حڪومت هلائڻ واريون صلاحيتون ڪين هيون. هن کي هوس ٿيو ته دريا خان کان انتظام جون واڳون کسي پنهنجي حوالي ڪري. هن اهڙا قدم کنيا جو ملڪي نظام ۾ خلل پيدا ٿيو. دريا خان هي حالت ڏسي وڃي سيوهڻ طرف پنهنجي 'ڪاهان' واري جاگير تي گوشه نشين ٿي ويٺو. ڄام فيروز جي ڪرتوتن سببان ملڪ ۾ وڳوڙ پيدا ٿيو ۽ ڄام صلاح الدين ڪڇ مان ڪاهي آيو ۽ اچي ٺٽي تي قبضو ڪيائين. انهيءَ تي ڄام فيروز جي ماءُ، دريا خان وٽ ميڙ ٿي آئي؛ جنهن تي هن وفادار وزير لشڪر گڏ ڪري پنهنجي حڪمت عملي سان ڄام صلاح الدين کي بي دخل ڪري ڀڄائي ڪڍيو، ۽ ملڪ جي نظام کي پنهنجي هٿ ۾ رکيائين. انهيءَ واقعي کان پوءِ به ڄام فيروز سنئين راهه تي نه هليو، ۽ دريا خان جي بدران ڪن مغلن اميرن تي اعتماد رکيائين ۽ انهن کي ٺٽي ۾ رهايائين؛ هنن شاهه بيگ ارغون کي اندروني حالتن کان واقف ڪري، سنڌ فتح ڪرڻ جو پيغام موڪليو.

سنه ۹۲٦هه ۾ شاهه بيگ وڏو لشڪر وٺي ڪاهي آيو ۽ اچي ٺٽي کي گهيرو ڪيائين. دريا خان سنڌ جي لشڪر جي سپهه سالاري ڪندي سندس سامهون ٿيو ۽ وڏا مقابلا ٿيا، پر آخر ۾ شاهه بيگ جي لشڪر کي ڪاميابي حاصل ٿي. گجرات جي هڪ همعصر مؤرخ عبدالله مَڪيءَ"

---

(۱) "تاريخ طاهري" (فارسي متن) ڇاپيل سنڌي ادبي بورڊ ۱۹٦۳ع، ص ۵۵-۵٦.

میر فتح خان لاشاري
(سیستان مڪران طرف سردار)

میر عبدالرزاق | میر معین خان

میر خضر خان

میر گولا خان

میر خضر خان

میر سارنگ خان

میر لوَنگ خان

قبول خان عرف دریا خان | سارنگ خان

سارنگ خان ۽ دریاخان ٻنهي کي اولاد ٿيو. دریاخان جا ٻه پٽ محمود خان ۽ مٺن خان ٻئي پوءِ مقابلا ڪندي شهيد ٿي ويا. دریاخان جا پيا پٽ ٻه هئا جن جي جاگير مغلن بحال رکي. انهن جي اولاد مان علي محمد خان گنج-آبه (گنداوا) ۾ هڪ ننڍي رياست قائم رکي. علي محمد خان کان پوءِ سندس پٽ مراد خان ان رياست جو حاڪم ٿيو. مراد خان جو پٽ دریا خان (پيو) ٿيو جنهن تي وڏي دریاخان جو نالو هو. ان جو پٽ دلاورخان ٿيو, جنهن پوءِ "مالوهه" جي خود مختاري ڪئي.

سارنگ خان کي اولاد ٿيو ۽ اهو هيت سنڌ ۾ رهيو. اهو هن وقت هڪ وڏو پاڙو آهي، اهي سندن وڏي ڏاڏي سارنگ خان جي نالي پويان "سارنگاڻي لاشاري" سڏجن. (روايت پوري ٿي).

هيءَ روايت تفصيلي آهي ۽ قبيلي وارن ۾ سندن وڏن کان وٺي پيڙهي بپيڙهي هلندي اچي. هيٺ اسان تاريخي حوالن ۽ ٻين دليلن جي روشني ۾ هن روايت جو تجزيو ڪنداسون.

Gul Hayat Institute

سيد حسام الدين راشدي

# ٺٽگر ٺٽي ۾ تصنيف ۽ تاليف جو جائزو

سنڌ جو جهونو تخت گاهہ ٺٽگرٺٽو، اسلامي تاريخ جي انهن مردم خيز ۽ تاريخ ساز شهرن منجهان هڪ هو، جتي اسلامي تهذيب، تمدن ۽ ثقافت نہ رڳو جنم ورتو، پر آتي انهن جو نشوونما بہ ٿيو.

وسنديءَ واري دؤر ۾ هن شهر اندر لاتعداد مدرسا، سوين خانقاهون ۽ ديني ۽ ذهني تربيت جا مرڪز موجود هئا، جتي وقت جا ناميارا صوفي ۽ دين جا عالم الله جي ٻانڌن کي سنئين واٽ ڏيکارڻ ۾ مصروف رهندا هئا. اديب، شاعر، خطاط، علم جا صاحب ۽ قلم جا ڌڻي انهيءَ پايي ۽ مرتبي جا موجود هئا، جن جي هڪ سنڌن ڪارنامن سڀان ديسان ديس پکڙيل هئي — ٺٽگر ٺٽي جو نالو بلاشڪ صدين تائين اسلامي دنيا جي تهذيبي مرڪزن، جهڙوڪ: سمرقند، بخارا، بغداد، دمشق وغيره جي هم صف ۽ هم وصف رهيو آهي.

ٺٽي اسان ٺٽي ۾ تصنيف ۽ تاليف ٿيل ڪتابن جي فهرست — حاڪماڻي دؤرن جي تحت — ڏئي رهيا آهيون، جنهن جي ذريعي انهيءَ شهر جي علمي ۽ تهذيبي خدمتن جو هڪ سرسري نقشو ذهن ۾ ويهاري سگهجي ٿو. هيءَ فهرست توڙي جو مڪمل نہ آهي — ۽ نہ مڪمل فهرست هيترين صدين ۽ بربادين بعد ممڪن ٿي سگهي ٿي — تنهن هوندي بہ علمي ۽ ادبي تاريخ ۽ تحريڪن سان دلچسپي رکندڙ دوستن لاءِ هيءَ فهرست ضرور ڪارائتي ثابت ٿيندي. مٿس هڪ نظر وجهڻ سان معلوم ٿي ويندو تہ مختلف حڪومتن هيٺ علم جي ڪهڙي صنف زياده مروج رهي، جنهن مان ان وقت جي معاشري، رجحان ۽ ذهني ۽ تهذيبي پس منظر جو اندازو آسانيءَ سان ڪري سگهجي ٿو.

فهرست ارغون دؤر کان شروع ٿي، انگريزي عهد تائين اچي ٿي. انهيءَ کان اڳ يعني سومرن ۽ سمن جي زماني جو علمي اثاثو ارغونن ۽ مغلن جي لشڪر ڪشين سبب تباهہ ۽ برباد ٿي ويو، تنهن ڪري چئي نٿو سگهجي تہ انهن زمانن ۾ تصنيف ۽ تاليف جي ڪهڙي

● **شاهہ جهانگير هاشمي** (المتوفي ٩٤٦ هہ)

(١) مثنوي مظهر الآثار ٩٤٠ هہ (فارسي) **(١)**

● **شيخ عبدالوهاب پوراني** (المتوفي ٩٧٣ هہ)

(١) فتاويٰ پوراني **(٢)**

● **فخري هروي** (معاصر شاهہ حسن ارغون و عيسيٰ ترخان)

(١) تذڪرهٔ روضة السلاطين **(٣)** (فارسي تاليف) ٩٥٨ هہ موشح بہ شاهہ حسن ارغون

(٢) صنايع الحسن **(٤)** (فارسي) تاليف بعد از ٩٥٨ هہ موشح بہ شاهہ حسن ارغون

(٣) جواهر العجائب (فارسي) تاليف ٩٦٢ هہ بنام حاجي ماه بيگم زوجہ ميرزا عيسيٰ ترخان

● **علامہ قاضي محمود ٺٽوي** (معاصر عيسيٰ و باقي)

(١) تذڪرة الاوليا (فارسي)

(٢) شرح العقد (عربي) **(٥)**

(٣) حواشي شرح زبدة المنطق (عربي)

● **ملا عبدالعلي ٺٽوي** (معاصر باقي)

(١) ساقي نامہ (فارسي)

● **سيد علي ثاني** (المتوفي ٩٨١ هہ)

(١) آداب المريدين سنہ ٩٥٤ هہ (عربي)

(٢) سسئي پنهون (نثر-فارسي) **(٦)**

---

**(١)** اها مثنوي راقم الحروف سنڌي ادبي بورڊ جي ذريعي شايع ڪئي آهي.

**(٢)** مخدوم محمد هاشم جي مطالعي ۾ هئي. هن وقت ڪٿي بہ موجود ڪونہ آهي.

**(٣)** جن بادشاهن، شاهزادن ۽ اميرن فارسي ۽ ترڪيءَ ۾ شاعري ڪئي آهي، انهن جي حالات ۾ هي تذڪرو آهي، جيڪو مولف شاهہ حسن ارغون جي چوڻ تي ٺٽي ۾ لکيو. راقم الحروف اهو تذڪرو سنڌي ادبي بورڊ جي ذريعي شايع ڪيو آهي.

**(٤)** هي مختصر ڪتاب ساڳي مولف شاهہ حسن جي حڪم تي فن عروض ۽ صنايع بدايع ۾ لکيو آهي. منجهانس اقتباس روضة السلاطين جي مقدمي ۾ ڏنا ويا آهن. ٽيون نمبر ڪتاب (جواهر العجائب) بہ دفعا ڇپيو آهي. ٽيون دفعو راقم جي تصحيح سان، روضة السلاطين سان گڏ ڇپيو آهي.

**(٥)** ڪتاب ٢ حڪيم محمد احسن وٽ هو، جيڪو سندس خانداني ڪتبخاني مان آيل هو. ڪتاب ٣ مولوي قاسمي صاحب وٽ آهي ۽ ڪتاب ٤ پير جهنڊي جي ڪتبخاني ۾ آهي.

**(٦)** سيد عليءَ سسئي پنهون جو اهو قصو هڪ سنڌي زبان جي منظوم تصنيف (قصهٔ سسئي پنهون) فارسي نثر ۾ ڪيو، جنهن تان وري رضائي ٺٽوي "مثنوي زيبا نگار" تصنيف ڪئي.



Gul Hayat Institute

● **علامه قاضي نعمت الله عباسي** (معاصر باقي)
(ثاني- بن قاضي سائينڏنو بن قاضي نعمت الله اول)
(١) جواهر التحقيق شرح المبدع و المعاد
(٢) رساله في خلق الاعمال
(٣) شرح زوراء دواني

● **سيد محمد هاشم بن سيد محمد الحسيني** (معاصر مرزا جاني)
(١) سِيَرُ السلاطين (فارسي) **(١)**

● **ملا مقيم ٺٽوي** (معاصر جاني)
(١) مثنوي ترنم عشق (فارسي) **(٢)** (١٠٠٠ هه کان ڪي سال اڳ تاليف ٿيو)

● **سيد عبدالقادر بن سيد محمد هاشم (صاحب سير السلاطين) بن سيد محمد الحسيني** (معاصر جاني و اڪبر)
(١) حديقة الاوليا سنه ١٠١٦ هه (فارسي) **(٣)**

● **ادراڪي بيگلاري** (معاصر شاهه قاسم ارغون)
(١) مثنوي چنيسر نامه سنه ١٠١٠ هه **(٤)** (فارسي)
(٢) تاريخ بيگلرنامه **(٥)** (فارسي)

● **ميرزا غازي وقاري** (المتوفي سنه ١٠٢١ هه)
(١) ديوان وقاري (فارسي) پنج هزار بيتن کان زيادهه سندس ديوان چيو ويو آهي.
(٢) ساقي نامه (فارسي)

● **محمد بن بايزيد پوراني ٺٽوي**
(١) نصرت نامه ترخان ج اول دربيان تاريخ ارغون تا وفات شاهه حسن ارغون **(٦)**.

---

**(١)** هي ڪتاب ميرزا جانيءَ جي نالي معنون ٿيل آهي. هن بزرگ پنهنجي نياڻي سيد احمد شيرازيءَ کي ڏني، جنهن مان سيد مراد شيرازيءَ جو خاندان شروع ٿيو.
**(٢)** مومل مينڌري جو قصو مثنويءَ ۾ بيان ڪيل آهي.
**(٣)** هي سنڌ جي بزرگن جو نظم ۽ نثر ۾ تذڪرو آهي، مرزا خسرو چرڪس جي نالي معنون آهي، راقم هن کي سنڌي ادبي بورڊ جي ذريعي شايع ڪيو آهي.
**(٤)** راقم الحروف هي مثنوي بورڊ ذريعي شايع ڪئي آهي. هيءَ مثنوي ابوالقاسم بيگلار جي نالي معنون ٿيل آهي.
**(٥)** هي ڪتاب بيگلار خاندان جي تاريخ آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ان کي سنڌي ادبي بورڊ جي ذريعي شايع ڪري رهيو آهي.
**(٦)** مصنف پنجاهه سال ارغونن ۽ ترخانن سان گڏ رهيو. نهايت مفصل ۽ قيمتي ڪتاب آهي. هن جو هڪ نسخو عليگڙه ۾ آهي.



Gul Hayat Institute

● **مير غروري ڪاشاني ٺٽوي** (معاصر ميرزا باقي)

(١) ديوان غروري (مير قانع سمورو ديوان مطالع ڪيو هو).

## مغليه دور

## (١٠٢١–١١٥٠هه/١٦١٢–١٧٣٧ع)

● **ملا احمد ٺٽوي بن قاضي نصرالله** (معاصر اڪبر) قتل ٩٩٦ هه.

(١) تاريخ الفي ١٠٠٠ هه (فارسي).

(٢) خلاصة الحيوة (فارسي)(١).

● **محمد طاهر نسياني ٺٽوي** (معاصر جهانگير و شاهه جهان).

(١) تاريخ طاهري ١٠٣٠ هه (٢) (فارسي).

(٢) مثنوي ناز و نياز(٣) (فارسي).

● **مير محمد منعم حسيني ولد غروري ڪاشاني** (عهد اڪبر).

(١) ديوان حسيني (فارسي).

● **ميرڪ يوسف بن ابوالبقا اميرخان** (عهد شاهه جهان).

(١) تاريخ مظهر شاهجهاني ١٠٤٠ هه (٤) (فارسي).

● **قاضي ابراهيم (امين الملڪ) ٺٽوي** المتوفي ١٠٧٣ هه.

(١) شرح مخزن الاسرار (يوسف خان والي ٺٽه (١٠٤١–١٠٤٩ هه) جي نالي معنون ٿيل آهي).

(٢) (٥)

● **علامه سيد عبدالرشيد ولد عبدالغفور الحسيني المدني التتوي** (المتوفي ١٠٦٩ هه).

---

(١) خلاصة الحيواة، ابوالفتح بن عبدالرزاق گيلاني المتوفي ٩٩٧هه جي نالي معنون آهي. ڪتاب ۾ هڪ فاتحه آهي، جنهن ۾ پنج فتح آهن ۽ هڪ مقصد ۽ هڪ خاتمو.

(٢) هيءَ تاريخ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌي ادبي بورڊ جي ذريعي شايع ڪئي آهي.

(٣) هي مثنوي عمر مارئيءَ جي قصي ۾ آهي.

(٤) هيءَ تاريخ راقم الحروف سنڌي ادبي بورڊ جي معرفت شايع ڪئي آهي. پهريون حصو آهي بادشاهه لاءِ نصيحتون ۽ ٻيو حصو آهي سنڌ جي تاريخ تي. تازو بورڊ ان جو سنڌي ترجمو پڻ شايع ڪيو آهي، جيڪو نياز همايونيءَ ڪيو آهي.

(٥) هي رسالو داراشڪوه جي نالي معنون ٿيل آهي.



Gul Hayat Institute

(۱) فرهنگ رشيدي ۱۰۶۴ھ (فارسي)(۱).
(۲) منتخب اللغات شاهجهاني ۱۰۴۶ھ (عربي)(۲).
(۳) رسالهٔ معربات.
(۴) رسالهٔ رشيدي (در علم مناظره).
(۵) تحفه رشيدي (۳).

## ● خواجه امان‌الله سيفي (معاصر شاهه جهان).

(۱) بهمن نامه (نظم فارسي) ست قصه.
(۲) هفت اختر (نثر فارسي) ست قصه.

## ● شيخ محمد رضا شهرتي (وفات بعد از ۱۰۷۱ھ).

(۱) ديوان شهرتي (فارسي).

## ● مير ابوالمڪارم شهود (المتوفي ۱۰۷۳ھ).

(۱) ديوان شهود (فارسي).
(۳) مثنوي پريخانهٔ سليمان (۴) (فارسي).
(۳) قصه بديع‌الجمال و سيف‌الملوڪ (فارسي ناتمام).

---

(۱) ايشاٽڪ سوسائٽي ڪلڪتي پنن جلدن (۷۲-۱۸۷۵ع) ۾ شايع ڪيو آهي. هن جو هڪ قديم قلمي نسخو بنگال ايشاٽڪ ۾ آهي، جنهن جي ڪتابت ۱۰۷۲ھ ۾ ٿيل آهي. اوراق ۳۰۵ آهن. (نمبر ۲۴-B-۱۴۳۱). ٻيو نسخو آهي، جنهن جي نظرثاني ۱۰۸۸ھ ۾ ٿيل آهي. (نمبر ۲۵ B-۱۴۳۲).

(۲) هيءَ لغت متعدد دفعا شايع ٿي آهي، هڪ ڇاپو نولڪشور وارن ۱۸۹۱ع ۾ ڪڍيو.

(۳) بنگال ايشياٽڪ سوسائٽيءَ ۾ هڪ ڪتاب آهي حدائق‌الشعر، فارسي شاعرن جي تذڪري ۾. مرزا اميربيگ بنارسيءَ جو لکيل (تاليف ۱۲۶۲ھ). ان جي ماخذن ۾ هن ڪتاب جو نالو به ڄاڻايو ويو آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ تحفه رشيدي بہ تذڪري جي قسم جو يا شعرن جي انتخاب جو ڪتاب آهي. ان جي ڪنهن بہ خطي نسخي جو پتو اجا ڪونہ آهي. حدائق‌الشعر جو نمبر آهي (۱۲۲-III-۲۰۲).

(۴) هن مثنويءَ جو هڪ قديم نسخو سنڌي ادبي بورڊ ۾ موجود آهي، جنهن مان ۱۸ ورق ڪتل آهن.

(٣) دستور دانش ڪبير ”

(٤) تحفۂ ڪامروپ ”

● **محمد افضل منشي ٺٽوي** (عهد عالمگير).

(١) منشات افضل (فارسي).

● **سيد نظام الدين ثاني شڪرالاهي** (عهد عالمگير).

(١) جامع فتويٰ عالمگيري.

● **مخدوم ابوالخير ٺٽوي** (عهد عالمگير).

(١) جامع فتويٰ عالمگيري.

● **ٻينگهراج** (زمانه ١١٠٣هه).

(١) مرآة الخيال (فارسي).

● **مير رضي الدين فدائي** (المتوفي سنه ١١٢٠هه).

(١) ديوان فدائي (فارسي).

● **عبدالواسع صوفي** (وفات ١١٢٧هه ڪان اڳ).

(١) شرح مخزن الاسرار (فارسي).

● **امين الدين خان حسيني اميرخاني** (المتوفي ١١٢٧هه).

(١) رشحات الفنون تاليف ١١٢٣هه (فارسي).

(٢) معلوماة الآفاق (١) (فارسي).

● **محمد حسين شوقي** (وفات ١١٢٧هه ڪانپور).

(١) مثنوي نغمات شوقي (فارسي).

(٢) مثنوي ناز و نياز (فارسي).

(٣) و ديگر مثنويات.

● **مير محمد حسين اشرف خان بن عبدالڪريم اميرخان**

(١) رقائم ڪرائم، اميرخان عبدالڪريم (٢).

---

(١) هن جو نهايت نفيس نسخو ١١٢٧هه جو لکيل لاهور يونيورسٽيءَ ۾ آهي. گويا هي نسخو مصنف جي زندگيءَ جو آهي (نمبر APC 2).

(٢) امير عبدالڪريم عالمگير جو اميرءِ ابوالبقا اميرخان جو پٽ هو. هي سندس خطن جو مجموعو آهي، جيڪي هن عالمگير جي طرفان لکيا آهن. سندس وفات بعد سندس پٽ مير محمد حسين اشرف خان انهيءَ کي جمع ڪيو. ان جا متعدد نسخا آهن.

Gul Hayat Institute

● **محمد شجاع ٺٽوي.**

(١) انشاء محمد شجاع (فارسي).

● **محمد شفيع ٺٽوي.**

(١) مجموعہ انشا دو جلد (فارسي).

● **محمد صالح ٺٽوي.**

(١) دستورالسياق (فارسي).

● **قاضي محمد ظهير ٺٽوي بن اسدالعلما قاضي عبدالغفار** (بزمان عالمگير).

(١) فتاواي ظهيري (فارسي).

(٢) حواشي برڪتب درسيه (عربي).

● **عبدالرسول بن ملا يوسف.**

(١) نفائس الافڪار في العرايس الا بڪار (فارسي).

● **عبدالوهاب بن عبدالرحمان.**

رساله در مذهب اماميه.

● **قاضي عطاء الله عطا عباسي** (از اولاد علامہ قاضي نعمت الله).

(١) ديوان عطا (فارسي).

● **محمد علي بن شيخ عبدالواسع صوفي.**

(١) تصانيف در اڪثر علوم.

● **محمد باقر جويا ٺٽوي.**

(١) ديوان جويا (فارسي).

● **ميان ابوالحسن ٺٽوي.**

(١) مقدمة الصلواة **(١)** (سندي).

● **فتح الله ولد ميان عبدالله.**

(١) ديوان**(٢)** (فارسي).

---

**(١)** هن بزرگ جي سنڌي مشهور آهي. هن جي گهر واريءَ جو ڀائيجو ميان عبدالله واعظ المتوفي ١١٦٧هہ اڃا ننڍو هو، جو هي بزرگ پوڙهو ٿيو. ميان عبدالله، قاضي يحيٰي جي وفات جي تاريخ ١١٣٧هہ (ر. ڪ. مقالات ٣٩٦) ۾ چئي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ميان ابوالحسن انهيءَ کان اڳ فوت ٿيو هوندو. هي ابوالحسن، ابوالحسن ڪبير بن عبدالهادي سنڌي المدني (المتوفي ١١٣٨هہ/١٧٢٥ع) کان مختلف آهي. بهرحال، هن بزرگ جيڪو مقدمة الصلواة لکيو، ان جو رد مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ لکيو. مخدوم محمد قائم وري ان جو رد لکيو.

**(٢)** مير قانع جو قول آهي تہ هن تمام وڏو ديوان پنيان ڇڏيو.

● ملا فيض الله

(١) مثنوي (فارسي)

● محمد شفيع بن شيخ محمد امين

متعدد تصنيفات.

● محمد اشرف بهجت بن قاضي محمد يعقوب بن قاضي قاضن بن قاضي محمد قاسم

(١) ديوان بهجت (فارسي).

● تحسين ملتاني نتوي (١).

(١) متعدد رسائل در فقه.

● ابوطيب سنڌي بن عبدالقادر

(١) شرح جامع الترمذي ٻه جلد ڇپيل.

(٢) حاشيه علي الدر المختار.

(٣) قرة الانظار شرح تنوير الابصار (پشاور ۾ موجود).

● عبدالسبحان نتوي

(١) ديوان حسيني (فارسي).

● مخدوم حسن بن الميدنم نتوي

(١) شرح شرعة الاسلام المسمي بموارد الشريعة.

● محمد تقي دوهائي نتوي

(١) شفاء السقيم.

(٢) دافع الامراض (٢).

## ڪلهوڙن جو دور

### (١١٥٠—١١٩٦هه/١٧٣٧—١٧٨٢ع)

● قاضي ميان غلام علي (المتوفي ١١٥٤هه).

(١) مثنوي (در بحر مثنوي مولانا رومي — نامڪمل).

● مولانا محمد قائم محدث (المتوفي ١١٥٧هه).

(١) تبيان الصواب في مناقب سعيدي الماب — مناقب — عربي.

---

(١) هن مصنف جو زمانو معلوم ٿي نه سگهيو، تنهنڪري اسان اندازي تي ڪيس مغليه دور ۾ داخل ڪيو آهي.

(٢) هي ٻيئي ڪتاب قاضي علي محمد نتويءَ ڪان نشنل ميوزم ورتا آهن.

Gul Hayat Institute

(٣٢) تهذيب الكلام

(٣٣) تفسيرالقرآن المعروف بالتفسير الهاشمي ( ع )

(٣٤) تحفةالقاري بمجمع المقاري ( ع )

## (ث)

(٣٥) ثمانية قصائد صغار في مدح النبي صلي الله عليه و سلم ( ع )

(٣٦) ثنائيات موطا امام مالک ( ع )

(٣٧) ثلاثيات الآثار بمحمد بن الحسن ( ع )

(٣٨) ثلاثيات صحيح البخاري ( ع )

(٣٩) ثلاثيات المعجم الصغير للطبراني ( ع )

## (ج)

(٤٠) جنات النعيم في فضائل القرآن الكريم ( ع )

(٤١) جمع اليواقيت في تحقيق المواقيت ( ف )

## (ح)

(٤٢) حديقة الصفا في اسماء المصطفي ( ع )

(٤٣) حيات القلوب في زيارة المحبوب (١) ( ف )

(٤٤) حيات القاري في اطراف البخاري ( ع )

(٤٥) حيات الصائمين (٢) ( ف )

(٤٦) الحجة القويه في الرد علي من قدح في الحافظ ابن تيميه ( ع )

(٤٧) حلاوت الفهم بذكر جوامع الكلم ( ع )

(٤٨) الحصن المنوع عما اورد علي من ادرج الحديث الموضوع ( ع )

(٤٩) الحجة القوية في مسئلة القطع بالا فضلية ( ع )

(٥٠) حاشيه بر تفسير هاشمي ( ع )

(٥١) الحجة الجلية في حكم كراهة سورء الاجنبية ( ع )

(٥٢) حمل السلاح علي معاند الاصلاح

## (خ)

(٥٣) خلاصة البيان في القرآن ( ع )

---

(١) هي كتاب ڇپيل آهي.

(٢) مولانا حماداللہ وٽ خوش خط نسخو هو. مخدوم مرحوم هن كتاب جي لکڻ ۾ ٽن كتابن مان مدد ورتي آهي: (١) شرح شرعة الاسلام المسمي بموارد الشريعہ از مخدوم ميٺڻ (محي ڏنو) ٺٽوي (٢) فتاوي پوراني از شيخ عبدالوهاب پوراني (٣) المتانة بوبكاني.

(٧٦) رفع‌الغين عن مسئلة الجمع بين العمتين ( ع )

(٧٧) رفع‌النصب لتكثير التشهدات في‌المغرب ( ع )

(٧٨) راحة‌المومنين (ذ بح - شڪار جي سلسلي ۾ ) (١١٣٠هـ) ( س )

(٧٩) رشف‌الزلال في تحقيق في‌الزوال ( ف )

(٨٠) رسالة في وجوه قراءة الاٰية (١)

(٨١) رسالة في مسئلة‌السُّكر

(٨٢) الرحيق المختوم في وصل اسانيد‌العلوم

(٨٣) روضة‌الصفا في اسماء‌المصطفيٰ

## ( ز )

(٨٤) زاد‌السفينة في اسامي‌المد ينة ( ف )

(٨٥) زاد‌الفقير (روزن جا مسئلا - (١١٢٥هـ) ( س )

## ( س )

(٨٦) السيوف القاهره علي ساب الخمسة الطاهرة ( ع )

(٨٧) السيف الجلي علي ساب النبي ( ع )

(٨٨) سفينة‌السالكين الي بلد‌الله الامين ( ف )

(٨٩) السنة‌النبوية في حقيقة‌القطع بالافضلية

## ( ش )

(٩٠) الشفاء‌الدائم عن اعتراض‌القائم (مولوي قاسميءَ وٽ آهي) ( ع )

(٩١) الشفاء في مسئلة‌الراء (شوال ١١٤٧هـ) (٢) ( ع )

(٩٢) شفاء‌الجنان لاهل‌الصدق والايقان ( ع )

(٩٣) شد‌النطاق فيما يلحق من‌الطلاق ( ع )

## ( ط )

(٩٤) الطراز المُذَهّبُ في ترجيح‌الصحيح من‌المذهب

(٩٥) الطريق الاحمديه ( ع )

Gul Hayat Institute

## ( ع )

(٩٦) عين‌الفقه

---

(١) وَ اِنۡ مِنۡ اَهۡلِ الۡكِتَابِ.

(٢) هي رسالو منهنجي هڪ دوست پروفيسر خسرو وٽ ڪراچيءَ ۾ هو. هن جي حاشيه تي مخدوم پنهنجي هٿ سان پنهنجو نسب لکيو هو: محمد هاشم ابن عبدالغفور ابن عبدالرحمان ابن عبداللطيف ابن عبدالرحمان ابن خيرالدين السندي البتورائي ثم‌البهرامغوري ثم‌التتوي.

## ( غ )

(۹۷) غنية الظريف بجمع المرويات و التصانيف ( ع )

(۹۸) غاية النيل في اختصار الاتحاف والذيل ( ع )

## ( ف )

(۹۹) فاكهة االبستان ۱۱۳۲هه ( ع )

(۱۰۰) فتح الغفار لعوالي الاخبار ( ع )

(۱۰۱) فتح القوي في نسب آباء النبي ( ف )

(۱۰۲) فتح الكلام في كيفية اسقاط الصلواة و الصيام ( ف )

(۱۰۳) فتح العلي في حوادث سني نبوة النبي ( ع )

(۱۰۴) فتح الغلاف بموازين السبعة من الاوقاف ( ع )

(۱۰۵) فرائض الاسلام ( ع )

(۱۰۶) فرائض الايمان ( ع )

(۱۰۷) الفصل المبين بحل عقدة قولهم الشک لايزول اليقين ( ع )

(۱۰۸) فيض الغني في جواز نكاح البالغة بدون اذن الولي ( ع )

(۱۰۹) فيض الغني في تقدير صاع النبي صلي الله عليه وسلم ( ف )

## ( ق )

(۱۱۰) القول الانور في حكم لبس الاحمر ( ع )

(۱۱۱) القول المعجب في بيان كثرة تشهدات المغرب ( ع )

(۱۱۲) قال اقول

(۱۱۳) قوت العاشقين (اول بمبئي مان ڇپيو، پيو ڇاپو سنڌي مسلم ادبي سوسائٽي طرفان ڇپيو) ( س )

## ( ک )

(۱۱۴) كشف الغطا عما يحل و يحرم من النوح و البكا (۱) ۱۱۴۲هه ( ع )

(۱۱۵) كشف الرين عن مسئلة رفع اليدين ۱۱۴۹هه (علامہ ميمنيءَ وٽ هو) ( ع )

(۱۱۶) كشف الرمزعن وجوه الوقف علي الهمز ( ع )

(۱۱۷) كشف الستر في تقدير صدقة الفطر

(۱۱۸) كحل العين بمايقع من وجوه القراءة بين السورتين ( ع )

(۱۱۹) كفايت القاري (۲) ( ع )

---

(۱) في الرد علي الرسالة المسماة بقرة العين في البكا علي الحسين ملمخدوم محمد معين.

(۲) رساله منظوم در ذكر مشتبهات قرآن عظيم.



Gul Hayat Institute

● **مخدوم عبدالخالق ٺٽوي** (شاگرد مخدوم محمد هاشم)
مطلوب المومنين (مسائل) (۱۱۵۷هه)؛

● **مير محمود صابر** (المتوفي ۱۱۸۱هه).
(۱) ديوان (هندي)
(۲) ديوان (فارسي)
(۳) مراثي
(۴) روضة الشهداء

● **محمد پناهه رجا ٺٽوي** (المتوفي ۱۱۹۷هه).
(۱) ديوان رجا
(۲) بياض رجا (۱)

● **شيوڪ رام عطارد**
(۱) منشات عطارد
(۲) هير و رانجهه (۲)

● **غلام علي مومن** (معاصر قانع).
(۱) ديوان مومن

● **مير علي شير قانع** (المتوفي ۱۲۰۳هه).
(۱) ديوان مظهري ۱۱۵۲هه
(۲) مثنوي شمهٔ از قدرت حق ۱۱۶۵هه
(۳) مثنوي قضا و قدر ۱۱۶۷هه
(۴) نو آئين خيالات ۱۱۶۹هه
(۵) مثنوي قصهٔ ڪامروپ ۱۱۶۹هه
(۶) ديوان قال غم ۱۱۷۱هه
(۷) ساقي نامه ۱۱۷۴هه
(۸) واقعات حضرت شاه ۱۱۷۴هه
(۹) مثنوي چهار منزله ۱۱۷۴هه
(۱۰) تزويج نامه حسن و عشق ۱۱۷۴هه

---

(۱) رجا جي هٿ اکربن ۾ بياض سنڌي ادبي بورڊ ۾ موجود آهن.
(۲) ڪلهوڙن جي تاريخي خطن جو مجموعو نهايت قيمتي آهي. هير رانجهي جو قصو نثر ۾ ميان سرفرازخان عباسيءَ لاءِ لکيو هئائين.

Gul Hayat Institute

(۱۱) اشعار متفرقه در صنايع و تاريخ ۱۱۷۴هه
(۱۲) بوستان بهار عرف مکلي نامه ۱۱۷۴هه (۱)
(۱۳) تذکره مقالات الشعرا ۱۱۷۴هه (۲)
(۱۴) تاريخ عباسيه منظوم ۱۱۷۵هه
(۱۵) تاريخ عباسيه نثر ۱۱۷۵هه
(۱۶) تحفةالڪرام (ٽي جلد) ۱۱۸۱هه (۳)
(۱۷) مثنوي اعلان غم ۱۱۹۲هه
(۱۸) زبدة المناقب ۱۱۹۲هه
(۱۹) مثنوي مختارنامه ۱۱۹۴هه
(۲۰) نصاب‌البلغا لغت ۱۱۹۸هه
(۲۱) مثنوي ختم‌السلوک ۱۱۹۹هه
(۲۲) طومار سلاسل گزيده ۱۲۰۲هه
(۲۳) شجره اطهر اهلبيت ۱۲۰۲هه
(۲۴) تذکره معيار سالڪان طريقت ۱۲۰۲هه
(۲۵) روضة الانبياء
(۲۶) قصاب نامه مثنوي
(۲۷) ميزان الافکار منظوم
(۲۸) تذهيب طباع
(۲۹) سرفراز نامه
(۳۰) حديقة غُلبا
(۳۱) مثنوي ڪان جواهر
(۳۲) ميزان فارسي
(۳۳) رساله معما مع شرح
(۳۴) لب تاريخ ڪلهوڙه
(۳۵) بياض محڪ الشعرا
(۳۶) ديوان قانع

---

(۱) راقم‌الحروف هي ڪتاب، مير قانع جي سوانح ۽ حواشيءَ سان گڏ، سنڌي ادبي بورڊ جي ذريعي شايع ڪيو آهي.
(۲) راقم‌الحروف هي تذڪرو سنڌي ادبي بورڊ جي ذريعي شايع ڪيو آهي.
(۳) راقم‌الحروف ٽئين جلد جو پهريون حصو، مصنف جي هٿ اکرين نسخي تان صحيح ڪري، سنڌي ادبي بورڊ جي ذريعي شايع ڪيو آهي.



Gul Hayat Institute

● **مخدوم عبداللطيف بن مخدوم محمد هاشم** (متوفي بعد ١١٧٤ هه).

(١) ذب الذبابات الدراسات عن المذاهب الاربعة المتناسبات (عربي) **(١)**

● **مخدوم محمد ابراهيم بن مخدوم عبداللطيف بن مخدوم محمد هاشم** (المتوفي ١٢٢٥ هه).

(١) ابلاغ جهد الدمص في مسئلة قص اللحي و انتف و النمص (فقهه)
(٢) اغناء الواصل في جواز تلقي الجواب عن النو ازل...... (فقهه)
(٣) اماطلة اذي العبيد عن لاطريق جواز استعمال اموال الكافر العنيد (فقهه)
(٤) تحرير في بيان آخر الظهر (فقهه)
(٥) تطييب افواه الاخوان في المنع عن شرب الدخان (فقهه)
(٦) توثيق الاسباق في مسئلة الصداق (فقهه)
(٧) تهذيب البيان في اجوبة اسولة من وحيد من الاكابر الخلان (فقهه)
(٨) الحبل المتين في اوصاف خلفاء الراشدين (مناقب)
(٩) رساله في بيان السلسلة (تصوف)
(١٠) سحق الاغبياء من الطباغين في كمل الاولياء واتقياء العلماء (فقهه)
(١١) سير التقرير في تحقيق مقاصد مسئلة استعمال الحرير (فقهه)
(١٢) طريدة الحياك مماطرده الخصم بقطع شباک في مسائل التبناک (فقهه)
(١٣) غسل العياک عن تصويب قطع التبناک (فقهه)
(١٤) القسطاس المستقيم في الجواب عما وقع...
(١٥) مفتاح الكلام (قواعد فارسي)
(١٦) القول الرضي بتصحيح حديث الترمذي في فضل معاويه الصحاي (عربي - فقهه)
(١٧) نثر حلاوي المعارف في العلوم في الرد علي من نصر الكفار و اهل الرسوم
(١٨) نشيج الضحلي في حل مسئلة قص اللحي (فقهه)
(١٩) وصول الغنا في تحريم الدفوف مع الجلاجل و الغناء
(٢٠) وعظ الانوار في حكم مسئلة روية القمر يوم الشک في النهار (فقهه)
(٢١) هداية الناس في البقاء الشعر و فرقها و ارسالها عن الراس (عربي - فقهه)
(٢٢) غنية البشر في المداخل جفرية الجعفرية الاثني عشر **(٢)**
(٢٣) دماج المغم في مسئلة ان جوده پور دار حرب.

---

**(١)** هي ضخيم ڪتاب مخدوم معين جي دراسات جي جواب ۾ آهي. سنڌي ادبي بورڊ ان کي شايع ڪيو آهي.

**(٢)** هي علم جفر تي عربيءَ ۾ مختصر رسالو آهي.



Gul Hayat Institute

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

# قرآن مجيد جا سنڌي ترجما ۽ تفسير

مخدرات سرا پردهائي قرآني
چه دلبر اند که دل مي برند پنهاني

اسلام جي اوائلي دور ۾ قرآن شريف جو خطاب جڏهن ته اهڙن ماڻهن سان هو، جن جي مادري زبان عربي هئي، ان ڪري قرآن مقدس کي سمجهڻ لاءِ ڪين ڪنهن به ٻئي علم يا عربي کان سواءِ ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ جاڻڻ جي ضرورت محسوس نه ٿي. ويتر جو پيغمبر عليه السلام جي ڪين صحبت ۽ زيارت نصيب ٿي، تنهن ته ڪين قرآن پاڪ جي سمجهڻ ۾ سوني تي سهاڳي جو ڪم ڏنو. ڪين هن سلسلي ۾ ڪا اوکائي آڏو ايندي هئي ته آنحضرت صلي الله عليه وسلم کان پڇي وٺندا هئا، پر جيئن جيئن اسلام جو پيغام عرب جون حدون لتاڙي اڳتي وڌڻ لڳو ته عجمي يا غير عربي ذهنيت لاءِ قرآن مجيد جي تعليمات: (۱) اصول عقائد (۲) قانون (۳) اصول اخلاق، کي سمجهڻ اوکو ٿي پيو، تڏهن اها ضرورت محسوس ڪئي ويئي ته انهن ٽنهي تعليمن کي الڳ الڳ ڪري فني حيثيت ڏئي ماڻهن کي قرآن پاڪ سمجهايو وڃي. ان خدمت لاءِ الله تعاليٰ مجتهدن کي ئي منتخب فرمايو، جن جو سرگروهه عجمي نسل مان هڪ امام ابوحنيفه آهي.

امام ابوحنيفه جو ڏاڏو، اسلام کان اڳ واري سنڌ جي نقشي جي خيال کان سنڌي هو. شير خدا حضرت علي ڪرم الله وجهه جي هٿ تي اسلام آندائين. امام ابوحنيفه امت محمدي لاءِ الله جي آيتن ۾ هڪ وڏي آيت ثابت ٿيو ۽ غير عرب ذهنيتن کي پنهنجي خداداد قابليت ۽ ذهانت سان بدلائي ڇڏيو، ويتر جو ان، قرآن پاڪ کي پارسي ٻوليءَ ۾ ترجمي ڪرڻ جي فتويٰ ۽ اجازت ڏني، تنهن ته عوام لاءِ ٻين ٻولين ۾ ترجمن ذريعي قرآن پاڪ کي سمجهڻ لاءِ وڏي آساني پيدا ڪئي. بدقسمتيءَ سان اهو مسئلو عالمن ۾ گهڻي زماني تائين اختلاف جو باعث بڻيو ته قرآن مجيد جو ٻين ٻولين ۾ ترجمو ڪرڻ جائز آهي يا نه، پر نيٺ اڳتي هلي امام ابوحنيفه رح جي راءِ وڏي مقبوليت حاصل ڪئي.

جڏهن ته سنڌ ۾ اسلام، وليد بن عبدالملڪ جي دور کان اڳ ئي پهچي چڪو هو ۽ سنڌ جي فتح غازي محمد بن قاسم جي سپهه سالاريءَ هيٺ وليد بن عبدالملڪ جي دور ۾



Gul Hayat Institute

هي ترجمو ۽ تفسير، تازو بهترين ٽائيپ ۾ جناب محمد عثمان صاحب ڏيپلائيءَ جي ڪوشش ۽ تصحيح سان پنجن جلدن ۾ ڇپيو آهي، جنهن ۾ ڏيپلائي صاحب، اصلي ليٿو ڇاپي جي ٻولي ۽ صورت خطي کي سڌاري جديد صورت خطيءَ ۾ آندو آهي ۽ اڳوڻي قسم جي طرز تحرير مثلا "پوءِ آيو وٽ انهي جي" کي درست ڪري، موجوده محاوري "پوءِ انهيءَ وٽ آيو" ڪيو آهي ۽ ٻه هزار صفحا محنت ڪري پنهنجي هٿ سان لکيا اٿس، جنهن ڪري سنڌ ۾ افاديت وڌي ويل آهي.

## (١٥) تفسير مفتاح رشدالله

راشدي خاندان جي پير جهنڊي واري شاخ کان اهو ڪهڙو دينذار ۽ علم وارو انسان هوندو جيڪو غير واقف هجي. روضي ڌڻي پير محمد راشد رحه، جيڪو رشد ۽ هدايت جو سنڌ ۾ سبق ڏنو ۽ مسلمانن کي حقيقي توحيد سان روشناس ڪرائي، شرڪ ۽ بدعت کان بچايو ۽ سنڌ فيض جي ڪرڻن سوئي، پرچوندي، امروٽ ۽ دينپور ۾ پهچي هزارن گمراهن کي دڳ لاتو، اهو سبق جيڪڏهن اڄ تائين ڪنهن جاري رکيو ته اهي آهن جهنڊائي بزرگ، جن مسلمانن جي ازلي دشمن، ترڪي خلافت کي تاراج ڪندڙ سامراجين کي وطن عزيز کان لوڏي ڪيڻ واري تحريڪ ۾ پڻ زوردار حصو ورتو. سنڌ ۾ ان تحريڪ جو روح روان حضرت مولانا محدث پير رشدالله شاه جهنڊي وارو هو، جنهن کي خلافت ڌڻيءَ جي لقب سان پڻ ياد ڪيو ويجي ٿو. هن بزرگ جي علم ۽ رشد جي جيتري به تعريف ڪجي سا ٿوري آهي. حديث ۾ طحاوي شريف جي رجال تي سنڌ عالمانه تصنيف ڪي وقت جي وڏن عالمن ۽ محدثن وڏي اهميت ڏني ۽ ديوبند هندستان مان اهو ڪتاب ڇپجي شايع ٿيو. پير صاحب رحه پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ عربي مدرسي جو پڻ بنياد رکيو، جنهن جي نظام ۽ تعليم جون واڳون مولانا عبيدالله سنڌي رحه جي حوالي ڪيون ويون. هن مدرسي جيڪا علمي خدمت ڪئي، ان جو اندازو اوهان هن مان لڳائي سگهندا ته هن وقت سنڌ ۾ جيڪي وڏا عالم ڳڻيا وڃن ٿا تن جي اڪثريت اها آهي، جيڪي انهيءَ مدرسي جا فيض يافته آهن.

پير صاحب هڪ وڏو ڪتاب خانو به ڪنو ڪيو، جيڪو حيدرآباد دکن، خدا بخش لائبريري (پاٽنا) سان ڪلهو ڪلهي ۾ هڻي لڳو. انهن سڀني ڪارنامن سان گڏ پير صاحب رحه جو هڪ وڏو علمي ڪارنامو قرآن پاڪ جي خدمت به آهي، جو پاڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ قرآن پاڪ جو تفسير قاضي فتح محمد کان لکايائون، جنهن جو نالو آهي تفسير "مفتاح رشدالله". هي تفسير ٻه ڀيرا اشاعت هيٺ اچي چڪو آهي. هڪ ڀيرو بمبئيءَ ۾ ڇپيو، جو نهايت عمدو ڇاپو هو ۽ ٻيو ڇاپو پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڪراچيءَ ۾ ڇپيو، جو ٽن جلدن ۾ آهي. هن تفسير جي آخر ۾ مولف طرفان هڪ نوٽ لکيو ويو آهي، جنهن مان تاليف جي سال جو پتو پوي ٿو، اهو نوٽ هي آهي:

اڳتي هلي لکي ٿو ته ”هن تفسير جو پهريون پارو تيار ڪري حضرت مرشد کي ڏيکاريم ۽ عرض ڪيم ته هن کي اصلاح به ڏئو ۽ هن جو نالو به رکو ۽ دعا به ڪريو. پوءِ پاڻ وڏي مهرباني‍ءَ سان هن سڄي تفسير کي جاچي ڏٺائون ۽ ڪجهه اصلاح به ڪيائون ۽ سندس نالو ”تنوير الايمان في تفسير القرآن“ رکيائون“.

فاضل مترجم ۽ مؤلف هن ترجمي ۽ تفسير لکڻ مهل هيٺيان تفسير پنهنجي آڏو رکيا:

(١) تفسير بيضاوي (٢) تفسير ڪبير (٣) خازن (٤) معالم (٥) جمل (٦) مدارڪ (٧) تفسير ابن عباس (٨) جلالين (٩) تفسير عزيزي (١٠) حسيني (١١) بحر مواج (١٢) تفسير رؤفي (١٣) خلاصة التفاسير (١٤) تفسير ثنائي.

هن تفسير جو پهريون پارو، ليٿو ۾ وڏي سائيز تي مولوي عبداللطيف بن مولوي محمد صديق تاجر ڪتب جهونا مارڪيٽ ڪراچي پنهنجي مطبع حسني بمبئي مان ١٤- رجب سنه ١٣٢٨هه ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. هن پاري جو ڪاتب عبدالحڪيم پڌايو ويو آهي.

ٻيا پارا حاجي احمد، ريشم فروش (پاٽولي) فقير جو پڙ، حيدرآباد سنڌ پنهنجي خرچ سان ڇپايا. ان ڪان پوءِ به اهو تفسير وڏي سائيز تي، ٽيهن پارن ۾ ڇپجي هڪدم ختم ٿي ويو آهي ۽ اجا به پيو ڇپجي.

## (١٧) ڪلام الله مترجم مرتضائي مع تفسير ضياء الايمان سنڌي

تفسير الايمان سنڌي جي مقبوليت کي ڏسي ان جي طرز ۽ سائيز تي اثناعشري شيعن طرفان اهو ترجمو ۽ تفسير سندن عقيدن موافق تيار ٿيو. هن جو سائيز به تنوير الايمان وانگر وڏو رکيو ويو. هن ترجمي ۽ تفسير جا جيتوڻيڪ پنهنجي نظر مان رڳو پهريان ٻه پارا گذريا آهن، پر جناب عبدالرسول صاحب مالڪ عباسي ڪتبخاني جهونا مارڪيٽ خبر ڪئي ته ”اهو سڄو تفسير ڇپيو هو جو محبان علي (عليه السلام) ۾ هٿون هٿ وڪامي ويو“.

هن سنڌي تفسير جو هن طرح تعارف ڪرايو ويو آهي ”الحمد لله ته هي ترجمو ڪلام الله شريف جو با محاوره سنڌي ۾، جنهن جي محبان اهل بيت کي مدت کان آرزو هئي، فوائد تفسيري مطابق، مذهب اهل بيت جي مولوي ميان محمد خان مرتضائي تيار ڪيو، باهتمام درمحمد جمالي، ڪاتب نعماني در مطبع جارج سٽيم لاهور طبع شد“.

Gul Hayat Institute

## (١٨) تفسير احمدي سنڌي تاليف احمد بن ڪرم الله مخدوم نورنگ پوٽو.

هيءُ هڪ ننڍڙو تفسير آهي، جو فقط ٽيهين پاري يعني پاري عمّ“ جو تفسير ۽ ترجمو آهي ۽ ڊيمي سائيز جي ١٦٤ صفحن تي ڦهليل آهي. مترجم شروع ۾ حمد ۽ صلواة کان پوءِ لکي ٿو ته ”مون ابوجهه، اڻڄاڻ گنهگار جي دل ۾ هڪ ڏينهن اهو خيال اچي پيو ته جهان بي امان کي بقا نه آهي ۽ حياتي‍ءَ تي ڪو ڀروسو ناهي، تنهنڪري ڪو اهڙو ڪم ڪرڻ گهرجي جنهن سان دارين جو فائدو حاصل ٿئي. اڳتي هڪ دوست مشورو لکي موڪليو ته ”ڪو اهڙو

## (٣٠) تمدن عرب تفسير سورت سبا مرتب: غلام مصطفيٰ قاسمي

هيءُ رائل سائيز تي جديد رنگ ۾ هڪ ننڍو تفسير آهي، جو قرآن مجيد جي سورت سبا جو تفسير آهي. هن ۾ مولانا استاد عبيد الله سنڌيءَ جي ”قرآني افادات“ کي گڏ ڪيو ويو آهي. پاڪستان کان اڳ ليٿوءَ ۾ ڇپجي چڪو آهي.

## (٣١) الهام الرحمان تفسير پاره الم. مفسر مولانا عبيدالله سنڌي ترجمو مولانا دين محمد وفائي ۽ غلام مصطفيٰ قاسمي.

دنيا ۾ قرآن مجيد جا جيڪي وڏا ڄاڻو ۽ عالم ٿيا، جن تان تن مان اسان جو استاد مولانا عبيد الله سنڌي به هڪ هو. مرحوم جي سڄي ڄمار قرآن مجيد جي خدمت ۽ سمجهڻ ۾ گذري. دنيا جي وڏن عالمن کانئس قرآن پاڪ جو ترجمو ۽ تفسير پڙهيو جن مان لينن‌گراڊ روس جو وڏو عالم علامه موسيٰ جار الله به هڪ هو، جنهن مڪي مڪرمه ۾ مولانا سنڌي کان قرآن پڙهيو ۽ عربي ۾ نوٽ لکيا. ڪراچي ۾ مولانا سنڌيءَ جي يادگار ۾ هڪ ادارو بيت الحڪمت، مولانا محمد صادق کڏه وارن جي صدارت هيٺ قائم ٿيو. هن اداري جو پهريون ڪم هو اهو تفسير سنڌي ۽ ٻين زبانن ۾ شايع ڪرڻ. سنڌي لاءِ مولانا دين محمد وفائي ڪم شروع ڪري ڏنو. مولانا وفائي مرحوم اڃا اڌ پارو مس ترجمو ڪيو جو اسان کان هميشه لاءِ موڪلائي وڃي شهر خموشان ۾ پهتو. مولانا وفائي مرحوم کان پوءِ اهو ڪم مون هٿ ۾ ڪنيو. هڪ پارو تفسير جو تيار ٿي ويو ۽ اداره بيت الحڪمت طرفان ليٿو ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. هن تفسير جون ٿوري ئي وقت ۾ پنج سؤ کن ڪاپيون وڪامي ويون ته سنڌ جي قومي پريس الوحيد تي اوچتي اها آفت اچي ڪڙڪي جو سڄي سان گڏ ساوا به سڙي ويا. تفسير جون ڪاپيون اتي رکيل هيون سي به پريس سان گڏ سيل ٿي ويون ۽ اهو ڪم اڌورو رهجي ويو. هن تفسير جو ٻيو ڇاپو ماستر عبدالوارث صاحب سعيد آبادي طرفان ٽائيپ ۾ ڇپيو آهي.

اسان هاڻي اهو سلسلو وري شروع ڪيو آهي ۽ اڳتي ڪم چالو آهي. جي صحت سات ڏنو ۽ رب جي توفيق شامل حال رهي ته سنت سنڌيءَ جا ٻيا پارا به ڇپجي ويندا.

## (٣٢) تفسير سورت محمد مترجم مولوي محمد يوسف ندوي

هيءُ تفسير اصل ۾ شيخ بشير احمد لڌيانوي، مولانا آستاد عبيدالله سنڌيءَ جي تفسيري افادات مان جمع ڪري اردو ۾ ڇاپيو هو، جو نهايت اعليٰ مضامين تي مشتمل آهي، جنهن کي وري مولوي محمد يوسف ندوي تعلقي هالن واري، ميان عبدالوارث سعيد آباديءَ جي حڪم سان سنڌي ۾ ترجمو ڪيو ۽ ليٿو ۾ ڇپيو. اهو ڇاپو هٿون هٿ ختم ٿي ويو، هاڻي ٻيهر ڇپجي رهيو آهي.

هنن ترجمن ۽ تفسيرن کان سواءِ اسان کي معلوم آهي ته مولانا حڪيم فتح محمد مرحوم سيوهاڻي قرآن پاڪ جي ترجمي ۽ تفسير لکڻ جو ارادو ڪيو ۽ ان لاءِ هڪ تفسيري مقدمو به لکي ڇپرايائين، پر افسوس جو اجا تفسير تي پهتوئي ڪو نه ته اڳ ئي رب ڏانهن راهي ٿيو.
اهڙي طرح خيرپور جي اثنا عشري شيعه حضرات طرفان ١٩٩٠ع ۾ قرآن مجيد جي پهرئين پاري جو ترجمو ۽ تفسير ٽائيپ ۾ ڇپيو هو، اڳتي اهو سلسلو جاري رهيو يا نه، ان جي ڪا سڌ نه آهي.

انهيءَ کان سواءِ ڇيو وجي ٿو ته بزرگ مولانا حماد الله هاليجي وارن به قرآن مجيد جو سنڌي ۾ ترجمو ۽ ڪجهه تفسير لکيو هو، جو اڻ ڇپيل حالت ۾ غير مرتب موجود آهي ۽ ڪن سورتن جو مولانا عبدالله صاحب چانديي ويٺل ڳوٺ مُلا، تعلقه ڳڙهي ياسين به چڱو تفسير لکيو آهي جو قلمي صورت ۾ موجود آهي، اسان جي نظر مان پڻ گذريو آهي، پر اجان اشاعت هيٺ نه آيو آهي ان ڪري ايتري حقيقت تي اڪتفا ڪندي هن مقالي جي اوڙڪ آڻيون ٿا.

**نوٽ:** تازو، قرآن مجيد جو هڪ پيو مڪمل سنڌي ترجمو ٽائيپ ۾ ڇپيل نظر مان گذريو. ان جو مترجم خان بهادر گل حسن خان ٽالپر پينشنر ڊپٽي ڪليڪٽر آهي، تنهن کي ميان محمد جعفر رحمت الله خواجه ۽ ٻين ميمبرن انجمن جعفريه سيد پور ٻنوري جي پنهنجي خرچ سان فل اسڪيپ سائيز ۾ قرآن جي متن کان سواءِ ڇپايو سال ١٩١١ع.



Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

# سنڌ— عرب مورخن ۽ سياحن جي نظر ۾

سنڌ ۽ عرب جا لاڳاپا: سنڌ جي سرزمين ڪي قديم زماني ڪان عرب دنيا سان تعلقات رهيا آهن. مولانا ابوالجلال ندوي جي تحقيق آهي تہ قديم زماني ۾ سنڌ ۾ عربي قومون اچي آباد ٿيون هيون، ۽ سنڌ جا عرب دنيا سان تمام گهاٽا تعلقات هئا(۱). مولانا سيد سليمان ندوي لکيو آهي، تہ عرب واپاري هزارين ورهيہ اڳ هندستان جي ڪناري تائين ايندا هئا، ۽ هتان جي واپار ۽ پيداوار کي مصر ۽ شام ذريعي يورپ تائين پهچائيندا هئا؛ ۽ اتان جي سامان کي هندستان ۽ هندستان جي پروارن پيٽن، چين ۽ جپان تائين رسائيندا هئا(۲).

ڊاڪٽر موسيو ليبان تمدنِ عرب ۾ لکيو آهي، تہ عربن جا هندستان سان تعلقات تاريخي زماني جي ابتدا ڪان آهن. پر سيني واقعن مان ثابت ٿئي ٿو، تہ اسلام ڪان اڳ واري زماني ۾ اهي هندستان جا ئي ماڻهو هئا، جي پنهنجي ملڪ جي پيداوار کي عرب جي ساموندي ڪناري تائين آڻيندا هئا؛ ۽ نہ اهو تہ عرب واپاري انهن جي ڳولها ۾ هندستان ويندا هئا. جنهن وقت يمن جي بندرن ڪان هندستان ڏانهن جهاز وڃڻ لڳا، تہ اهو زمانو آنحضرت صلي الله عليه وسلم جي بعثت جي تمام ويجهو هو(۳). پڻ هنڌ لکيو اٿس، تہ هجري سن جي شروعات ڪان ئي عربن هندستان ۾ اچڻ شروع ڪيو هو. جهازن جون قطارون، عمان ۽ بحرين ڪان نڪري سنڌو نديءَ تائين پهچنديون هيون(۴).

سنڌ ۽ هند سان عربن جا تعلقات ٽن رستن سان هئا؛ جن مان هڪ بري، ۽ ٻہ بحري هئا. بري رستو ڪاروانن جي ذريعي سمرقند، دمشق ۽ بغداد وغيره (مشرق جي وڏن وڏن شهرن) ڪان ٿيندو، ايران ۽ ڪشمير لنگهي، سنڌ ۾ پهچندو هو. جيڪي واپاري بحري سفر پسند ڪندا هئا، اهي ايراني نارجي بندر سيران وغيره ڪان يا عربستان ڪان ٿي، ڳاڙهي سمنڊ جي بندرن

(۱) مضمون "موئن جو دڙو کي زبانين": شايع ٿيل ماهنامہ "روح ادب" ۽ "سنڌي مهرين" شايع ٿيل "ماهِ نو" نومبر ۱۹۵۶ع.
(۲) عرب و هند کے تعلقات، ص ٦ ۽ ۷.
(۳) تمدن عرب، ص ۵۸۹.
(۴) تمدنِ عرب، ص ۲٦۷

مرڪزي حڪومت جي ڪمزور ٿيڻ ڪان پوءِ سندس پٽ عبدالله بن عمر سنہ ٢٧٠ھ (٨٨٣ع) ۾ سنڌ جي حڪومت تي قبضو ڪيو. هن بانيءَ بدران منصوره کي گاديءَ جو هنڌ بنايو، جو پوءِ مستقل طرح سندس اولاد جي گاديءَ جو هنڌ رهيو.(١) آخر ٤٠١ھ (١٠١٠ع) کان پوءِ سنڌ جي سومرن سنڌن حڪومت جي پڇاڙي آندي.

عربن جي ڏينهن ۾ سنڌ ۾ حڪومت جو نظام: عربن جو سنڌ ۾ مستقل حڪومتي نظام هو، ۽ فوجي ڇاوڻيون هيون. منصوره جي فوجي طاقت بابت مسعودي لکيو آهي:

”منصوره وارن جون ميدن- جيڪا سنڌ جي هڪ قوم آهي- سان لڙايون هلنديون اچن ٿيون. بادشاهه وٽ ٨٠ جنگي هاٿي آهن. قاعدو آهي، تہ جنگي هاٿيءَ سان ٥٠٠ پيادا هوندا آهن. انهن مان بہ هاٿي نهايت مشهور بهادر ۽ لڙاڪو آهن، جن مان هڪ جو نالو ’منصر قلس‘ ۽ ٻي جو ’حيدره‘ آهي.“(٢)

اسلامي تعليم: سنڌ ان زماني ۾ ممتاز عالم پيدا ڪيا، جن مختلف علمن -- حديث، تفسير، نحو، ادب، فقهہ ۽ شعر و شاعريءَ ۾ وڏو درجو حاصل ڪيو. منصوره علم ۽ فضل جو مرڪز هو. بشاري مقدسي لکيو آهي:

”مسلمانن ۾ گهڻو ڪري اهل حديث آهن. مون هتي قاضي ابومحمد منصوريءَ کي ڏٺو، جو دائودي هو ۽ پنهنجي مذهب جو امام هو. کيس حلقہءِ درس هو ۽ سندس تصنيفون آهن، جي تمام سٺيون آهن.... وڏن شهرن ۾ حنفي فقيهہ بہ آهن، پر هتي مالڪي ۽ حنبلي ڪونهن، ۽ نہ وري معتزلائي آهن. سنڌي ۽ صحيح مسلڪ تي آهن. منجهن نيڪي ۽ پاڪدامني آهي.“(٣)

سيد سليمان ندوي ان تي لکيو آهي:

”انهيءَ پراڻي زماني ۾ هتي اهل حديث جو هجڻ وڏي حيرت‌انگيز ڳالهہ آهي. دائودي فرقي مان مراد دائودي بوهرا نہ آهن، پر امام دائود جا پيرو مراد آهي، جي هڪ قسم جا اهل حديث ٿي هئا.“(٤)

نئين تهذيب: عربن ۽ سنڌين جي ميل جول سبب هڪ نئين تهذيب وجود ۾ آئي. عرب سياحن ۽ مؤرخن جي بيان مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ ۾ رهندڙ عربن سنڌين جي تهذيب ۽ تمدن کي پنهنجو بنايو. ابن حوقل منصوره جي رهاڪن بابت لکيو آهي:

---

(١) بلاذري، ص ٢٤٥.

(٢) مروج الذهب، ج ١، ص ٣٧٨.

(٣) احسن التقاسيم ص ٤٨١.

(٤) عرب و هند کي تعلقات

لاڳاپو هو، جو جڏهن ابن هبيره کي خليفي منصور عباسيءَ مارايو: تڏهن سنڌ جي مشهور عربي شاعر ابو عطا سنڌس موت تي درد ڀريو مرثيو لکيو.

عباسي خلافت ۾ برمڪي خاندان کي وڏي عرصي تائين حڪومتن جي ڪمن ۾ وڏو دخل رهيو. هنن کي سنڌ ۽ ان جي ماڻهن سان خاص دلچسپي هئي. هنن سنڌ مان پنڊتن کي گهرائي، پنهنجي درٻارين ۾ جڳهه ڏني. سنڌ جي عالمن، ماهرن ۽ طبيبن کي گهرائي بغداد جي دارالترجمه ۽ شفاخانن ۾ مقرر ڪيو. مذهبن ۽ دوائن جي تحقيقات لاءِ سنڌ ۽ هند ڏانهن وفد موڪليا(۱). مولانا سيد سليمان ندوي انهيءَ دلچسپيءَ جي مدنظر ثابت ڪيو آهي ته برامڪه اسلام آڻڻ کان اڳ ٻُڌ ڌرم جا پوڄاري هئا ۽ سندن اصل تعلق هندستان سان هو ۽ نه ايران سان (۲) يعني هنن جا وڏا اصل ۾ سنڌ جا هئا ۽ ٻُڌ ڌرم جا پوڄاري هئا.

حنفي فقه جو باني حضرت امام ابو حنيفه غير عرب هو. ڪن محققن هن کي ايراني ڄاڻايو آهي ۽ ڪن کيس زط (جت) ڏيکاريو آهي. حقيقت هن طرح آهي ته قديم زماني ۾ ايران جي بادشاهه جو تسلط بلوچستان ۽ سنڌ جي ڪن حصن تي رهيو آهي، انهيءَ قبضي جي تعلق سان سنڌ جي ڪن جنگجو قبيلن جا فوجي دستا ايراني فوج ۾ داخل هئا. انهن قبيلن مان ٻن جو ذڪر عربن ڪيو آهي: جت (زط) ۽ ميد. اهي ٻئي سنڌ جون مشهور قومون هيون(۳). ان مان ثابت ٿئي ٿو ته حضرت امام ابو حنيفه جا وڏا اصل ۾ سنڌ جا هئا.

## سنڌي، عرب ممالڪ ۾

عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ اچ وڃ شروع ٿي، انهيءَ ڪري ڪيترا ئي عرب لڏي اچي سنڌ ۾ رهيا. عرب سياحن جي بيانن مان معلوم ٿئي ٿو ته ديبل، ملتان ۽ منصوره ۾ سنڌيءَ سان گڏ عربي ٻولي به ڳالهائي ويندي هئي. ان کان سواءِ ڪيترا ئي سنڌي به عرب ملڪن ۾ وڃي پهتا.

سنڌي جڏهن عربستان پهتا، ته عربن انهن جي صلاحيتن ۽ لياقتن مان پورو پورو فائدو وٺڻ جي ڪوشش ڪئي. جيئن ته سنڌي ليکي چوکي ۽ حساب ڪتاب ۾ ڀڙ هوندا هئا: انهيءَ ڪري وڏا عرب واپاري حساب ڪتاب لاءِ سنڌي منشي ملازم رکندا هئا(۴). ڪيترن سنڌين عرب دنيا ۾ فوجي زندگي به اختيار ڪئي. انهن مان ابوالخصيب مرزوق بن ورقاء مشهور ٿي گذريو آهي: جو خليفي منصور جي عهد ۾ مشهور جرنيل هو: جنهن عباسي حڪومت لاءِ

---

(۱) ڪتاب الفهرست ص ۳۴۵.
(۲) ڏسو عرب و هند کے تعلقات، ص ۱۱۴ کان ۱۲۳.
(۳) ايضاً، ص ۳۹۴.
(۴) جاحظ جو قول آهي ته: "بصري ۾ اهڙو ڪوبه نه آهي، جنهن وٽ خزاني جي چارج ۾ سنڌي ملازم نه هجي." (ولهم للسنديني طبيعة في الصرف - لاتري بالبصره صرفيا الا صاحب کيسه سندي).

طبرستان فتح ڪيو. سنڌ جي سيابجه قبيلي جي ماڻهن کي خوشيءَ سان فوج ۾ ڀرتي ڪيو ويندو هو، ۽ ڪين جيل جي نظرداريءَ جو ڪم ۽ واپاري ٻيڙن جي سنڀال جو ڪم سپرد ڪيا ويندا هئا.

سنڌي نه فقط عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ، عرب دنيا ۾ لڏي وڃي ويٺا، پر اهڙا به حوالا ملن ٿا، جن مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌي صحابه جي زماني ۾ يعني پهرينءَ صديءَ هجريءَ ۾ به سنڌ مان لڏي وڃي عراق ۾ آباد ٿيا. سنڌين جو هڪ قبيلو جت (الزط) پهرينءَ صديءَ هجريءَ ۾ لڏي وڃي بصره جي پرسان بطلاع ماڙيءَ ۾ ويٺو ۽ زراعت جو پيشو اختيار ڪيو(۱). پوءِ انهن کي انطاڪيه ڏانهن موڪليو ويو. هي ٻئي ماڻهو هئا، جن عراق ۽ شام ۾ مينهون آنديون(۲). اهي جت بهادر سپاهي به هئا ۽ منجهائن ڪي حاذق حڪيم به هئا. امام بخاري (المتوفي ۲۵٦هه) لکيو آهي ته: هڪ دفعي ام المومنين حضرت عائشه بيمار ٿي پيئي. سندس ڀائٽن هڪ جت طبيب کي علاج لاءِ گهرايو(۳).

ان کان سواءِ ڪيترا طبيب، دوا فروش، سڪي سال، بزاز، ٻورچي ۽ پيلوان به عرب دنيا ۾ وڃي آباد ٿيا. سيني دوا فروشن سان گهڻو ڪري سنڌي پائيوار هئا، جن کي ٻوٽين، پَسار ۽ بيمارين جي پوري واقفيت هئي. سنڌي ٻورچين جا به پلاءُ تمام مشهور ٿيا، هڪ ليموءَ ۽ ٻيو مهلبيه. مهلبيه پلاءُ، مهابي گورنرن جي نالي پنيان شايد سڏيو ويو. انهن گورنرن جي نوڪرن اهو پلاءُ دمشق ۽ بغداد ۾ مروج ڪيو هوندو.

سنڌي پيلوان ڇوڪرا پنهنجي چالاڪين ۽ اٽڪلن سان هاٿين جا عجيب ڪرتب ڏيکاريندا هئا. هڪ شاعر چيو آهي(۴):

هٰذا السندي لا اصل ولا طرف
يكلم الفيل تصعيد او تصويبا

سنڌي جُتيون: سنڌ جي جُتين جو عرب دنيا ۾ ڏاڍو قدر هوندو هو.

بشاريءَ جو قول آهي ته: "کنبايت جون جتيون، جي منصوره (سنڌ) کان عباسي حڪومت جي پايه تخت بغداد وينديون هيون، تن جو ڏاڍو قدر ٿيندو هو"(۵). امام احمد بن حنبل (المتوفي ۲۴۱هه) جو قول آهي ته: "سنڌ جون جتيون اهڙيون ته خوشنما ۽ ڦڙڪيدار ٿينديون هيون، جو سنجيده ماڻهو اهي پاڻ پسند نه ڪندا هئا، اهي فقط شهزادن جي پائڻ جي قابل سمجهيون وينديون هيون"(٦).

---

(۱) عرب و هند کے تعلقات، ص ۱۱.
(۲) عام راءِ، نومبر ۱۹۵۰ع ص ۸.
(۳) الادب المفرد، امام بخاري، باب بيع الخادم، ص ۳۵، مصر.
(۴) عام راءِ نومبر ۱۹۵۰ع، ص ۸.
(۵) احسن التقاسيم في معرفة الاقاليم، بشاري مقدسي، ص ۴۷۴-۴۸۲ (ليدن).
(٦) ڪتاب الورع، ص ۱۰۱، مطبع سادات مصر، بحواله عرب و هند کے تعلقات.



Gul Hayat Institute

تهال ۽ مخفي اطلاعات ڪاتي جو آفيسر هو ۽ ان جي خاص مصاحبن ۽ نديمن ۾ شمار ٿيندو هو. ڪيترائي ڪتاب لکيائين، پر سندس مشهور ۽ مطبوعه "المسالڪ والممالڪ" آهي، جو عربيءَ ۾ جاگرافيءَ جو پهريون ڪتاب آهي. نوڪريءَ جي لحاظ کان، جيئن ته هن جو ڪم ٻاهرين ملڪن سان هو، تنهن ڪري بغداد کان مختلف ملڪن جي مفاصلي ۽ آمدرفت بابت ڪتاب لکيائين. هن ۾ سنڌ ۽ هند جي بري ۽ بحري رستن جو تفصيل سان بيان ڪيو اٿس. ان کان سواءِ هتان جي ڪجهه تاريخي معلومات به ڏني اٿس. هو جيتوڻيڪ پاڻ سنڌ ۾ نه آيو، پر سندس معلومات، ڪاتي جي سرڪاري رپورٽن تي ٻڌل آهي، انهيءَ ڪري سندس اها ذاتي معلومات به هڪ سياح جي معلومات جي برابر آهي. ابن خردازبه هي ڪتاب ٽين صدي هجريءَ جي وچ ڌاري لکيو. سندس ولادت ۲۱۱هه (۸۲۶ع) ۽ وفات ۳۰۰هه (۹۱۲ع) جي قريب ٿي.

۳- سليمان تاجر

عرب سياحن مان هي پهريون سياح آهي، جنهن جو سفرنامو اسان تائين پهتو آهي. هو هڪ عرب واپاري هو، جيڪو عراق جي بندر کان چين، سنڌ ۽ هند ويندو هو. انهيءَ آمدرفت ۾ هن سنڌ ۽ هند جي سڄي سامونڊي ڪناري جو چڪر لڳايو. هن پنهنجو سفرنامو "سلسلة التواريخ" جي نالي سان سنه ۲۳۷هه (۸۵۱ع) ۾ لکيو. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته هو ٽين صدي هجريءَ ۾ ٿي گذريو. سندس ولادت ۽ وفات جون تاريخون ۽ وڌيڪ احوال ڪونه ٿو ملي. سندس سفرنامو پهريون ڀيرو فرينچ ترجمي سان ۱۸۴۵ع ۾ ڇپيو.

پنهنجي سفرنامي ۾ هن سچاڻ سياح ۽ سوداگر سنڌ ۽ هند جي تهذيب ۽ تمدن، سياست ۽ معاشرت، راجائن ۽ حڪمرانن بابت ڏٺل ۽ ٻڌل ڳالهيون لکيون آهن. ان سان گڏ سنڌ ۽ هند جي سماجي ۽ اقتصادي، معاشي ۽ معاشرتي حالتن جي پيش ڪري، سنڌ ۽ هند ڪيئي مثانهون مقام ڏنو اٿس. جيئن ته سندس معلومات ذاتي مشاهدي، محققانه پرک ۽ پروڙ جو نتيجو آهي، تنهن ڪري سندس احوال کي وڏي تاريخي اهميت آهي.

۴- ابو زيد حسن سيرافي

ايراني نار جي مشهور بندرگاهه "سيراف" جو رهاڪو هو: انهيءَ ڪري "سيرافي" سڏيو ويندو هو. عرب واپاري هو: ۽ سيراف، سنڌ ۽ هند جي وچ ۾ سامونڊي تجارتي سفر ڪندو هو. سليمان تاجر جو سفرنامو پڙهي، ان جو تڪملہ لکيائين. سياح مسعودي سنه ۳۰۰هه ۾ ساڻس "سيراف" ۾ مليو. سندس ڪتاب ۾ ۲۶۴هه جو سن ملي ٿو. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته هو ٽين صدي ۽ چوٿين صدي هجريءَ جي شروع جو هو. هن پنهنجي سفرنامي ۾ سنڌ ۽ هند جي ريتن رسمن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ راجائن جو ڪجهه احوال به ڏنو اٿس. ملتان جي مندر جو ذڪر به ڪيو اٿس، ته ٻڌ ڀڪشن جو احوال به آندو اٿس: مردن جي زيورن پائڻ جو بيان به

ڏنو اٿس ته ستي لڪڙي جو احوال ڏنو اٿس: اڪيلي ڪاٺ جو ذڪر به ڪيو اٿس. اهڙيءَ طرح رهڻي ڪهڻيءَ جون ڪيتريون ئي ڳالهيون بيان ڪيون اٿس.

۵- ابو دلف مسعر بن مهلهل ينبوعي

عرب سياح هو. هي پهريون سياح آهي، جو سنڌ ۽ هند ۾ خشڪيءَ جي رستي داخل ٿيو. هو بغداد کان ترڪستان آيو، ۽ اتان چين ويو. چين کان نڪري ترڪستان، ڪابل، تبت ۽ ڪشمير کان ٿيندو، ملتان ۽ سنڌ ۾ آيو. سنڌ مان ٿي ڏکڻ هندستان تائين پهتو. سندس زمانو ۳۳۱هه کان ۳۷۷هه تائين آهي. يعني هو چوٿين صديءَ هجريءَ ۾ ٿي گذريو. سندس سفرنامي جا ڪجهه خلاصا ابن نديم جي ڪتاب الفهرست، ياقوت حموي جي معجم البلدان ۽ قزويني جي آثار البلاد ۾ ڏنل آهن. سندس سفرنامو سليمان تاجر جي سفرنامي سان ۱۸۴۵ع ۾ برلن ۾ ڇپيو.

۶- بزرگ بن شهريار

جهازران هو، جيڪو پنهنجا جهاز عراق جي بندرگاهه کان سنڌ ۽ هند جي بندرگاهن تائين آڻيندو هو. ان کان پوءِ چين ۽ جپان تائين ويندو هو. ٽين صدي/چوٿين صدي هجريءَ جي اوائل ۾ ٿي گذريو آهي. هن "عجائب الهند" نالي ڪتاب لکيو آهي، جنهن ۾ سنڌ ۽ هند بابت ڏنل ۽ ٻڌل واقعا لکيا اٿس. انهن مان قرآن شريف جي سنڌي ترجمي وارو واقعو وڏي اهميت رکي ٿو. سندس بيان آهي ته اتر سنڌ جي هڪ هندو راجا جي چوڻ تي منصوره جي هڪ عرب عالم، قرآن شريف جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو: ۽ اسلام جي تعليم بابت سنڌي زبان ۾ هڪ نظم لکيو. سندس ڪتاب ۱۸۸۶ع ۾ ليڊن ۾ ڇپيو. ان جو فرينچ ۽ انگريزي ترجمو به ڇپيو آهي.

۷- ابو حنيفه دينوري

ابوحنيفه بن دائود، همدان جي شهر "دينور" ۾ پيدا ٿيو، انهيءَ ڪري دينوري سڏيو ويو. علم جي تحصيل لاءِ اصفهان، عراق، شام، فلسطين ۽ حرمين شريفين تائين ويو. مؤرخ، لغت جي ماهر ۽ نحوي جي حيثيت سان وڏي شهرت حاصل ڪيائين. سن ۸۹۵ع ۾ وفات ڪيائين. مختلف علمن ۽ فنن تي ڪتاب لکيائين. تاريخ جي لحاظ کان سندس ڪتاب "اخبار الطوال" مشهور آهي، جنهن ۾ عرب جي قديم قومن، ايران جي بادشاهن ۽ عباسي خليفن جو احوال آهي. ٿورو سنڌ جو ذڪر به آيو آهي.

۸- بلاذري

ابوجعفر احمد بن يحيٰ بن جابر بن دائود بغداد ۾ پيدا ٿيو. المدائني ۽ ابن سعد جو شاگرد هو. عباسي خليفي متوڪل جو نديم هو. چون ٿا ته هن هڪ ٻوٽي "بلاذر" کاڌي

هئي، انهيءَ ڪري ڇريو ٿي پيو هو. ڪن مورخن انهيءَ واقعي کي سندس ڏاڏي جابر ڏانهن منسوب ڪيو آهي. "فتوح البلدان" نالي ڪتاب لکيائين، جنهن ۾ سنڌ بابت ڪجهه معلومات ملي ٿي. ان کان سواءِ ٻيا ڪتاب به لکيائين. سنه ۲۷۹هه (۸۹۲ع) ۾ وفات ڪيائين.

## ۹- ابن رسته

احمد بن عمر بن رسته، ڪنيت ابوعلي، سنڌ ۾ ڪونه آيو، پر سندس ڪتاب "الاعلاق النفسيه" ۾ سنڌ ۽ هند بابت معلومات ملي ٿي. اهو ڪتاب ۲۹۰هه (۹۰۲ع) ۾ لکيائين.

## ۱۰- ابن فقيهه

ابوبڪراحمد بن محمد بن اسحاق بن ابراهيم همداني، ڪنيت ابوعبدالله، ابن فقيهه جي نالي سان مشهور آهي. ٽين صدي هجريءَ جو جاگرافيدان ۽ انشا پرداز آهي. ابن نديم ۽ ياقوت حموي سندس ڪتابن جو ذڪر ڪيو آهي. سندس ٻن ڪتابن جا نالا اسان تائين پهتا آهن: هڪ "ڪتاب البلدان" ۽ ٻيو "ذڪر الشعراء المحدثين." ڪتاب البلدان خليفي معتضد (وفات ۲۷۹هه) جي وفات کان پوءِ لکيائين. ان ۾ سنڌ ۽ هند جي دريائن ۽ شهرن جو ذڪر آهي.

## ۱۱- يعقوبي

احمد بن ابي يعقوب بن جعفر بن وهب بن واضح الڪاتب جي جواني آرمينيا ۾ گذري. ان کان پوءِ خراسان ۾ دربار طاهريءَ سان وابسته ٿيو. عباسي سلطنت ۾ انشا جي آفيس جو آفيسر هو. سنڌ، هند ۽ ٻين ملڪن جو سير و سفر ڪيائين. آخر مصر هليو ويو، ۽ اتي سنه ۲۸۴هه يا ۲۸۷هه ۾ وفات ڪيائين. هي پهريون مورخ آهي، جنهن سڄي دنيا جي قومن جي تاريخ عربيءَ ۾ لکي آهي. ان سان گڏ ان ۾ مسلمانن جي فتوحات جو ذڪر به ڪيو اٿس. سندس ڪتاب ۾ مسلمانن جي انهن حملن جو ذڪر به آهي، جيڪي هنن سنڌ تي ڪيا. ڪتاب جو نالو "ڪتاب التاريخ" آهي. ۱۸۸۳ع ۾ هي ڪتاب ٻن جلدن ۾ ليڊن مان ڇپيو. هن ڪتاب ۾ انهن ڪتابن جو احوال به لکيو اٿس، جيڪي سنڌ ۽ هند جي عالمن جا لکيل هئا ۽ پوءِ عربيءَ ۾ ترجمو ٿيا. ان ڪتاب کان سواءِ جاگرافي بابت به هڪ ڪتاب لکيائين، جنهن ۾ تاريخي مواد ملي ٿو.

## ۱۲- ابن نديم

ابوالفرج محمد بن ابي يعقوب اسحاق الوراق، بغداد جو ڪتب فروش هو. سندس ڪتابن جي دوڪان مان ابن اثير به فائدو پرايو. "الفهرست" سندس مشهور ڪتاب آهي، جيڪو سنه ۳۷۷هه (۹۸۷ع) ۾ لکيائين. ان ۾ ڪتابن ۽ انهن جي مصنفن جو تعارف آهي. ان سان گڏ ڪتاب ۾ سلطانن، حڪيمن ۽ طبيبن جو ذڪر به آهي. هن ۾ سنڌين جي لکيل ڪتابن جا نالا به آيا آهن. ۳۸۵هه (۹۹۵ع) کان پوءِ وفات ڪيائين.



Gul Hayat Institute

## ١٣- مسعودي

سندس نالو علي بن حسين بن علي هو، ۽ ڪنيت ابوالحسن هئي. سندس نسب جو سلسلو صحابيءَ رسول حضرت عبدالله بن مسعود سان ملي ٿو، انهيءَ ڪري مسعودي سڏيو ويو. بلند پايہ مورخ، جاگرافيدان ۽ سياح ٿي گذريو آهي. زندگيءَ جا ٢٥ سال سير و سياحت ۾ گذاريائين. هو بغداد ۾ ڄائو نپنو، ۽ تعليم لاءِ ايران ۽ مصر جو سفر ڪيائين. سير و سفر جو ڪيس ڏاڍو شوق هو. بغداد کان سياحت شروع ڪيائين، ۽ پوءِ عراق، شام، آرمينيا، روم، آفريڪا، سوڊان، حبش، چين، تبت، ايران، سلون، سنڌ ۽ هند گھميو.

سن ٣٠٠هه کان پوءِ ملتان پهتو. سن ٣٤٥هه ۾ فسطاط ويو ۽ اتي ٣٤٦هه (٩٥١ع) ۾ وفات ڪيائين. ٣٣٢هه ۾ سير و سياحت ختم ڪرڻ کان پوءِ پنهنجو مشهور ڪتاب "مروج الذهب و معاون الجواهر" لکيائين. هن ڪتاب ۾ حضرت آدم کان سندس وفات تائين تاريخي احوال آهي. ان جي مقدمي ۾ سڄي دنيا جي قومن جي مختصر مگر جامع تاريخ آهي، يعني سنڌ ۽ هند بہ ان ۾ اچي وڃي ٿي. هي ڪتاب نون جلدن ۾ فرينچ ترجمي سان ١٨٧٢ع ۾ ڇپيو. هن ڪتاب کان سواءِ بيا بہ ڪجهہ ڪتاب لکيائين، جن مان فقط "التنبيهہ والاشراف" موجود آهي.

## ١٤- اصطخري

ابو اسحاق ابراهيم بن محمد فارسي اصطخري، بغداد جو رهاڪو هو. تمام وڏو سياح هو. ايشيا جي ڪيترن ئي ملڪن جو سير و سفر ڪيائين. سن ٣٤٠هه (٩٥١ع) ۾ سنڌ ۽ هند ۾ آيو. هتي سندس ملاقات مشهور سياح ۽ جاگرافيدان ابن حوقل سان ٿي. جاگرافيءَ ۾ سندس بہ ڪتاب مشهور آهن. ڪتاب "الاقاليم" ۽ ڪتاب "مسالڪ الممالڪ". پهريون ڪتاب گوٿا ۾ ١٨٣٩ع ۾ ۽ ٻيو ڪتاب ليڊن ۾ ١٨٧٠ع ۾ ڇپيو. مسالڪ الممالڪ ۾ سنڌ جو احوال بہ ملي ٿو. سنڌ جي درياهہ جو ذڪر بہ ڪيو اٿس ۽ اروڙ جو احوال بہ آندو اٿس. دنيا جو نقشو بہ تيار ڪيائين، جنهن ۾ سنڌ بہ ڏيکاريل آهي.

## ١٥- ابن حوقل

بغداد جو واپاري هو. سن ٣٣١هه (٩٤٣ع) ۾ بغداد کان روانو ٿي يورپ، ايشيا ۽ آفريقا جا ڪيترائي ملڪ گھميو. سنڌ ۽ هند بہ گھميو. هي پهريون سياح ۽ جاگرافيدان آهي، جنهن سنڌ ۽ هند جي ڏيکھ ۽ ويکر پڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. **ان کان سواءِ سنڌ جو نقشو بہ تيار ڪيائين، جنهن ۾ سنڌ جا شهر ڏيکاريل آهن. هي سنڌ جو پهريون نقشو آهي.** سن ٣٥٨هه (٩٧٩ع) ۾ وفات ڪيائين.

## ١٦- بشاري مقدسي

شمس الدين محمد بن احمد بشاري، بيت المقدس جو رهاڪو هو. مراڪش کان تاشقند تائين اسلامي ملڪن جو وڏو سفر ڪيائين. سنڌ ۾ بہ آيو هو، پر اڳتي نہ وڌيو. ٢٢،٢٠ ورهين

# اِبن حوقل جو تيار ڪيل سنڌ جو نقشو




نوٽ:- هي نقشو ايليٽ کي، ائوڌ جي نوابن جي ڪتبخاني مان هٿ لڳو. سندس ڪتاب:
"History of India as told by its own Historians" (Vol: I, P-32, Year 1976)
۾ ڏنل آهي- اتان نقل ڪيو ويو آهي.

M.A. GHAFOOR SINDHI
8.2.1980

# بشاري مقدسي جي ٻُڌايل احوال تي تيار ڪيل سنڌ جو نقشو.




نوٽ:- هي نقشو بشاري مقدسي جو پنهنجو تيار ڪيل نه آهي، پر سندس ٻُڌايل احوال جي آڌار تي تيار ٿيل آهي، ۽ هيٺين ڪتاب ۾ صفحي ۲٦۰ جي سامهون ڏنل آهي: "اسلامي دنيا دسويں صدی عيسوی ميں" - خورشيد احمد فارق - ندوة المصنفين، دهلي، ۱۹٦۲ع.

M.A. GHAFOOR SINDHI
8-2-80

جي سياحت ڪان پوءِ سنه ٣٧٥هه (٩٨٥ع) ۾ پنهنجا مشاهدات قلمبند ڪيائين ۽ ان ڪتاب جو نالو "احسن التقاسيم معرفة الاقاليم" رکيائين. هي سفرنامو پهريون پيرو ڊچ مستشرق ڊي غوئي ١٨٧٧ع ۾ ڇپايو. وري ٻيو پيرو سڌاري ١٩٠٦ع ۾ ليڊن مان شايع ڪيائين. ڪتاب ۾ مسلمان ملڪن جي معاشرتي ۽ معاشي حالتن، رسم ۽ رواج، جغرافيائي حالتن، زبانن ۽ انهن جي لهجن، ماڻهن جي شڪل ۽ صورت، مذهبن ۽ فرقن، هنرن ۽ فنن، پيداوار ۽ ميون، گلن ۽ ٻوٽن، وڻن ۽ سڪن، شهرن ۽ واپاري مَنڊين، درآمد ۽ برآمد، ويرانين ۽ آبادين، شاهراهن ۽ مفاصلن، پهاڙن ۽ دريائن تي تفصيل سان روشني وڌي وئي آهي. اهوئي سبب آهي، جو هن ڪتاب کي هڪ منفرد حيثيت حاصل آهي. آخري باب سنڌ بابت آهي، جو ١٤ صفحن تي مشتمل آهي. **ڪتاب جي خاص خصوصيت هيءَ آهي ته ان ۾ مسلمان ملڪن جو نقشو به آهي، جنهن ۾ سنڌ جو نقشو به ڏيکاريل آهي.**

مقدسي جي ولادت ٣٣٦هه (٩٤٧ع) جي لڳ ڀڳ ٿي ۽ چوٿين صدي هجريءَ جي آخري سالن ۾ وفات ڪيائين. سندس اباڻو ڏنڌو جايون جوڙڻ هو. پاڻ عالم ۽ فاضل هو. حنفي فقه جو پيرو هو ۽ سندس زندگي مذهبي رنگ ۾ رڱيل هئي.

### ١٧- البيروني

ابو ريحان محمد بن احمد، خوارزم جي هڪ ڳوٺ جو رهاڪو هو. تعليم حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ هو جڏهن خوارزم ۾ پهتو ته ڏيک ويک ۾ ٻهراڙيءَ جو رهاڪو ٿي معلوم ٿيو، انهيءَ ڪري درٻاري کيس "بيروني" (ٻهراڙيءَ جو ماڻهو) سڏڻ لڳا. اهڙيءَ طرح "بيروني" مشهور ٿي ويو. پهريائين منصور دوم بن نوح (٩٩٧-٩٩٩ع) جي درٻار ۾ هو. پوءِ جرجاڻ ۾ شمس المعالي قابوس وٽ ويو. سنه ١٠٠٨ع ۾ خوارزم جي درٻار ۾ آيو. جڏهن ١٠١٧ع ۾ محمود غزنوي خوارزم فتح ڪيو، ته هو غزني هليو ويو. ان ڪان پوءِ هو سنڌ ۽ هند ۾ آيو ۽ ڪيترو وقت رهي، هتي جي علمن ۽ فنن جو اڀياس ڪيائين. ١٠٣٠ع ۾ سنڌ ۽ هند جي علمن بابت مشهور ڪتاب "ڪتاب الهند" لکيائين. ان ڪان سواءِ ٻيا به ڪيترائي ڪتاب لکيائين. سنه ٩٧٢ع ۾ ڄائو ۽ ١٠٤٨ع ۾ غزنيءَ ۾ وفات ڪيائين.

Gul Hayat Institute

### ١٨- قاضي صاعد اندلسي

صاعد بن احمد بن عبدالرحمان بن محمد بن صاعد، ڪنيت ابوالقاسم، قرطبه جو رهاڪو هو ۽ ابن حزم جو شاگرد هو. ڪجهه وقت (طليطله) اندلس جو قاضي به رهيو. ان وقت جو والي مامون يحيٰ هو. سنه ٤٦٢هه (١٠٧٠ع) ۾ وفات ڪيائين. "التعريف بطبقات الامم" سندس مشهور ڪتاب آهي؛ جنهن ۾ ان وقت جي متمدن قومن جي علمن ۽ فنن جو ذڪر آهي. هڪ باب سنڌ ۽ هند جي علمن ۽ فنن بابت به آهي. ڪتاب بيروت مان ١٩١٢ع ۾ ڇپيو.

**١٩- قاضي رشيد بن زبير:**

هو آل بويہ جي مشهور حڪمران ”ابو ڪاليجار“ جي دربار سان وابستہ رهيو. ان جي وفات کان پوءِ مصر جي فاطمي حڪمرانن وٽ هليو ويو. باقي زندگي اتي گذاريائين. اتي ڪتاب ”الذخائر“ لکيائين، جنهن ۾ مسلمان حڪمرانن جا ٻين ملڪن جي حڪمرانن سان تعلقات جو ذڪر آهي. ان سلسلي ۾ سنڌ ۽ هند جي حڪمرانن جو احوال بہ آيو آهي. هي ڪتاب ٤٦٢ھ جي لڳ ڀڳ لکيو ويو. ويجهڙائيءَ ۾ اهو ڪتاب ڊاڪٽر حميد الله ۽ ڊاڪٽر صلاح الدين ايڊٽ ڪري، ڪويت ۾ شايع ڪيو آهي.

**٢٠- عبدالقاهر:**

سندس ڪنيت ابو منصور هئي، ۽ بغداد جو رهاڪو هو. سندس ڪتاب ”الفرق بين الفرق“ ۾ مسلمانن جي فرقن جو ذڪر آهي. معتزلہ فرقي جو احوال بيان ڪندي، سنڌ ۽ هند جي سمني فرقي جو ذڪر بہ ڪيو اٿس.

**٢١- مطهر بن طاهر مقدسي:**

بيت المقدس جو عرب، عالم، فاضل ۽ فلسفي هو. چوٿين صدي هجريءَ جي وچ جو آهي. سندس ڪتاب ”البدء و التاريخ“ ۾ سنڌ ۽ هند جي مذهبن ۽ ٻين ڪن ڳالهين جو احوال آيو آهي.

**٢٢- عبدالڪريم شهرستاني:**

ابوالفتح محمد بن عبدالڪريم شهرستان جو رهاڪو، جيڪو خوارزم نيشاپور جي وچ تي هڪ ڳوٺ هو، اتي ئي ١٠٧٦ع ۾ ڄائو، ۽ اتي ئي سنہ ١١٥٣ع ۾ وفات ڪيائين. ”الملل و النهل“ سندس مشهور تصنيف آهي، جنهن ۾ اسلامي فرقن کان سواءِ يهودين، نصارن ۽ صائبين جي تاريخ بہ ڏنل آهي.

**٢٣- شريف الادريسي:**

ابو عبدالله بن محمد بن محمد بن عبدالله، عام طرح سان شريف الادريسي جي نالي سان مشهور آهي. آفريڪا جي شاهي خاندان ادريسي جو چشم و چراغ هو. سندس نسب جو سلسلو حضرت علي رضہ سان ملي ٿو. صقليہ جي هڪ شهر ۾ ٤٩٣ھ (١٠٩٩ع) ۾ ڄائو. قرطبہ ۾ تعليم حاصل ڪيائين. وڏو عالم، فاضل ۽ جاگرافيءَ جو ماهر هو. سندس نالو ٻڌي، صقليہ جي عيسائي حڪمران راجر دوم کيس پاڻ وٽ گهرايو. سندس وڏي عزت ڪيائين، ۽ کيس زمين جو هڪ مڪمل گرهہ تيار ڪرڻ لاءِ چيائين. ان لاءِ کيس گهربل چاندي ۽ ٻيون سهولتون ڏنائين. هن چاندي پگهاري، ان سان زمين جو هڪ عظيم الشان گرهہ ناهيو،

Gul Hayat Institute

جنهن ۾ سيني شهرن، پهاڙن، سمنڊن، دريائن، وادين، هيناهين ۽ مٿانهين جي تصوير بنايائين. ن جي تياريءَ جي سلسلي ۾ ڪيترن ئي ڪتابن تان مواد ورتائين. ان گرهه جو قطر اٽڪل ڇهه فوٽ ۽ وزن ساڍا پنج مڻ هو. هي دنيا جو پهريون اصطرلاب آهي. انهيءَ ڪاميابيءَ تي راجر ڪيس دل کولي انعام ڏنو. ان کان پوءِ هن صقليه ۾ رهائش اختيار ڪئي.

انهيءَ کان پوءِ راجر ڪيس هڪ مڪمل ۽ مفصل ڪتاب لکڻ لاءِ چيو. ان ڪم لاءِ هو جاگرافيدانن ۽ مصورن جي هڪ جماعت ساڻ ڪري، سڄي دنيا گهميو. دنيا جي سير و سياحت، مشاهدي ۽ مطالعي کان پوءِ "نزهة المشتاق" نالي ڪتاب لکيائين. ان ۾ سنڌ ۽ هند جو احوال به آيو آهي. ان جي سنڌ ۽ هند واري حصي کي ايڊٽ ڪري، ڊاڪٽر مقبول احمد پي. ايچ. ڊي. جي ڊگري حاصل ڪئي آهي. ان جي منڍ ۾ انگريزي ۾ مفصل مقدمو آهي. هي ڪتاب مسلم يونيورسٽي عليگڙهه طرفان شايع ٿيو آهي.

## ٢٤- ابن ابي اصيبعه:

احمد بن قاسم السعدي الخزرجي، ڪنيت ابوالعباس، لقب موفق الدين، دمشق جو رهاڪو هو. ١٢٠٣ع ۾ ڄائو، ۽ ١٢٧٠ع ۾ وفات ڪيائين. سندس ڏاڏي جو نالو "ابو اصيبعه" هو، انهيءَ ڪري "ابن ابي اصيبعه" سڏايائين. ماهر نباتات ابن البيطار اندلسي (وفات ١٢٤٨ع) جو شاگرد هو.

ابن اصيبعه مشهور حڪيم ۽ طبيب هو. سندس ڏاڏو سلطان صلاح الدين جو طبيب هو. هي پهريائين قاهره جي هڪ شفاخاني ۾ طبيب هو. پوءِ امير "صرخد" جو خاص طبيب ٿي، قاهره ۾ رهيو. ايوبي سلطنت ۾ مختلف عهدن تي فائز رهيو. "عيون الانباء في طبقات الاطباء" سندس مشهور تصنيف آهي. ان ۾ ڇهه سؤ مشهور حڪيمن جون سوانح عمريون آهن. ڪتاب جي ٻئي جلد ۾ سنڌ ۽ هند جي طبيبن ۽ سندن علاج جو ذڪر به ملي ٿو.

## ٢٥- ابن بطوطه:

محمد بن عبدالله بن ابراهيم بن عبدالله اللواطي الطنجي، ڪنيت ابو عبدالله، لقب شرف الدين، ابن بطوطه جي نالي سان مشهور آهي. ٧٠٣هه (١٣٠٤ع) ۾ طنج (مراڪش) ۾ پيدا ٿيو، ۽ ٧٧٩هه (١٣٧٧ع) ۾ وفات ڪيائين. مشهور سياح ٿي گذريو آهي. ڪيترن ئي ملڪن جو سير و سفر ڪيائين. سنڌ ۾ به آيو هو، ۽ سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن ۾ رهيو. ١٣٥٤ع ۾ موٽي مراڪش پهتو. پنهنجي سفر جو احوال هڪ عالم ابن جزي الڪلبي کان لکارايائين. ڪن عالمن جو خيال آهي، ته ابن بطوطه سفرنامو پاڻ لکيو، ابن جزي ان جو اختصار ڪيو. سفرنامي جو نالو "تحفة النظار في غرائب الامصار و عجائب الاسفار" آهي. سفرنامي ۾ سنڌ جو به تمام گهڻو احوال ملي ٿو. سنڌ جي شهرن، مشهور عالمن ۽ رهڻي ڪهڻي جو ذڪر هن ڪتاب ۾ ملي ٿو.



Gul Hayat Institute

## ٢٦- قلشقندي

شهاب الدين ابوالعباس احمد بن علي بن احمد بن عبدالله بن ابي عنده ٧٥٦هه (١٣٥٥ع) ۾ مصر جي ڳوٺ "قلشقند" ۾ ڄائو. سنه ٧٩١هه ۾ مصر جي ديوان انشا جو آفيسر مقرر ٿيو. ڪيترائي ڪتاب لکيائين. سندس ڪتاب "صبح الاعشي" جي پنجين جلد ۾ سنڌ ۽ هند جي تاريخ، جاگرافي، تهذيب ۽ تمدن جو ڪجهه قدر احوال ملي ٿو.

## ٢٧- ابوالفدا

اسماعيل الافضل علي بن المظفر محمود بن المنصور محمد بن تقي الدين عمر ال ايوب مان هو. سنه ١٢٧٣ع ۾ دمشق ۾ پيدا ٿيو. ١٣١٠ع ۾ مصر جي مملوڪ سلطان محمد بن قلائون ڪيس حمات جو گورنر مقرر ڪيو. ٻن سالن کان پوءِ اتي جو والي بڻايو. سنه ١٣٣١ع ۾ وفات ڪيائين. تصنيف "تقديم البلدان" جاگرافي جو ڪتاب آهي، جنهن ۾ سنڌ جو ذڪر به ملي ٿو.

ٻيا مؤرخ ۽ جاگرافيدان:

انهن کان سواءِ ٻين به ڪيترن ئي عالمن عربي زبان ۾ تاريخ ۽ جاگرافيءَ بابت ڪتاب لکيا آهن، جن ۾ سنڌ جو ٿورو احوال ملي ٿو، جهڙوڪ:

٢٨- قدامه بن جعفر (وفات ٩٠٠ع)

٢٩- صوفي دمشقي (وفات ١٣٢٦ع)، ڪتاب: عجائب البرو البحر

٣٠- زڪريا قزويني (وفات ١٢٨٣ع، ڪتاب: آثار البلاد

٣١- نويري، مصر جو رهاڪو (وفات ١٣٣١ع)، ڪتاب: نهايت الارب في فنون الادب

٣٢ شهاب الدين عمري (وفات ١٣٤٩ع)، ڪتاب: مسالڪ الابصار و ممالڪ الابصار.

# عرب سياحن، مؤرخن جاگرافيدانن ۽ ليکڪن جي ڪتابن ۾ سنڌ جو احوال

مٿي ذڪر ڪيل عرب مؤرخن، سياحن، جاگرافيدانن ۽ ليکڪن جي ڪتابن ۾ سنڌ جي تاريخ، جاگرافي، تهذيب و تمدن، ٻولي ۽ رسم الخط وغيره بابت ڪيترو ئي احوال آيو آهي. ايڏي وڏي مواد جو احاطو مشڪل آهي، البت نموني طور ڪن عبارتن جا حصا ڏجن ٿا.

### جاگرافي

(١) "جاگرافيءَ وارن دنيا کي ستن حصن ۾ ورهايو آهي. ٻهريون حصو هندستان آهي، جنهن جي سرحد اوپر ۾ سمنڊ جي ويجهو ۽ چين جي علائقي کان اولهه ۾ ديبل تائين آهي،

(٦) بشاري مقدسي، سنڌ کي ڇهن حصن ۾ ورهايو آهي:
١- مڪران (موجوده بلوچستان ۽ مڪران)
٢- طوران (قلات)
٣- سنڌ
٤- ويهند (گنڌارا وارو علائقو)
٥- قنوج
٦- ملتان.(١)

هن مان معلوم ٿيندو، ته قديم زماني ۾ سنڌ جي حڪومت جون حدون پري پري تائين ڦهليل هيون.

(٧) بشاري مقدسي، سنڌ جي آبهوا بابت لکي ٿو:

"سنڌ عام طور گرم ملڪ آهي، پر هتي معتدل آبهوا وارا هنڌ به آهن جهڙوڪ: ويهند ۽ منصوره. هتي گرم ۽ سرد آبهوا وارا ميوا به ٿيندا آهن. ملڪ جو گهڻو ڏاکڻو حصو سمنڊ سان مليل آهي."(٢)

## عرب ملڪن کان سنڌ جو مفاصلو

ابن خردازبه جي زماني ۾، واپارين جا جيڪي قافلا خراسان کان مڪران ۽ سنڌ وغيره ويندا هئا، انهن مان انهن جي مسافريءَ جي پهرين منزل "فهرج" هوندي هئي. انهيءَ نالي وارا ان زماني ۾ ٽي شهر هئا، پر هي شهر صوبي "ڪرمان" ۾ هو، جيڪو اتان جي ٻن شهرن "بم" ۽ "نرماسير" جي اوير ۽ باديہ ايران جي ڪناري تي هو. "سيرجان" کان اوير جي طرف مڪران وڃڻ واري سڙڪ، "بم" ۽ "نرماسير" کان ٿيندي، فهرج پهچندي هئي(٣).
ابن خردازبه فهرج کان مفاصلو هن طرح ٿو ٻڌائي: "فهرج کان مڪران(٤) جي علائقي طاهران(٥)

(١) ڏسو "اسلامي دنيا دسوين صدي عيسوي مين، خورشيد احمد فاروق، ندوة المصنفين دهلي، ١٩٦٢ع، ص ٢٦٠ ۽ ٢٦١
(٢) ايضاً، ص ٢٦١.
(٣) ڏسو جغرافيہ خلافت مشرقي، ص ٤٩٦، ٤٩٣، ٤٨١.
(٤) هي هڪ وسيع ملڪ آهي. اڳين زماني ۾ سنڌ جي ماتحت هو، انهيءَ ڪري عرب سياح ان کي سنڌ ۾ ليکيو آهي. ابن رستہ به لکيو آهي، ته سنڌ جي سرحد "تيز" (مڪران جي ڪاديءَ جو هنڌ) کان شروع ٿئي ٿي. (ڏسو الاعلاق النفيسہ، ص ٨٧) اصطخري وغيره ان جا حالات تفصيل سان لکيا آهن.
(٥) ندوي صاحب تاريخ سنڌ (ص ١٩٨) ۾ لکيو آهي، ته مڪران جي سرحد طاهران کان شروع ٿئي ٿي. "طوس" جو شهر، جو خراسان جو مشهور ۽ مردم خيز شهر آهي، طاهران ۽

قنوج ۽ ڪشمير تي جدا جدا خود مختيار راجائون تي ويا، ۽ مهانگر تي به هڪ راجا ”بلهرا“ قابض ٿي ويو. هي پهريون راجا هو جنهن جو نالو بهلرا پيو. ان ڪانپوءِ جيڪو به ان علائقي جو راجا ٿيندو هو، ان جو اهوئي لقب هوندو هو. اسان جي زماني يعني ٣٣٢ھ تائين اهوئي دستور آهي.“

برهمڻ جي حڪومت: اهڙيءَ طرح برهمڻ جي حڪومت ختم ٿي. مسعوديءَ جو چوڻ آهي، ته انهن جي حڪومت ٣٦٦ سال رهي. پنهنجي وقت جو ذڪر ڪندي لکي ٿو، اسان جي زماني ۾ انهن جي اولاد ”براهمڻ“ جي نالي سان مشهور آهي ۽ هندو انهن کي عزت ۽ توقير جي نظر سان ڏسندا آهن. هي پنهنجي طبقي جا اعليٰ ۽ اشراف ماڻهو آهن. هي جانورن جو گوشت نه کائيندا آهن. هن قوم جي مردن ۽ عورتن جي ڳچين ۾ تلوار جي حمائل وانگر ڦڪي رنگ جا ڌاڳا پيل هوندا آهن، جنهن جي ڪري هو هندن جي ٻيءَ قوم کان ممتاز سمجهيا ويندا آهن.“

برهمڻ جي زماني ۾ علم ۽ حڪمت جي ترقي:- اڳي جيڪي بيان اچي چڪا آهن، انهن مان معلوم ٿيندو ته برهمڻ جي زماني ۾ علم حڪمت چڱي ترقي ڪئي هئي. ان باري ۾ مسعودي ٻئي هنڌ لکي ٿو:

قديم زماني ۾ برهمڻ جي سلطنت جي زماني ۾ سيانن حڪيمن ۽ مفڪرن جو ”بيت الذهب“ ۾ اجتماع ٿيو. هنن چيو، ته اسان کي گڏجي غور ڪرڻ گهرجي ته هن دنيا جي حقيقت ۽ ان جو راز ڇا آهي؟ اسان ڪٿان آيا آهيون ۽ ڪيڏانهن وڃڻو آهي. اسان کي عدم مان وجود ۾ آڻڻ جي ڪا حڪمت ۽ مصلحت به آهي يا نه. ڇا اسان جي جسمن کي بنائڻ ۽ پيدا ڪرڻ واري جو اسان جي پيدائش ۾ ڪو مفاد وابسته آهي يا ڇا اسان کي هن دنيا مان معدوم ڪرڻ سان هو پنهنجي ڪنهن نقصان کي دور ڪرڻ گهري ٿو؟ ڇا اسان وانگر هن جون به ڪي ضرورتون آهن، ۽ هو به اسان جيان نقصان کي دور ڪرڻ گهري ٿو، ڇا اسان وانگر هن جون به ڪي ضرورتون آهن، ۽ هو به اسان وانگر نقصان سهي ٿو، يا انهن سڀني شين کان هو بلڪل مستغني ۽ پاڪ آهي. پوءِ آخر هو ڇو اسان کي وجود بخشڻ ڪانپوءِ ماري ڇڏي ٿو؟

پهرين حڪيم ۽ فلسفيءَ ان جو اهو جواب ڏنو، ”ڇا اوهان اهڙو شخص ڏٺو آهي، جنهن موجود ۽ غيرموجود سڀني شين جو صحيح صحيح ادراڪ ڪيو هجي، ۽ اهو مقصد ۾ ڪامياب ٿي مطمئن به ٿي ويو هجي.“ ٻئي جواب ڏنو: جيڪڏهن ڪنهن جي عقل ۽ فهم ۾ باري تعاليٰ جي حڪمت اچي وڃي، ته ان مان ان جي حڪمت ۾ نقص ۽ فتور لازمي طرح

جڏهن ڏٺو ته فرج ابو روح سنڌيءَ پنهنجي آقا لاءِ وڏي دولت ۽ ملڪيت پيدا ڪئي، تڏهن هر شخص سنڌي خريد ڪرڻ جي خواهش ڪرڻ لڳو"(١).

سنڌي بورچي: جاحظ بي هنڌ لکيو آهي:

"هتان جي ماڻهن جي اها وصف آهي، ته سنڌي غلامن کان وڌيڪ رڌڻ پچائڻ وارا نه ملندا. انهن کي فطري طور کائڻ پچائڻ جو ذوق هوندو آهي"(٢).

ڪارو ڪاري: معلوم ٿئي ٿو، ته ڪارو ڪاريءَ کي مارڻ جي رسم به سنڌ ۾ قديم زماني کان موجود آهي.

سليمان تاجر لکيو آهي:

"هند ۽ چين وارا جڏهن شادي وهانءُ ڪندا آهن، تڏهن پهريائين سلام دعا شروع ڪندا آهن، پوءِ سوکڙيون پاکڙيون موڪليندا آهن؛ ۽ پوءِ طبل ۽ جهانجهه وڄائي شاديءَ جو اعلان ڪندا آهن. جيترقدر به ٿي سگهندو اٿن، مال ۽ دولت ڏيندا آهن. جڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن عورت کي وٺي اچي ۽ بدڪاري ڪري، ته بدڪاري ڪرڻ واري عورت ۽ مرد ٻئي قتل ڪرڻ سڄي ملڪ ۾ ضروري سمجهيو ويندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ زبردستيءَ عورت سان زنا ڪئي، ته اڪيلو مرد قتل ڪيو ويندو؛ پر جيڪڏهن عورت جي رضامنديءَ سان بدڪاري ڪيائين، ته مرد ۽ عورت ٻئي قتل ڪيا ويندا آهن."(٣)

فوج: هند ۽ سنڌ جي راجا جي فوج بابت عربي ڪتابن ۾ حوالا ملن ٿا. آيو آهي:

"هندستاني راجا جي فوجن جو تعداد وڌيڪ آهي؛ پر اهي پگهاردار نه آهن. بلڪ ضرورت وقت جڏهن راجا انهن کي جنگ لاءِ گهرائيندو آهي، تڏهن ايندا آهن ۽ پنهنجو خرچ ڪندا آهن. بادشاهه تي ان جي ذميداري نه هوندي آهي."(٤)

هندستاني فوج بابت مٿيون بيان سليمان تاجر جو آهي. ابن فقيهه همداني، جو ٽينءَ صديءَ هجريءَ جي آخر جو جاگرافيدان آهي، به ائين ئي لکي ٿو. لکيو اٿس: "بادشاهه فوج کي پگهار نه ڏيندو آهي. پر لڙائيءَ لاءِ جڏهن به گهرائيندو آهي، ته ماڻهو پاڻ هليا ايندا آهن"(٥).

ڏوهه ثابت ڪرڻ ۽ سزا: سليمان تاجر جو بيان آهي: "هندستان ۾ جڏهن ڪو شخص، ٻي شخص تي اها دعويٰ ڪندو آهي، جنهن ۾ ملزم جي سزا قتل لائق هجي، ته الزام لڳائڻ واري کي چيو ويندو آهي، ته ڇا تون ڏوهاريءَ کان باهه ڪٽارائيندين؟ جيڪڏهن هو هاڪار ڪندو آهي، ته ڏڪ لوهه باهه ۾ وڌو ويندو آهي؛ جڏهن اهو باهه ۾ تپي سرخ ٿي ويندو آهي،

(١) رساله فخرالسودان، ص ٨٠-٨١. (٢) ايضا.
(٣) سلسلةالتواريخ، از سليمان تاجر، ص ٥٣.
(٤) سلسلة التواريخ، ص ٥٨.
(٥) ڪتاب البيان، ص ١٦١.

۱۰- الاخبار الطوال: ابو حنيفه الدينوري، اردو ترجمو: پروفيسر محمد منور، مرڪزي اردو بورڊ لاهور، ۱۹۶۶ع.
۱۱- الاعلان بالتوبيخ: شمس‌الدين، محمد بن عبدالرحمان السخاوي، اردو ترجمو: ڊاڪٽر سيد محمد يوسف، مرڪزي اردو بورڊ لاهور، ۱۹۶۸ع.
۱۲- فقهائي هند جلد اول: محمد اسحاق ڀٽي، اداره ثقافت اسلاميه لاهور، ۱۹۷۴ع.
۱۳- هندوستان مين عربون کي حکومتين: قاضي اطهر مبارڪپوري، مڪتبه عارفين ڪراچي.
۱۴- عربون کي جهاز راني: مولانا سيد سليمان ندوي، اسلامڪ ريسرچ ائسوسيئيشن بمبئي.
۱۵- عرب و هند، عهد رسالت مين: قاضي اطهر مبارڪپوري.
۱۶- عرب و هند، عهد بنو اميه مين: قاضي اطهر مبارڪپوري.
۱۷- عرب و هند، عهد بنو عباس مين: قاضي اطهر مبارڪپوري.



قريشي حامد علي خانائي

# فن خطاطيءَ جي مختصر تاريخ

قديم زماني ۾ خطاطي ۽ خوشنويسي هڪ وڏو ڪمالِ فن ڪري سمجهيو ويندو هو. ان جا اصول ۽ قائدا-قانون مقرر ۽ مرتب ٿيل هئا. ٻين علمن ۽ فنن وانگر هن جي تحصيل کان سواءِ تعليم کي نامڪمل ۽ ناقص سمجهيو ويندو هو. بادشاهه، امراءَ ۽ دولتمند ماڻهو پنهنجي اولاد کي خاص طرح هن فن جي تعليم ڏيندا هئا. بادشاهن جي درٻارن ۾ خطاطن ۽ خوشنويسن جي ڏاڍي قدرشناسي ۽ سرپرستي ڪئي ويندي هئي، ۽ انهن کي شاهي درٻارن جي زيب ۽ زينت ڪري سمجهيو ويندو هو. انهن واسطي شاهي خزاني مان ماهيانا وظيفا مقرر ٿيل هوندا هئا. ڪيترن ئي نامور استادن ۽ مشهور خطاطن جا تحرير ڪيل ڪتاب ۽ ڪتبا وڏيءَ قيمت تي وڪامندا هئا.

خطاطيءَ جي فن جي ايجاد متعلق ڪو به مستند تاريخي احوال ڪونه ٿو ملي، ۽ هن جي تاريخ تي اڃان تائين زماني جو ڪافي رَڄُ ۽ لَٽُ چڙهيل نظر اچي ٿو. انهيءَ حالت جي باوجود ايترو معلوم ٿئي ٿو ته هن فن جا جيڪي به نشان ۽ اهڃاڻ مليا آهن، سي گهڻي قدر عرب عالمن ۽ سياحن جي احوالن ۽ تذڪرن مان دستياب ٿيا آهن. دراصل ”خط“ انسان جي هٿن، دل جي امنگن ۽ جذبن جو ترجمان آهي. انساني تمدن جي تاريخ صاف ٻڌائي ٿي ته خطاطي اڪثر علمن جي محافظ ۽ ڪيترن ئي فنن جي بند ٿيل خزانن جي ڪنجي آهي. خطاطي خود هڪ علم به آهي، ۽ هڪ مستقل فن پڻ. انسان جي دل ڪڏهن به جذبن، امنگن ۽ خيالن کان خالي نه رهي آهي ۽ هر زماني ۾ هُن پنهنجي خيالن ۽ جذبن جو اظهار ڪنهن نه ڪنهن نموني ۽ صورت ۾ ڪيو آهي. جڏهن انسان پنهنجي انفرادي زندگي ”سير ۽ شڪار“ واري دور مان گذاري، زراعت ۽ تمدني زندگيءَ ڏانهن قدم وڌايو ۽ ڪيس اجتماعي زندگيءَ جو تصور سامهون آيو، تڏهن پنهنجن خيالن کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ڪيس هڪ اهڙي شيءِ يعني ”خط“ جي ايجاد ڪرڻ جو خيال پيدا ٿيو. اهائي تمدني زندگيءَ جي سڀ کان پهرين ضرورت هئي ۽ انهيءَ طرح سان دنيا ۾ ”خط“ ايجاد ٿيو.

اوائل ۾ جڏهن انسان اسم، فعل ۽ جملي کان واقف نه ٿيو هو، ته ان وقت هو پنهنجن خيالن، احساسن ۽ جذبن جي اظهار ڪرڻ لاءِ تصويرون ڪيڏي ان تي عمل ڪندو هو.



Gul Hayat Institute

مثال طور 'دشمني' ۽ 'عداوت' جي جذبي کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هو "نانگ" جي شڪل ڪڍندو هو، 'محبت' ۽ 'پيار' کي ظاهر ڪرڻ واسطي وري هو "ڪبوتر" جي صورت ٺاهيندو هو. پر جڏهن 'جنگ' يا 'لڙائي' جي واقعي کي ظاهر ڪرڻو هوندو هوس ته "شينهن" ۽ "چيتي" جي تصوير ڪڍي پنهنجي خيالن جي تسڪين ڪندو هو(١). انهيءَ قسم جون تصويرون پٿرن ۽ مٽيءَ جي تختين تي ڪڍيون وينديون هيون. ان کان پوءِ وري اهو دور آيو، جنهن ۾ انهيءَ قسم جون تصويرون ذاتن جي پليٽن تي نقش ٿيڻ لڳيون. انهيءَ نموني جون تصويرون مصر، چين، برصغير هند و پاڪ ۽ بابل جي پهاڙن ۽ ڪندرن مان آثار قديم جي ماهرن کي هٿ آيون آهن. انهن تختين کي قديم زماني جي خطاطيءَ جا نمونا ۽ ماخذ سمجهيو وڃي ٿو. انهيءَ قسم جي "تصويري خط" جو نالو ماهرن "هيروغلفي خط" ڏنو آهي. دنيا ۾ جيترا به جدا جدا حروف تهجي آهن، سي سڀئي گهڻي قدر انهيءَ تصويري خط مان نڪتا آهن. "هيروغلفي خط"(٢). پنج هزار ورهيه قبل مسيح، مصر، شام، عراق ۽ چين ۾ رائج هو.

"هيروغلفي خط" کان پوءِ مذهبي عالمن خاص مذهبي طبقي لاءِ هڪ خاص قسم جو ٻيو "خط" ايجاد ڪيو، جنهن کي ماهرن "هيروطيقي خط"(٣) ڪري سڏيو. "هيروطيقي خط" جو نمونو هيءُ آهي:



---

(١) هن دور ۾ سنڌ جي ڪيترن مصورن شاهه لطيف رحه جي رسالي جي ڪيترن بيتن جون تصويرون ڪڍيون آهن. ليڪن پنج-ڇهه هزار ورهيه اڳ ۾ به خيالن جي اظهار لاءِ تصويرن کان ڪم ورتو ويندو هو. ان وقت شاعري مصوريءَ ۾ ڪئي ويندي هئي. خطاطي، 'شاعري ۽ مصوري' جي ميلاپ جو ذريعو آهي.

(٢) هيروغلفي خط کي دنيا جي خطن جو ماخذ ڪري سمجهيو وڃي ٿو. مصر، بابل ۽ عراق هيروغلفي خط جي ابتدا ۾ نمايان حصو ورتو آهي. هن خط جا دنيا ۾ خاص ٽي مرڪز هئا: مصر، عراق ۽ چين. مصري هيروغلفي خط ساڄي کان کاٻي طرف لکيو ويندو هو. تصوير نويسي يعني Pictography هيروغلفي خط جي ابتدائي صورت آهي. خيال نويسي يعني Ideography جنهن ۾ تصوير اندر شاعرانه انداز سمايل هجي. صورت نويسي يعني Hicrography جنهن ۾ انسان کي آوازن لاءِ نشان مقرر ڪرڻ جو خيال پيدا ٿيو. هيءَ آخري ۽ ترقي پذير صورت آهي ۽ هن ۾ هر آواز لاءِ مناسب ۽ مشابهت رکندڙ آوازن واريءَ صورت کان جڏهن ڪٽن واقف ٿيا، تڏهن ان جي صورت ٺاهي ويئي. دراصل اهائي منزل آهي جا اڳتي هلي حرفن جي صورت ۾ ظاهر ٿي.

(٣) هن قسم جي خط لکڻ جي اجازت صرف مذهبي ڪتابن لاءِ مخصوص هئي ۽ عوام الناس کي ان لاءِ منع ٿيل هئي. ان قسم جي خط سکڻ ۽ لکڻ کي عوام لاءِ گناهه سمجهيو ويندو هو. قديم زماني ۾ هيءُ خط مذهبي ڪتابن کان سواءِ مندرن جي پٿرين يا گنبذن يا مقبرن جي اڪيرڻ ۾ ايندو هو.



Gul Hayat Institute

تاريخ جي مطالعي مان اها ڳالهه به ظاهر ٿئي ٿي ته اسلام کان اڳ ۾ عرب ۾ لکڻ پڙهڻ جو رواج بلڪل گهٽ هو. عرب جي سرزمين ۾ جڏهن اسلام جي روشن شمع پنهنجي تجلي ڏيکاري ۽ هر طرف کان روشني ڦهلجي ويئي، تڏهن عربن پڻ علم ۾ وڏي دلچسپي ورتي. اسلام جي شروع ۾ مڪي ۾ صرف سترهن ماڻهو هئا، جي "ڪتابت" جي فن مان واقف هئا. اسلام عربن ۾ علم حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ ڪتابت جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ شوق پيدا ڪيو. رسول اڪرم صلي الله عليه و سلم جن پنهنجي پاڪ حياتيءَ ۾ ٿي مسلمانن کي تعليم، علم ۽ ڪتابت سکڻ تي تمام گهڻو زور ڏنو، جنهن جا ڏاڍا سٺا نتيجا نڪتا. تاريخ اسلام ۾ اچي ٿو ته عرب جو مشهور شاعر لبيد رضه، اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي سڄي حياتي قرآن پاڪ جي ڪتابت لاءِ وقف ڪري ڇڏي. حضرت عبدالله بن مسعود رضه چار دفعا قرآن پاڪ جي ڪتابت ڪئي هئي. هڪ دفعو حضرت نبي ڪريم صلعم جن جي زندگيءَ ۾، ٻيو پيرو مڪمل قرآن شريف بترتيب شانِ نزول لکيائين. ٽيون ۽ چوٿون دفعو حضرت ابوبڪر رضه ۽ حضرت عثمان رضه جي دور خلافت ۾ قرآن مجيد جي ڪتابت ڪئي هئائين.

اسلام جي انهيءَ اوائلي دور ۾ قرآن شريف به انهيءَ "ڪوفي خط" ۾ لکيو ويو. حضرت ابوبڪر رضه ۽ حضرت عثمان رضه جيڪي قرآن پاڪ جا نسخا قلمبند ڪرايا هئا، سي اڪثر ان "ڪوفي خط" ۾ هئا. "ڪوفي خط" جا حرف، پنهنجي حسن ۽ نفاست سان گڏ نقطن ۽ اعرابن کان خالي هئا. عربي، عربن جي مادري زبان هئي، تنهن ڪري هو ان کي نقطن ۽ اعرابن کان سواءِ صحيح نموني ۾ پڙهي ۽ سمجهي سگهندا هئا. خلافت راشده جي زماني ۾ عرب جا ڪيترا عالم ڪتابت جي فن کان چڱيءَ طرح واقف هئا ۽ ڪيترائي اصحابي خوشنويس پڻ هئا. حضرت علي ڪرم الله وجه ته انهيءَ فن جو امام ڪري مڃيو وڃي ٿو. سندن تعليم ۽ تحسين "خط" جي سلسلي ۾ تمام گهڻيون هدايتون مروي آهن. "خط" جي سلسلي ۾ ٻيون به ڪيتريون ئي ڳالهيون مثلا مس ۾ سوف وجهڻ جو طريقو، قلم جي بناوت ۽ هن فن جا ٻيا ڪي بنيادي اصول حضرت علي رضه جي طرف منسوب ڪيا وڃن ٿا. جڏهن عجمي قومون اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيون، ته حرفن ۽ اعرابن جي آچارڻ ۾ غلطيون ٿيڻ لڳيون. حضرت علي رضه جي خلافت ۾ سندس هڪ شاگرد ابوالاسود دوئلي (المتوفي ٦٨٨ع)(١) ساڳيءَ شڪل وارا جدا جدا مخرج رکندڙ حرفن جي آچارن ۾ فرق ڏيکارڻ لاءِ نقطا ايجاد ڪيا(٢). جهڙوڪ: ب. ت. ث، ج. خ، د. ذ، ر. ز، س. ش، ص. ض، ط. ظ، ع. غ (٣).

---

(١) ڪن عالمن جو قول ته حرفن جي نقطن ايجاد ڪرڻ جو سهرو يحيا بن حمير جي سر تي آهي. ڪن جو خيال آهي ته ابوالاسود دوئلي نه، بلڪ نصر بن عاصم الليثي آهي. حضرت عبدالله بن عمر رضه ۽ حضرت امام حسين عليه السلام انهيءَ فن ۾ مهارت رکندڙ هئا. مروان بن حڪم حضرت عبدالله بن عمر رضه کان خطاطيءَ جي فن جي تعليم ورتي هئي.

(٢) ابن نديم، "ڪتاب الفهرست"، ص ٦.

(٣) ايضاً.

عباسي دور ۾ حڪومت جي باني ابوالعباس سفاح (سنہ ۱۳۲ھ کان ۱۳۶ھ) جي دور ۾ ضحاڪ بن عجلان (المتوفي ۱۵۴ھ) مشهور خوشنويس ۽ ڪاتب ٿي گذريو آهي. هن "قطبہ" جي ايجاد ڪيل خط جي ڪيترن ئي خامين ۽ اوڻاين کي دور ڪيو. ليڪن جنهن "ڪوفي خط" کي ترقيءَ جي معراج تي پهچايو، اهو اسحاق بن حماد (المتوفي ۲۱۰ھ) هو. اسحاق "ڪوفي خط" مان اٽڪل هڪ درجن عربي خط ايجاد ڪيا هئا ۽ اهي سڀئي نمونا خفي ۽ جلي يا اوسط قلم سان لکيا ويندا هئا. اسحاق بن حماد نہ صرف نامور خوشنويس هو، بلڪ انهيءَ فن ۾ اجتهاد جو درجو پڻ رکندو هو.

خليفو هارون رشيد عباسي (سنہ ۱۷۰ھ کان ۱۹۳ھ) پنهنجن اڳين جاءِ نشينن وانگر خطاطيءَ جي فن جو وڏو سرپرست هو. خشام بصري ۽ مهدي ڪوفي سندس دور جا مشهور خطاط هئا. هي ٻئي قرآن پاڪ جي ڪتابت ڪندا هئا. مامون رشيد (سنہ ۱۹۸ھ کان ۲۱۸ھ) پڻ پنهنجي پيءُ وانگر هن فن جو وڏو سرپرست ۽ قدردان هو. هن جي دور ۾ خطاطيءَ جي فن وڏو عروج حاصل ڪيو. مامون رشيد جو درٻاري محرر، جو ابراهيم شجريءَ جو شاگرد هو، فن خطاطيءَ جو اعليٰ اُستاد هو. هيءُ پهريون شخص هو، جنهن انهيءَ فن جا اصول، قاعدا ۽ قانون مرتب ڪيا(۱). مامون رشيد جو اُستاد امام ڪسائي (المتوفي ۱۸۲ھ) نحو، ادب، قرات ۽ علم خط جو امام هو. هن خطاطيءَ جي فن ۾ ڪافي سڌارا عمل ۾ آندا. سندس اصلاح ڪيل خط ان زماني ۾ ڪافي مقبول رهيو. خاص طرح ڪوفي وارن ان کي ڏاڍو پسند ڪيو(۲). مامون رشيد جو وزيراعظم ذوالرياستين هڪ مخصوص قسم جو خط ايجاد ڪيو هو، جنهن کي "قلم الرياستي" ڪري چوندا آهن(۳).

خليفي مقتدر باالله (سنہ ۲۹۵ھ کان ۳۲۰ھ) جي زماني ۾ ابو علي بن محمد بن علي بن حسن بن مقلہ بيضاوي(۴) پيدا ٿيو، جو تاريخ ۾ "ابن مقلہ" جي نالي سان مشهور آهي.

---

(۱) شبلي نعماني، "المامون"، ص ۱۹۵. (۲) صحيفہ خوشنويسان، ص ۲۵ کان ۲۷. (۳) ايضاً.

(۴) ابن مقلہ مشهور خطاط الاحوال (المحرا) جو شاگرد هو. ۲۱- شوال ۲۷۲ھ ۾ بغداد ۾ ڄائو هو ۽ پنهنجي سموري تعليم بغداد ۾ ئي حاصل ڪيائين. پاڻ وڏو جيّد عالم ۽ ڪمالات جو صاحب هو. علم فقہ، تفسير، ادبيات، شعر، خوشنويسي ۽ انشا پردازيءَ ۾ پنهنجو مَٽُ پاڻ هو. هن پنهنجي علمي استعداد ۽ ڪمال جي باعث دربار خلافت تائين رسائي حاصل ڪئي ۽ خليفي مقتدر باالله عباسيءَ جو وزير ٿيو. هي عباسي خلافت جي انحطاط جو دور هو. درٻاري سازشن ۽ جوڙ توڙ جو زمانو هو. انهن حالتن جي اثر هيٺ ابن مقلہ کي وزارت جو قلمدان ڇڏڻو پيو. سنہ ۳۱۶ھ ۾ کيس وري ٻيهر وزير بنايو ويو، مگر جلد ئي کيس معزول ڪري قيد ڪيو ويو. جڏهن ته خليفي الراضي عباسيءَ سندس ساڄو هٿ وڍائي ڇڏيو هو. مگر ابن مقلہ پنهنجي کاٻي هٿ سان لکڻ جي مشق شروع ڪئي، ۽ ان ۾ بہ ساڳي مهارت حاصل ڪيائين. آخر ۾ خليفي الراضيءَ ابن مقلہ کي سنہ ۳۲۸ھ ۾ قتل ڪرائي ڇڏيو.



Gul Hayat Institute

ڪن روايتن ۾ اچي ٿو ته ابن مقله عربي ابجد جي قديم ترتيب کي بدلائي، موجوده ترتيب کي رواج ۾ آندو، جاڪاڻ ته ڦيرگهير وڌيڪ آسان ۽ مفيد آهي(۱).

ابن مقله هن فن ۾ پنهنجا ڪيترائي شاگرد پيدا ڪيا، جن مان عبدالله بن اسد بن علي القاري ۽ محمد بن السماني خاص طور تي مشهور آهن. ابن مقله کان پوءِ سندس شاگرد علي بن هلال البغدادي، جو تاريخ ۾ "ابن بواب" (المتوفي سنه ۴۲۳هه) جي نالي سان مشهور آهي، پنهنجي زماني جو نامور خطاط ٿي گذريو آهي. هن ابن مقله جي ايجاد ڪيل خطن کي زور وٺايو. غالباً ان سموري دور ۾ "خطِ نسخ" رائج رهيو(۲). هن جي باري ۾ مشهور خطاط ابو عبدالله جعفر بغداديءَ جو قول آهي ته ابن بواب قرآن پاڪ جو هڪ ورق ٽن مهينن ۾ لکي پورو ڪندو هو(۳).

ابن بواب جو شاگرد محمد بن عبدالملڪ هن فن ۾ وڏو ڪمال رکندو هو. ڪانئس ڪيترن خطاطيءَ جي فن ۾ سکيا حاصل ڪئي هئي. انهن مان مشهور خطاط ۽ محدث خاتون زينب بنت احمد الابريه الدينوريه وڏو بلند مقام رکندي هئي، ۽ ياقوت بن عبدالله ملڪي موصليءَ جي معاصر هئي. ياقوت بن عبدالله الحمري پڻ وڏو خطاط ۽ خوشنويس ٿي گذريو آهي. سندس شاگردن جو حلقو تمام وسيع هو. سندس وڏن شاگردن مان ياقوت بن عبدالله الرومي المستعصمي (المتوفي سنه ۶۹۱هه) اسلامي تاريخ ۾ نامور ڪاتب ٿي گذريو آهي. هن ابن البواب جي فن کي ڪمال تي رسايو. ياقوت مستعصميءَ جي هٿ جا لکيل ڪتاب ۽ قرآن پاڪ جا نسخا اج به دنيا جي وڏن ڪتبخانن ۾ موجود آهن(۴). ياقوت مستعصميءَ جا هيٺيان ڇهه مشهور شاگرد ٿي گذريا آهن:

۱. ارغوان بن عبدالله ڪاملي.
۲. يوسف مشهدي.
۳. نصرالله طبيب ملقب به صدر عراقي.
۴. شيخ زاده احمد سهروردي.
۵. مبارڪ شاهه بن قطب تبريزي.
۶. سيد حيدرعلي جلي نويس.

انهن خطاطن جي ذريعي فنِ خطاطي ايران ۾ وڏي ترقي ڪئي. انهن ڇهن ماهر خطاطن کي سندن خدمتن جي عيوض "استادانِ شش گانه" جي نالي سان تاريخ ۾ ياد ڪيو ويندو آهي.

ابن مقله جي ايجاد ڪيل خطن کان اٽڪل ٻارهن سال پوءِ يعني سنه ۳۲۲هه ۾ ايران ۾ "خط تعليق" ايجاد ٿيو. انهيءَ خط جو موجد ۽ معلم حسن فارسي(۵) چيو وڃي ٿو. هن خط جو نمونو هيءُ آهي:

---

(۱) عبدالقيوم- "تدريس نسخ"، ص ۸. (۲) ابن خلڪان، ج ۲، ص ۳۱.
(۳) صحيفه خوشنويسان، ص ۲۸. (۴) سياره ڊائجسٽ "قرآن نمبر"، ج ۳، ص ۴۰۶.
(۵) حسن بن حسين علي فارسي، حسن فارسي عرف عام عمادالدوله ديلميءَ جو همعصر هو. چوٿين صدي هجريءَ ۾ انتقال ڪيائين. (پيدائش خط و خطاطان، ص ۱۵۶).


Gul Hayat Institute

# تبولى الصاكين والذين

ملا ڪاتب چلپيءَ ڇهن خطن جو ذڪر ڪيو آهي. اهي ڇهه خط هيءُ آهن: ثلث، نسخ، تعليق، ريحان، محقق و بديع ۽ وقاع(١). انهن خطن جو اسان اڳ ۾ ذڪر ڪري آيا آهيون. عباسين جي دور ۾ صاحب معجم الادباء ۽ ياقوت بن عبدالله رومي مستعصمي، جنهن جو احوال اسان مٿي ڪري آيا آهيون، "خط نسخ" ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. سندس هٿ جي لکيل ڪتابن جا صفحا سون جي اگهه تي وڪامندا هئا. عباسي خليفي مستعصم بالله جو درباري خوشنويس هو. انهيءَ زماني ۾ پيا به ڪيترائي خوشنويس پيدا ٿيا، جن جو ذڪر "ڪشف الظنون" واري صاحب ڪيو آهي(٢). خط جي ترقي ۽ ان جي متعلق خطاطن هن فن جي ڪتابت جا اصول ۽ قاعدا قانون مرتب ڪيا ۽ ان جي مزيد ترقي ۽ تحقيق لاءِ وڏا وڏا ڪتاب تصنيف ڪيا. قلم تراشي، روشنائي سازي، ڪاغذ ۽ ڪتابت وغيره جون ترڪيبون ناهيون. اهڙيءَ طرح سان خطاطيءَ هڪ مستقل فن جي حيثيت حاصل ڪئي. ابن نديم، طاش ڪبريٰ زاده ۽ ملا ڪاتب چلپيءَ ان جو بيان ڪيو آهي.

"خط تعليق"، جنهن جو موجد حسن فارسي هو، شاهي فرمانن ۽ مراسلات ۾ گهڻو استعمال ٿيندو هو. "تعليق" جي معنيٰ آهي لٽڪائڻ. جيئن ته هن خط جو هرهڪ حرف ٻئي حرف سان ملايو ويندو آهي. ان ڪري هن کي "تعليق" چيو ويندو آهي. هيءُ خط 'رقاع ۽ توقيع' مان ٺاهيو ويو آهي. مصر ۽ ترڪيءَ ۾ انهيءَ خط کي "ديواني" چيو ويندو آهي. هيءُ خط "شڪسته" سان تمام گهڻو ملي ٿو(٣).

عباسين وانگر اندلس ۾ به مسلمانن فنِ خطاطيءَ ۾ ڪافي دلچسپي ورتي. الحمرا جا ڪتبا ان ڳالهه جي شاهدي ٿا ڀرين. انهيءَ زماني ۾ اندلس ۾ به ٻنهي "خطِ ڪوفي" ۽ "خط نسخ" جو استعمال ٿيندو هو. جيئن ته اندلس جي مسلمانن هڪ خاص قسم جو خط ايجاد ڪيو هو، جنهن کي "اندلسي يا قرطبي" خط ڪري چوندا هئا.

مصر ۾ فاطمي خليفن ۽ مملوڪ حاڪمن خطاطيءَ جي فن کي تمام گهڻو زور وٺايو ۽ هن فن جي ڏاڍي سرپرستي ڪئي. قاهره ۽ فسطاط ۾ انهيءَ فن جا وڏا اهم مرڪز قائم هئا. ڪيترا فاطمي خليفا خود به وڏا خوشنويس ۽ ڪاتب هئا. مملوڪن جي دور ۾ به گهڻا ناليرا خطاط پيدا ٿيا، جن مان شيخ شمس الدين بن علي الزفتاوي، احمد العلقشدي، صبح الاعشر شيخ

(١) ڪشف الظنون، ج اول، ص ۴٦٦.

(٢) ڪشف الظنون، ج اول، ص ۴٦٦.

(٣) صحيفه خوشنويسان، ص ٣٧.

Gul Hayat Institute

زين الدين بن شعبان بن دائود الاماري وڏا خوشنويس ۽ خطاط ٿي گذريا آهن. شيخ زين الدين ڀهريون عالم آهي، جنهن خطاطن لاءِ تعليمي نصاب مرتب ڪيو ۽ تحصيل ڪرڻ کان پوءِ سند ڏيڻ جو رواج وڌو(١).

ستين صديءَ جي وچ ڌاري مٿيان بيان ڪيل سمورا خط مروج هئا، خاص طرح "خطِ نسخ" زياده استعمال ۾ هو. عربي ۽ فارسيءَ جا قديم ڪتاب اڪثر ڪري انهيءَ خط ۾ لکيل ملن ٿا. ستين صديءَ ۾ "خطِ نسخ" ۽ تعليق کي ملائي، هڪ نئون خط مروج ڪيو ويو، جو "خطِ نسخ" کان وڌيڪ خوبصورت ۽ دلڪش هو. انهيءَ نئين خط جو موجد "خواجه مير علي تبريزي" هو(٢). قاضي نورالله شوستري "مجالس المومنين" ۾ سندس تعريف ۾ مولانا سلطان علي مشهديءَ جو هڪ قصيدو ڏنو آهي:

نسخ و تعليق گر خفي و جلي است،
واضع الاصل خواجه علي است،
وضع فرمود اوز ذهن: دقيق،
از خطِ نسخ و از خطِ تعليق.

جيئن ته اهو خط اوائل ۾ "نسخ و تعليق" ڪري سڏيو ويندو هو، پر گهڻي استعمال ۾ اچڻ سبب "نستعليق" جي نالي سان سڏجڻ ۾ آيو(٣). پر علامه ابوالفضل جي بيان مان اها ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته اهو "خط نستعليق" ان کان گهڻو وقت اڳ ۾ رائج هو(٤). انهيءَ بيان مان اهو صاف طرح سان واضح ٿئي ٿو ته هيءُ خط خواجه صاحب کان اڳ ۾ ئي ايجاد ٿي چڪو هو. هن صرف ان ۾ حسن ۽ نفاست پيدا ڪئي ۽ ان جا قائدا ۽ قانون مرتب ڪيا(٥).

---

(١) عبدالقيوم، "تدريس نسخ"، ص ٩١.

(٢) ڪن عالمن جو رايو آهي ته "خط نستعليق" ٺائين صدي هجريءَ ۾ ايجاد ٿيو ۽ خواجه مير علي تبريزي ان جو موجد هو. "خط نستعليق" جي باري ۾ چون ٿا ته مير علي تبريزيءَ الله تعاليٰ کان دعا گهري هئي ته "يا الله! مون ضعيف جي ذريعي ڪو اهڙو خط دنيا ۾ ايجاد ٿئي، جو پنهنجي حسن ۽ خوبيءَ ۾ لاجواب هجي." الله جي دربار ۾ سندس اها دعا مقبول ٿي ۽ هڪ رات خواب ۾ ڏٺائين ته حضرت علي ڪرم الله وجهه فرمائين ٿا ته بدڪ ۽ مرغابيءَ جي ڳچي، پَرَ ۽ اکيون ته ڏس ته ڪهڙيون نه گولائيءَ ۾ خوشنما آهن. انهيءَ تي چڱيءَ طرح سان غور ڪري، هڪ نئون خط ايجاد ڪر. انهيءَ اشاري تي خواجه مير عليءَ هڪ نئون خط ايجاد ڪيو. هيءُ خط "نسخ" ۽ "تعليق" مان ٺاهيو ويو. نسخ ۽ تعليق جو لفظ پاڻ ۾ ملي "نستعليق" ٿي پيو. (عبدالقيوم - "تدريس نسخ"، ص ١٩)

(٣) مولانا غلام محمد "هفت قلم" - "تذڪره خوشنويسان"، ص ٤٣.

(٤) علامه ابوالفضل - "آئين اڪبري"، ج اول، ص ٧٥.

(٥) ايضاً.

خواجه مير عليءَ جي شاگردن مان مولانا جعفر تبريزي ۽ مولانا اظهر وڏا باڪمال خطاط ٿي گذريا آهن. انهيءَ کان سواءِ هن دور جا ٻيا به ڪي مشهور خطاط ٿي گذريا آهن، جهڙوڪ: مولانا محمد، مولانا باري هروي ۽ مولانا مشهدي. مولانا مشهدي، مولانا اظهر جو شاگرد هو ۽ سلطان حسين مرزا جو خاص درباري هو. مولانا مشهدي سيني ۾ يگانهءِ روزگار خوشنويس هو. سندس شاگردن مان سلطان محمد خندان، سلطان محمد نور، مولانا علاءُالدين هروي، مولانا زين‌الدين، مولانا عبيدي نيشاپوري ۽ محمد قاسم شادي شاه، ماهر استاد ۽ بلند پايه خوشنويس ۽ ڪاتب ٿي گذريا آهن. انهن کان پوءِ مولانا مير علي هروي(١) هن فن جو امام ٿي گذريو آهي. اهي سڀ مٿيان بيان ڪيل خوشنويس ايراني هئا(٢).

"خط نستعليق" جي ايجاد ٿيڻ کان پوءِ اٽڪل ٻه صديون بعد يعني سنه ١١٠٠ هه ۾ "خط نستعليق" ۽ "خط تعليق" کي ملائي "خط شڪسته" وجود ۾ آندو ويو، ان کي "ديواني خط" به چوندا آهن. هن خط جو موجد 'مرتضيٰ قلي خان شاملو' آهي. پر "صحيفه خوشنويسان" جي مصنف جو قول آهي ته هن خط جي ايجاد ڪرڻ جو سهرو "مرزا احمد حسن" ۽ "مرزا حيات علي خان" جي سر تي آهي(٣). انهيءَ ساڳئي زماني ۾ "خط شڪسته" سان هڪ مايل جليل خط ايجاد ٿيو، جنهن جو باني "شفيعا هراتي" هو، جنهن کي "خط شفيعه" ڪري چوندا آهن. انهيءَ خط کي زور وٺائڻ ۾ ڪفايت خان ۽ روايت خان جو به وڏو هٿ هو(٤).

خطاطيءَ جي فن ۾ ترڪيءَ جي سلطانن پڻ تمام گهڻو نمايان ڪم ڪيو آهي. سلطان سليمان ثاني ۽ مراد ثاني خود اعليٰ درجي جا خطاط هئا. ايرانين وانگر "خط نستعليق" جي نموني تي ترڪيءَ وارن به خط ايجاد ڪيا هئا. هڪ "خطِ طغرٰ" ۽ ٻيو "خطِ همايوني". هي ٻئي خط شاهي فرمانن جي تحرير ڪرڻ ۾ استعمال ٿيا ويندا هئا. خلافت عثمانيه جي آخري دؤر ۾ هن فن وڏو عروج حاصل ڪيو هو. سنه ١٣٢٦ هه ۾ باقاعدي هن فن جو درسگاهه قائم ڪيو ويو، جنهن ۾ فنِ خطاطيءَ جي تعليم ڏني ويندي هئي. ترڪيءَ ۾ به ڪافي خوشنويس ۽ ڪاتب پيدا ٿيا آهن، جن مان حافظ عثمان بن علي عثمان زاوي، مصطفيٰ راقم، محمد مونس افندي زاده ۽ رشيده خانم وغيره قابل ذڪر آهن.

## برصغير هند و پاڪ ۾ خطاطي:-

برصغير هند و پاڪ ۾ جڏهن مسلمان فاتح جي حيثيت سان آيا، تڏهن پنهنجي فنن ۽ علمن سان گڏوگڏ خطاطيءَ جي فن کي به پاڻ سان گڏ آندائون. مسلمانن ۾ فنِ خطاطيءَ جي ترقيءَ جو هڪ وڏو سبب اهو به آهي، جو اسلام ۾ تصوير ڪشي ۽ مصوريءَ جي منع ٿيل

---

(١) مولانا مير علي، مشهور خطاط مولانا زين‌الدين نيشاپوريءَ جو شاگرد هو.
(٢) آئين اڪبري، ج اول، ص ٧٥.
(٣) شيخ ممتاز حسين جونپوري - "خط و خطاطي"، ص ٣٨.
(٤) عبدالمجيد سالڪ - "مسلم ثقافت هندوستان ۾"، ص ٣٩٧.

آهي، انهيءَ ڪري مسلمانن ڪمانگري (نقاشي) ۽ خطاطيءَ ۾ وڏي ترقي ۽ ڪمال حاصل ڪيو. اهڙيءَ طرح مسلمانن هن فن ۾ مختلف نمونن جون نزاڪتون ۽ لطافتون پيدا ڪيون، جن ڪي ڏسندي اڄ به اسان جون اکيون روشن ٿيو وڃن.

برصغير هند و پاڪ ۾ خطاطيءَ جي فن وڏو عروج حاصل ڪيو هو. دهليءَ جا سلطان خطاطيءَ جي فن کي تمام گهڻي قدر جي نگاهه سان ڏسندا هئا ۽ خوشنويسن ۽ ڪاتبن جي حوصلي افزائي ڪندا هئا. سلطان التمش جو ننڍو پٽ ناصرالدين محمود (المتوفي ٦٦٤هه) فن خطاطيءَ جو وڏو ماهر هو. قرآن پاڪ جا نسخا لکندو هو. "طبقات" وارو صاحب لکي ٿو ته سلطان ناصرالدين محمود هڪ سال اندر قرآن پاڪ لکي پورو ڪندو هو. مشهور سياح ابن بطوطه جو چوڻ آهي ته قاضي ڪمال‌الدين کيس سلطان ناصرالدين مرحوم جو هٿ لکيل قرآن پاڪ جو نسخو ڏيکاريو هو(١).

مغلن جي دور ۾ پڻ فنن جيان، خوشنويسي ۽ خطاطيءَ جي تمام گهڻي حوصلي افزائي ڪئي ويئي. مغلن جي دربار ۾ هن فن جي ڄاڻن جي وڏي قدرداني ڪئي ويندي هئي. بادشاهه پنهنجن شهزادن ۽ شهزادين کي ٻيءَ تعليم سان گڏ هن فن جي به تعليم ڏياريندا هئا(٢).

ظهيرالدين بابر (سنه ١٥٢٦ کان ١٥٥٣ع) بلند پايي جو خطاط هو. هُن هڪ نئون خط ايجاد ڪيو هو، جنهن کي "خطِ بابري" ڪري چوندا آهن. اڪبر جي دور (سنه ١٥٥٦ کان ١٦٠٥ع) ۾ مصوري ۽ نقاشيءَ سان گڏ خطاطيءَ به تمام گهڻو زور ورتو. خواجه عبدالصمد شيرين، عبدالرحيم خان خانان، راجا ٽوڊرمل، مرزا عزيز ڪوڪلتاش، چغتائي، زين خان ڪوڪلتاش، ابوالفضل، فيضي ۽ حسن بن احمد چشتي وڏو ڪمال رکندڙ هئا. خواجه عبدالصمد "خطِ خفي" ۾ خشخاص جي داڻي تي "قُل هُوَالله" شريف لکي ويندو هو.

عبدالرحيم خان خانان هڪ بلند پايي جو شاعر ۽ انشاء پرداز هئڻ سان گڏ خوشنويسيءَ ۾ به ڪماليت رکندو هو. زين خان ڪوڪلتاش (المتوفي ١٠١٠هه) اڪبري فوج جو سپهه سالار هو. هو خطاطي ۽ مصوريءَ ۾ مجتهد جي حيثيت رکندو هو. شهزادي سليم سان سندس صاحبزادي منسوب هئي. حسن بن احمد چشتي، اڪبري دور جو نامور خوشنويس هو. فتح پور سيڪريءَ جي بلند دروازي جي محراب تي سندس شاهڪار عربي عبارت نقش ٿيل آهي(٣). اڪبر جي زماني ۾ اٺن قسمن جا خط رواج ۾ هئا. اڪبر بادشاهه پاڻ "خطِ نستعليق" کي سڀ کان وڌيڪ پسند ڪندو هو(٤).

---

(١) صحيفه خوشنويسان- ص ٩٤.
(٢) علامه ابوالفضل- "آئين اڪبري"، ج اول، ص ٧٦.
(٣) پيدائش خط و خطاطان، ص ١٥٦.
(٤) پروفيسر سعيد احمد رفيق- "مسلمانن جو نظامِ تعليم"، ص ٢٩٢.

جهانگير (سنه ١٦٠٥ کان ١٦٦٨ع) به فن خطاطيءَ ۾ وڏي دلچسپي رکندو هو. سندس پياري ملڪه نورجهان شاعره ۽ اعليٰ درجي جي خوشنويس هئي. "خطِ نستعليق" ۾ وڏي مهارت رکندڙ هئي. جهانگير جو پٽ شهزادو پرويز "خطِ نسخ" ڏاڍو سهڻو لکندو هو. مولانا غلام محمد "هفت قلم" دهلويءَ جي قول موجب ته شهزادو فن خطاطيءَ جو وڏو ماهر هو. شهزادي ١٠٣٥هه ۾ برهانپور ۾ انتقال ڪيو.

شهزادو خسرو (المتوفي ١٦٦٣ع) "خط نسخ" ۽ "خط نستعليق" جو ماهر هو. هن دکن ۾ انتقال ڪيو.

شاهجهان پنهنجي پيءُ جهانگير وانگر خوشنويسيءَ جي فن ۾ وڏو شوق رکندو هو. خوشنويسن جي هڪ وڏي جماعت سندس دربار جي زيب ۽ زينت هئي. عبدالباقي ياقوت رقم، عبدالحق، حافظ عبدالله، آقا عبدالرشيد ديلمي، ملا محمد باقر، حافظ محمد حسين لاهوري ۽ شيخ عبدالواسع انهيءَ دور جا مشهور خطاط هئا. شاهجهان بادشاهه خود به "خط نستعليق" ۽ "خط شڪسته" نهايت ئي نفاست سان لکندو هو.

عبدالباقي ياقوت رقم جو اصل نالو عبدالله هو، مگر پاڻ عبدالباقيءَ جي نالي سان مشهور ٿيو. شاهجهان جي دور ۾ ايران کان هندوستان آيو هو. "خط نسخ" جو وڏو ماهر هو. عمر جي آخري حصي ۾ وري پنهنجي ملڪ ايران هليو ويو.

عبدالحق، شاهجهاني دور جو نامور خطاط ۽ طغرا نويس هو. "خط نسخ" ۽ "خط نستعليق" تي هڪ جهڙو عبور حاصل هوس. تاج محل آگري ۾ طغرا نويسيءَ جا ڪتبا سندس شاهڪار آهن. شاهجهان کيس "امانت خان" جو خطاب ڏنو هو.

آقا عبدالرشيد ديلمي "خط نستعليق" جو استاد هو. شاهجهان کيس شهزادي دارا شڪوه جو استاد مقرر ڪيو هو. آقا عبدالرشيد کي خطاطيءَ جي فن جو امام ڪري سمجهيو ويندو آهي. "خط نستعليق" ۾ سموري هندستان ۾ جهڙس ڪو ڪونه هو. سنه ١٠٨٨هه ۾ وفات ڪيائين (١).

دارا شڪوه (المتوفي ١٦٥٩ع) پنهنجي دور جو وڏو مصنف، شاعر ۽ خطاط ٿي گذريو آهي. "خط نسخ" ۽ "خط نستعليق" ٻنهي ۾ ڪمال رکندو هو. شاهجهان جو ٻيو نمبر پٽ شهزادو شجاع پڻ "خط نستعليق" ۾ وڏي ڪماليت رکندو هو. شاهجهان جي وڏي ۽ لاڏلي ڌيءُ شهزادي جهان آرا بيگم (المتوفي ١٠٩٢هه) هن فن ۾ وڏو ڪمال رکندي هئي.

اورنگزيب (سنه ١٦٥٨ع کان ١٧٠٧ع) "خط نسخ" ۽ "خط نستعليق" جو ڪامل خوشنويس هو. "مراة عالم" ۾ آهي ته هن حاجي قاسم، فتح الله شيرازيءَ جي شاگرد کان "خط نسخ" ۾ تعليم حاصل ڪئي هئي. قرآن پاڪ جا نسخا پنهنجن هٿن سان لکندو هو.

---

(١) تذڪره خوشنويسان، ص ٩٥.

اورنگزيب جي دور ۾ به ڪيترائي نامور خطاط ٿي گذريا آهن. راجا ڪنول ڪشن، محبوب راءِ، محمّد صادق، محمّد زاهد ۽ حاجي محمّد اسماعيل، اورنگزيب جي عهد جا مشهور خوشنويس ٿي گذريا آهن.

اورنگزيب جي وفات کان پوءِ مغل سلطنت جي زوال جو دور شروع ٿيو، ليڪن انهيءَ دور ۾ به وڏا ڪاتب ۽ خوشنويس ٿي گذريا آهن. ابومحمّد اسماعيل، محمّد شاهه جي دور جو سٺو خوشنويس هو. اڪبر شاهه ثانيءَ جي زماني ۾ مير زين الدين مشهور خطاط ٿي گذريو آهي. "خط نستعليق" ۽ طغرا نويسيءَ ۾ وڏو ملڪو هوس. سنه ۱۲۲۸هه ۾ دهليءَ ۾ وفات ڪيائين. مير امام علي پنهنجي وقت جو نامور طبيب ۽ اعليٰ درجي جو خوشنويس هو. هيءُ بهادر شاهه ظفر جي دربار جو خطاط هو.

دهليءَ جي دربار جي بربادي‌ءَ کان پوءِ لکنوءَ جي دربار رونق ورتي ۽ ڪيترائي خوشنويس پيدا ٿيا. جيئن ته اسان شروع ۾ لکيو آهي ته ان قديم زماني ۾ خوشخطي لازمي تعليم جو حصو سمجهيو ويندو هو، ۽ هرڪو ان ۾ گهري دلچسپي وٺندو هو. برصغير ۾ مسلمانن جي دور ۾ هندن پڻ ساڳئي نموني ۾ تعليم ۽ هن فن جي پرائڻ ۾ حصو ورتو. وقت جي حڪومتن ۾ خاص طور مالي ۽ ديواني معاملن لاءِ هندوئي نوڪريءَ ۾ هوندا هئا. هنن لاءِ انشاء ۽ خوشخطي ضروري هئي. انهيءَ سلسلي ۾ هندن مان ڪيترائي خوشنويس خاص طرح سان "خط نستعليق" ۽ "خط شڪسته" ۾ بلند پايي جا ٿي گذريا آهن. مولوي غلام محمّد خوشنويس اهڙن ڪيترن ئي هندو ڪاتبن جو ذڪر ڪيو آهي(۱).



(۱) تذڪره خوشنويسان، ص ۱۱۶، ۱۱۸، ۱۱۹ ۽ ۱۲۲. آثار صناديد، ص ۲۲۵.

باب ۲۴ ۾ سپت سنڌو واري ملڪ کي ۷ ديپن ۾ ڏيکاريو آهي: ۱- جنب ديپ ۲- شاڪ ديپ ۳- ڪش ديپ ۴- ڪرونچ ديپ ۵- شالمل ديپ ۶- گومين ديپ ۷- پشڪر ديپ). فارس جي 'زند اوستا' ۾ وري 'هپت هندو' لکيل آهي. اهل فارس سنڌ کي هند جي نالي سان سڏيو آهي، ڇو ته پراڻي ايراني ٻولي ۽ سنسڪرت ۾ 'س' ۽ 'ھ' پاڻ ۾ متجن ٿا. انهيءَ هپت هندو ديس جي رهاڪن کي 'هندو' لقب مليو. رگويد واري زماني ۾ آڳاٽا آريا لوڪ سنڌو پرتي ڪنڌڙ شاخن جا ڪنارا پاڻيءَ جي سهوليت جي ڪري والاري ويٺا هئا. ان ڪري آڳاٽن ايرانين انهيءَ 'هپت هندو' جي سمورن هنڌن جي رهاڪن کي گڏي سڏيو ته 'سنڌو'، پر اچار ڦيرائي رکيائون 'هندو'. انهيءَ ريت هندو لفظ جي معنيٰ ٿي سنڌو نديءَ جي ڪناري تي رهندڙ. قديم ايراني لوڪ سنڌو ماٿر ڪان پري ويا ٿي ڪين، تنهن ڪري جيڪو ملڪ ڏٺائون ته آريا لوڪ والاري ويٺا آهن، تنهن ڪري سڏيائون هندستان (هند + آستان) مطلب ته هندستان لفظ جي اصلي معنيٰ هئي سنڌو نديءَ وارو ملڪ.

سنڌ جي تاريخ جو ٻيو مکيه ارتقائي موڙ تڏهن آيو، جڏهن قديم ايرانين وٽان قديم يونانين کي هندستان جي سُڌِ پيئي. سڪندر اعظم سان گڏ جيڪي مؤرخ هتي آيا، تن به سنڌو ماٿريءَ ۾ رهندڙن کي سڏيو ته سنڌو (هندو)، پر اچار ڦيرائي رکيائون 'اِندو' ۽ اندوئي (Indoi). سنڌو نديءَ کي سڏيائون اندوس (Indos) ۽ سڄي ملڪ کي سڏيائون انڊيڪا (Indica) ۽ انڊيڪوس. پوءِ لاطني ٻولي ڳالهائيندڙن 'اندوس' جو اچار ڦيرائي ڪيو 'اندس' (Indus) ۽ ملڪ کي سڏيائون 'انڊيا' (India).

ڇنبو ته اهائي اسان جي سنڌ آهي، جنهن ۾ سڀيتا جو سج انهيءَ آڳاٽي سمي ۾ اڀريو هو، جڏهن دنيا جون ڪيتريون ئي قومون غفلت جي ننڊ ستل هيون. جڏهن سجاڳ ٿيون، ته به ڪيترو وقت سنڌ جي ململ سان انگ ڍڪينديون رهيون. خود سڄي ڀارت ۾ پکڙيائين سنڌو ماٿري هئي، جنهن رگ ويد واري قديم زماني ۾ ئي پنهنجي اعليٰ درجي جي سڀيتا جي ڪري اهڙو ته نالو ڪڍيو، جو پوءِ سڄي هندو جاتي ۽ سمورو هندستان سندس نالي پويان سڏجڻ ۾ آيا.

مٿين سموري تفصيل ڏيڻ جو مقصد هيءُ آهي ته هند ۽ سنڌ جي پاڻ ۾ لاڳاپي جي خبر پوي ۽ ساڳي وقت اها ڳالهه علم ۾ اچي ته سنڌ لفظ مان ئي هند لفظ نڪتو آهي، نه ته اڳ سڄي علائقي کي سنڌ سڏيو ويندو هو. باب پنجين ۾ سشرت سنگهتا جو تفصيل پڙهڻ مهل اها ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ گهرجي.

ڪن عالمن سنڌ جي قديم جاگرافيءَ کي مذهبي بنيادن تي معلوم ڪرڻ جي سعي ڪئي آهي. مثلاً شمس‌الدين قريشيءَ پنهنجي ڪتاب 'آئينهٔ قديم سنڌ' ۾ حضرت آدم جي پٽ شعيب جو ٻيو نالو سنڌ ڄاڻايو آهي ۽ انهيءَ بنياد تي سنڌ جي قديم جاگرافيائي حدن کي اجا به وڌائي پيش ڪيو اٿس. پر انهيءَ عالم ۽ ٻين ڪيترن ئي ٻين جهڙوڪ: پروفيسر مانڪ پٽاوالا،

ڪاڪي ڀيرومل ۽ مير علي شير قانع جي پيش ڪيل مذهبي دليلن کي رد ڪجي، ته به مٿي ذڪر ڪيل مضبوط تاريخي ۽ ارتقائي حقيقتن کي رد يا نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي.

## (٢) آثار قديم جا ڪلڊرات

آرين جي اچڻ کان اڳ، سنڌو درياءَ جي ڪپ تي هڪ چمڪندڙ تهذيب قائم هئي، جا هماليہ کان عربي سمنڊ تائين ڦهليل هئي. موهن جو دڙو، هڙپہ، نوابشاهہ ۾ چنهو جو دڙو، لاڙڪاڻي کان ڇهہ ميل اولهہ ۾ جهڪر، دادوءَ جي ڏکڻ ۾ علي مراد، ٺٽي-ڪراچي هاءِ وي تي گجو، سنڌو نديءَ جي ڪناري تي ڪنڊين پرسان ڪافر ڪوٽ، ٽيڪسلا پرسان سراءِ ڪالا، بهاولپور جي پرسان تازو ڪوٽيل گمنام دڙو، جهالران ضلعي ۾ 'نال' نالي ڪنڊر وغيره وغيره سڀ کوٽي لڌا ويا آهن، جن ۾ پراڻي ڦٽل تهذيب جا نشان مليا آهن. اهي سڀ ظاهر ڪن ٿا ته سنڌو ماٿر جي تهذيب پاڪستان جي سموري حصي تي ڦهليل هئي ۽ هندستان جا ڪافي حصا پڻ ان ۾ شامل هئا. مٿين سمورن ڪنڊرن جي وچ ۾ ڪافي مفاصلو آهي، پر لڌل شيون تقريباً هڪ جهڙيون آهن. خبر پئي ته اهو سمورو علائقو هڪ ئي تهذيب ۽ تمدن واريءَ قوم جو وطن هو، جنهن جو معيار وري نهايت اعليٰ هو. اها قديم ۽ اعليٰ تهذيب 'سنڌوءَ' جي تهذيب آهي. هاڻي هتي سوال ٿو پيدا ٿئي ته ٿي سگهي ٿو ته اها ٻي ڪا تهذيب هجي، جنهن کان موهن جي دڙي وارا متاثر ٿيا هجن، يعني اها تهذيب سنڌ کان ڌارين هجي ان جي وضاحت ائين ٿيءِ وڃي ٿي ته قديم زماني کان وٺي لفظ 'سنڌو' ۽ پيو وڌ ۾ وڌ ڪٿي لفظ 'هندو' مشهور هو، جو به لفظ 'سنڌ' مان ئي نڪتو آهي، جيئن اڳ ۾ ذڪر ٿي چڪو آهي. ٻي دليل اها آهي ته دراوڙي جيڪا قديم موهن جي دڙي جي اصل رهاڪن جي ٻولي هئي، ان جا جهجها لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ اڄ تائين موجود آهن، جيئن باب نمبر ٽئين ۾ ذڪر ٿيندو. ثابت ٿيو ته اها قديم تهذيب سنڌ جي تهذيب هئي، جنهن جون حدون ايڏيون وسيع ۽ عريض هيون.

## (٣) قديم نقشا

دنيا جي مختلف خطن جي نقشن بنائڻ کي 'ڪارٽو گرافي' چئجي ٿو، جا جاگرافيءَ جي هڪ شاخ آهي. سنڌ جي قديم نقشن مان پڻ ان جي حدن جي خبر پوي ٿي. سڪندر مقدونيءَ جي فتح جي وقت سنڌ جو پهريون باقاعده نقشو تيار ٿيو. ان جو خاڪو بطليموس ١٥٠ع ڌاري پيش ڪيو. انهيءَ جا خد و خال اڄ به موجود آهن. عربن جي دورِ حڪومت ۾ به سنڌ جا مختلف نقشا تيار ٿيا. پهريون نقشو ڪونرڊ جي جلد ٽين (ڪتاب: مئپ عريبڪ) جي پليٽ نمبر ٣٧ تي آهي. هن ۾ سنڌ جا مختلف شهر ڏيکاريل آهن، مثلاً ديبل، گهارو، ڪراچي، نيرون ڪوٽ (حيدرآباد)، سدوستان (سيوهڻ)، منجابري (سيوهڻ کان الهندي طرف)، منصوره (برهمڻ آباد) ۽ ڪالري وغيره. اهڙيءَ طرح ڪونرڊ جو ٻيو نقشو تيار ٿيو. ڪونرڊ جي ٽين نقشي ۾ ابوزيد

ملتان جي عالمن کي سنڌي سڏيو ويو آهي ۽ ملتان سالها سال تائين سنڌ جو تختگاهه ٿي رهيو آهي. ساڳيءَ طرح اتر ۾ ان جون حدون ڪابل تائين پهتل هيون.

٣- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌي - اردو لغت ۾ سنڌ لفظ جي معنيٰ ۾ لکي ٿو ته درياءَ سنڌ جي نسبت سان هن درياءَ جي واديءَ جو خاص خطو: پهرين اسلامي عربي مملڪت (بنو اميه ۽ بنو عباس) جي زماني جو صوبو 'السند'، جيڪو مڪران، بلوچستان، ڪڇ، هاڻوڪي سنڌ ۽ ملتان جي علائقن تي ٻڌل هو. سومرن جي دور ۾ (١١ ڪان اڌ چوڏهين صدي تائين) ۽ سمن جي وقت (١٣٥٠-١٥٢٠ع) ۾ موجوده خط سنڌ، اترندو ڪڇ، بهاولپور، ديره جات ۽ سبيءَ جا ڪجهه علائقا ان ۾ شامل هئا. ڪلهوڙن ۽ ٽالپور دؤر (اٽڪل ١٧٠٠-١٨٤٣ع) ۾ موجوده سنڌ جو علائقو، ڪڇ جو اترندو علائقو، بهاولپور جو سبزل ڪوٽ وارو حصو ۽ ديره جات (ضلعو ديرو غازي خان، خصوصاً ڏاکڻون حصو) شامل رهيا.

٤- پروفيسر محبوب علي چنا پنهنجي مضمون 'سنڌ جا قديم تخت گاهه' ۾ خيال ظاهر ڪري ٿو ته عربن جي فتح کان اڳ سنڌ جي حد تمام وسيع هئي. راءِ گهراڻي جي هندو راجائن جي دؤر ۾ سنڌ جون اوير واريون حدون ڪشمير ۽ قنوج تائين پکڙيل هيون. الهنديون حدون مڪران ۽ سيستان تائين محيط هيون. اتر طرف قندار هو ۽ سليمان جبل ڪرَ ساهيو بيٺو هو ۽ ڏکڻ طرف گجرات ۽ سورت بندر جون حدون به سنڌ ۾ سمايل هيون. هن وسيع سنڌ جو تختگاهه 'الور' هو. ابو حوقل (مکيه مسلم جاگرافي دان - ٩٧٦ع) جي لکت موجب منصوره ۽ ملتان جي اڪثر حصن ۾ عربي ۽ سنڌي ٻوليون ڳالهايون وينديون هيون.

٥- غلام محمد گرامي صاحب پنهنجي تاريخي مضمون 'ڪتاب ۽ سنڌ' ۾ لکي ٿو ته سنڌ جون حدون اڳ ڪشمير، افغانستان، بلوچستان، ڪڇ، گجرات ۽ جيسلمير سميت هيون.

٦- مظهرالدين ميمڻ پنهنجي هڪ مضمون '١٤- آگسٽ' ۾ تجزيو پيش ڪري ٿو ته آرين سنڌو ماتريءَ جي هاڻوڪي سڄي پاڪستان واري علائقي کي سپت سنڌو (ستن دريائن جي سرزمين سنڌ) سڏيو ۽ اوير پاسي جي باقي ملڪ کي ڀارت ورش سڏيو.

**مٿين سموري تفصيل ڏيڻ جو مقصد صرف هي آهي ته اهو ظاهر ڪيو وڃي ته سنڌ قديم وقت ۾ ايڏي وسيع ۽ عريض هئي ۽ ان سموري ايراضيءَ جي طبي ترقي دراصل سنڌ جي ئي ترقي هئي، نه ڪنهن ٻئي ملڪ جي.** اسان جي بدنصيبي اها آهي جو اسان قديم سنڌ جي حدن جو تحفظ نه ڪري سگهيا آهيون، نه ته دنيا اڄڪلهه اسان جي طب جي سامهون اسان جوئي نالو وٺي جهڪي ها.

## سنڌ ۽ طب

هڪ عظيم مفڪر جو قول آهي ته زندگي هڪ اهڙو ڪتاب آهي، جنهن جو پهريون ۽ آخري ورق قائل آهي، يعني نه آغاز جو علم آهي ۽ نه انجام جي سُڌ -- پر وچ واري حصي کي

٧- 'شارٽ انسائيڪلوپيڊيا آف پاڪستان'.
٨- 'ڪتاب ۽ سنڌ' از: غلام محمد گرامي. مهراڻ جنوري-جون ١٩٧٣ع.
٩- 'موهن جو دڙو' از: محمد صلاح عقيلي. نئين زندگي، سپٽمبر ١٩٥١ع.
١٠- 'الرحيم' مولانا عبيدالله سنڌي نمبر، آگسٽ ١٩٧١ع.
١١- 'المسالڪ والممالڪ' از: ابو اسحاق 'اصطخري'.
١٢- انسائيڪلوپيڊيا برٽانيڪا (هندستاني لفظ جي هيٺان 'فٽ نوٽ').
١٣- امپيريئل گزيٽيئر آف انڊيا، واليوم-١.
١٤- 'آئينهٔ قديم سنڌ' از: شمس‌الدين قريشي.
١٥- 'سنڌ جي وادي جي تهذيب'، نئين زندگي، مارچ ١٩٥٥ع.
١٦- '١٤- آگسٽ' از: مظهرالدين ميمڻ. نئين زندگي، آگسٽ ١٩٦٨ع.
١٧- 'سنڌ جا قديم نقشا' از: الحاج الله بخش عقيلي. نئين زندگي، اپريل ١٩٥٥ع.
١٨- 'مهراڻ جي ماٿريءَ جا قديم نقشا' از: الله بخش عقيلي. نئين زندگي، ڊسمبر ١٩٥٨ع.





Gul Hayat Institute

امير علي چانڊيو

# ڪهاڻي ۽ اُن جا ترڪيبي جزا

ڪهاڻي' ادب جو وسيع موضوع آهي ۽ اُن جا ڪيترائي قسم آهن: Romance، Anecdote، Ballad، Epic ۽ Novel سڀ ڪهاڻيءَ جون مختلف صورتون آهن. پر ڪهاڻي مان هتي اسان جي مراد، 'مختصر ڪهاڻي' (Short Story) آهي، جنهن کي اسان عام طرح 'افسانو' يا 'ڪهاڻي' چوندا آهيون. 'ڪهاڻي' دراصل داستان ۽ لوڪ-ڪهاڻي (Folk-Lore) جي ترقي يافته صورت آهي. اهي داستان ايترا ئي پراڻا آهن، جيتري پراڻي انساني تهذيب جي ڪهاڻي آهي. داستانن ۾ انسانن جي بهادريءَ جون ڳالهيون، جنن ڀوتن، ڏائڻين، ديون ۽ پرين جا قصا هوندا هئا. جڏهن تحرير يا لکت اڃا وجود ۾ ڪانه آئي هئي، ته ان وقت داستان نظم يا شعر جي صورت ۾ چيا ويندا هئا ۽ ماڻهن جا ڪي خاص گروهه انهن کي ڳائي ٻڌائيندا هئا. اهڙي قسم جا منظوم داستان ۱۴ صدي عيسويءَ تائين يا ان کان بعد به نظم جي صورت ۾ ئي بيان ڪيا ويندا هئا. اهڙن داستانن مان چاسر (Chaucer) جو "Troilus and Criseyde" منظوم داستان جي هڪ مڪمل صورت آهي. هن داستان ۾ آهي سڀ خوبيون اچي وڃن ٿيون، جيڪي هڪ ناول يا ڪهاڻيءَ لاءِ ضروري آهن. البت فرق صرف ايترو آهي ته ناول يا ڪهاڻي نثر ۾ ٿيندي آهي، ليڪن هيءُ داستان نظم ۾ آهي. داستان نظم ۾ اِن ڪري چيا ويندا هئا جو اُن وقت تحرير جو رواج گهٽ هو. ان جي مقابلي ۾ نظم ياد ڪرڻ ۾ آسان هو. اِن کان سواءِ نظم جي مقبوليت به تمام گهڻي هئي، جنهنڪري چاسر کان پوءِ به ڪيترن ئي شاعرن منظوم ڪهاڻيون لکيون، پر اڳتي هلي اسڪاٽ (Scott) اها ڳالهه محسوس ڪئي ته داستان يا ڪهاڻيءَ کي نثر جي جامي پهرائڻ جا سڀ موقعا موجود آهن ۽ نظم جي بجاءِ نثر، ڪهاڻيءَ لاءِ زيادهه موزون آهي؛ ڇاڪاڻ جو ناول ۽ ڪهاڻي بيان ڪرڻ کان علاوه، ان کي سينگاري ۽ سنواري پُر تاثير پڻ ڪري سگهجي ٿو.

'ڪهاڻي' جي اوسر بيان ڪرڻ کان پهريائين ناول جي شروعات جو ذڪر ڪرڻ تمام ضروري آهي. ڇاڪاڻ ته اسان جي موجوده 'ڪهاڻي' ناول جي ڪُک مان ڄائي آهي، تنهنڪري 'ڪهاڻي' جي فني لوازمات کي بيان ڪرڻ لاءِ ناول جو ذڪر ناگزير ٿيو پوي. ڪهاڻي يا Prose narrative ۾ وقت جي حالتن، جذبن ۽ لاڙن جو تجزيو، ماڻهن ۽ ماحول

ادبي حلقن ۾ نئين ناولن لکڻ جو رواج عام ٿي ويو. اِن صورتحال جو فائدو وٺندي؛ هڪ آمريڪي اديب ايڊگر ايلن پو (Edger Allen poe) "مختصر ڪهاڻي" لکڻ جي شروعات ڪئي. 'مختصر ڪهاڻي' (Short story) پنهنجي اختصار، جاذبيت ۽ جامعيّت جي ڪري عوام ۾ ڏاڍو مقبول ٿي ۽ ڪهاڻين جا ڪتاب هٿون هٿ کپي ويا. مختصر ڪهاڻيءَ جي ڍانچي ۾ گهٽ ڪري ناولن وارو لطف ۽ سموريون خوبيون شامل هيون. وڏي ڳالهه اها ته مختصر ڪهاڻي پڙهڻ لاءِ ٿورو وقت صرف ڪرڻو ٿي پيو. ماڻهو ان کي هڪ ئي نشست ۾ ختم ڪري ڇڏيندا هئا. اهڙيءَ طرح ڪهاڻي ادب جي هڪ مڪمل ۽ مقبول صنف جي حيثيت سان ميدان تي اڀري آئي. هن وقت عورتن توڙي مردن ۾ ڪهاڻي يڪسان طور مقبول آهي. ڪهاڻيءَ ۾ معاشرت، سياست، اقتصادي مسئلا، نفسيات، فلسفو، ٻيون معاشرتي الجهنون ۽ بيماريون بخوبيءَ چٽيون ڪري پيش ڪري سگهجن ٿيون. ڪهاڻيءَ ۾ هڪ طرف ڊرامي وارا ڊائلاگ آهن ته ٻئي طرف ناول وارو پرتاثير انداز پڻ آهي. انهن مڙني خوبين ۽ خصوصيتن جي باوجود ناول ۽ ڪهاڻيءَ ۾ بنيادي فرق آهي. جيڪڏهن اسان ڪنهن ناول جو ويهي اختصار ڪريون ته به ان اختصار کي، ڪهاڻي نٿو چئي سگهجي. ناول ۾ ڪيتريون ئي اهڙيون ڳالهيون آهن، جيڪي ڪهاڻيءَ جي دائري ۾ نٿيون سمائجي سگهجن. بهرحال هيءُ موقعو ڪهاڻي ۽ ناول درميان فرق بيان ڪرڻ جو نه آهي. ان ڪري اسين پنهنجي مول مقصد ڏانهن موٽون ٿا. ڪهاڻيءَ جو اهم ترين ترڪيبي جزو پلاٽ (Plot) آهي. اسين هيٺ ان تي مختصراً ڪجهه بحث ڪريون ٿا.

(۱) پلاٽ يا سٽاءُ Plot: ليکڪ طرفان واقعات جي ڪيل چونڊ ۽ ڏنل ترتيب جو نالو پلاٽ يا سٽاءُ آهي. ڪن نقادن جو چوڻ آهي ته پلاٽ (Plot) واقعات جي وچور (Chronological order) جو نالو آهي. پلاٽ درحقيقت ڪنهن پرتاثير واقعي جي بيانيه (Narrative) کي سڏجي ٿو. بيانيه يا Narrative مان مراد رڳو تسلسل نه آهي، پر ان جو اطلاق پلاٽ جي پوري جزن تي ٿئي ٿو. پلاٽ ڪردارن (Characters) جي عمل ۽ ردِ عمل جي بيان جو نالو آهي، جنهن کي ڪهاڻيڪار وقت ۽ جڳهه جي مناسبت سان Chronological order يا انداز ۾ پيش ڪري ٿو.

پلاٽ جي وڌيڪ وضاحت لاءِ هتي پلاٽ ۽ نيوز اسٽوري (News story) جو تقابل ڪرڻ بي‌سود نه ٿيندو. پلاٽ جي جوڙجڪ مخروطِ مستقيم (Upward pyramid) جي نموني ٿئي ٿي. نيوز اسٽوري (News story) ۽ ڪهاڻي (Short story) جي وچ ۾ اهو فرق آهي ته مؤخرالذڪر جي جوڙجڪ مخروطِ معکوس (Inverted pyramid) وانگر آهي.

هاڻي اچو تہ پلاٽ جي ٻين اهم جزن جو جائزو وٺون: پلاٽ جي تڪميل لاءِ دراصل ٽي جزا اهم آهن، جن سان پهريون Rising action آهي. هن جي مدد سان ڪهاڻيڪار قاريءَ جي ذهن ۾ تجسس پيدا ڪري، سندس جذبات کي جنجهوڙي ٿو. جذبات کي بيدار ڪري، ڪيس ڪهاڻيءَ ۾ گم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. جيئن جيئن ڪهاڻي اڳتي وڌندي هلي ٿي ۽ ترقي ڪندي هلي ٿي، تيئن تيئن رائيزنگ ايڪشن Rising action ۾ پڻ زور پيدا ٿيندو وڃي ٿو. رائيزنگ ايڪشن (Risinig action) جي انتها تي پهچڻ شرط ڪهاڻيڪار قاريءَ جي ذهني بيقراري ۽ پيدا ٿيل تجسس (Suspense) کي گهٽائڻ لاءِ پلاٽ کي هڪ اهم موڙ ڏي موڙي ٿو، جتان قاريءَ جو ذهن ڪهاڻيڪار جي مقصد ڏانهن متوجہ ٿئي ٿو ۽ ان سان گڏ ڪو اهم واقعو جنم وٺي ٿو. اهڙي نقطي کي ڪلائيمڪس (Climex) چئبو آهي. اهڙي هنڌ پهچڻ کان پوءِ قاريءَ کي يا تہ ماضيءَ جي واقعات يا واقعي جي پس منظر (Background) کان آگاهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي، جنهن کي ٽيڪنيڪل ٻوليءَ ۾ Flash back سڏيون ٿا. اهڙيءَ طرح قاري اِن جي قابل ٿي وڃي ٿو تہ اڳتي جيڪي ڪجهہ نتيجو نڪرندو، ان لاءِ ٻہ ڪا اڳڪٿي ڪري سگهي. قاريءَ جي اهڙي اڳڪٿي واري نقطي کي Flash forward سڏجي ٿو. جيئن موپاسان (Maupassant) پنهنجي ڪهاڻي La mere savage(۱) ۾ هڪ ڪردار جي واتان جرمن ۽ فرينچ لڙائيءَ جا ڪي واقعا بيان ڪري ٿو. Flash forward ۾ گهڻو ڪري گذشتہ واقعن جي ياد ڏهاني ڪرائبي آهي يا ماضيءَ جون ڳالهيون ۽ واقعا بيان ڪيا ويندا آهن. جيئن ورجل (Virgil) جي Aeinied ۾. پلاٽ ۾ وري Flash forward جي ذريعي مستقبل جي باري ۾ پيش بيني ڪئي ويندي آهي. جيئن Macbeth ۾ ٽي ڏائڻيون Macbeth جي عظمت جي پيشنگوئي ڪن ٿيون. اهڙين ڪهاڻين لکڻ ۾ William Faulkner زياده مشهور آهي.

ڪلائيمڪس (Climex) تي پهچي قاري هڪ قسم جو سڪون (Relief) محسوس ڪري ٿو ۽ مصنف جي نقطءِ نظر کان متاثر ٿيڻ لڳي ٿو. پلاٽ جو آخري اهم جُز آهي Falling Action. فالنگ ايڪشن (Falling action) سان ڪهاڻيڪار، ڪهاڻيءَ کي ڪنهن نتيجي تي رسائي، پڄاڻي (End) ڪري ٿو. ان جو مثال ڊرامي ۾ ڊراپ سين (Drop scene) وانگر ۽ فلم هائوس ۾ فلم جي خاتمي جي اعلان طور بتين ٻارڻ وانگر آهي.

هن ٽن جزن جي رستي پلاٽ پنهنجي 'شروعات' 'عروج' ۽ 'زوال' تي پهچي ٿو. جيئن استاد ارسطاطاليس (Aristotle) پنهنجي ڪتاب (Poetics) بوطيقا ۾ مڪمل پلاٽ جي تعريف ڪندي، ان لاءِ 'شروعات' (Beginning)، 'عروج' (Midde) ۽ 'اختتام' (End) تي زور ڏنو آهي. سندس چوڻ آهي تہ انهن ٽن جزن کان سواءِ پلاٽ مڪمل ٿي نٿو سگهي.

---

(۱) هن ڪهاڻيءَ جو سنڌي ترجمو 'ڪلاڪار' ڪتابي سلسلي ۾ شايع ٿي چڪو آهي.

پڻ ادبين وٽ تقسيم جا ڪي پيا نالا پڻ آهن. جيئن Beginning کي Exposition، Middle کي Conflict ۽ End کي Denoument به چوندا آهن. Flash back کي وري Antecedent action به چوندا آهن.

ليڪن اڳتي هلي نقادن وري پلاٽ کي ستن حصن ۾ تقسيم ڪيو آهي، جيڪي مختصر طور هيٺ بيان ڪجن ٿا.

(1) Exposition: هن ۾ اهڙي صورتحال situation کي بيان ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ اڳتي هلي ڪو اهم واقعو ظهورپذير ٿيڻو هجي.

(2) Inciting movement: هن ۾ مسئلي يا واقعي جي نوعيت کي واضح ڪيو ويندو آهي.

(3) Development ۽

(4) Climex: هن هنڌ پهچي پلاٽ ۾ اهڙي تبديلي رونما ٿيندي آهي، جنهن ۾ ڪو قطعي يا فيصلڪن مرحلو يا Conflict سڏي طرح پيش ٿئي، جنهن جو حل ٿيڻ ضروري هجي.

(5) Denoument: هن ۾ مسئلي جو توڙ پيش ڪيو ويندو آهي.

(6) Final Suspense: هن هنڌ پهچي قاري جي ذهن ۾ نتيجي تي پهچڻ جي آڪنب پيدا ٿيندي آهي.

(7) Conclusion: تي پهچي ڪهاڻي ختم ٿي ويندي آهي.

جيتوڻيڪ هيءُ پلاٽ جي ماڊرن تقسيم آهي، پر تنهن هوندي به هن ۾ ڪي ڳالهيون اهڙيون به هونديون آهن، جن کي ڳهڻائي وڏائي ۽ ڦيرائي گهيرائي سکڻو آهي. ڪي ڪهاڻيون اهڙيون به هونديون آهن، جن ۾ Exposition، Climex, ۽ Conclusion ته ٿيندو آهي، پر فائنل سسپنس (Final Suspense) ڪونه هوندو آهي، تنهنڪري پلاٽ جي تجزيي لاءِ انهن سڀني جزن کي پلاٽ ۾ ڳولهڻ سمجهدار قاريءَ لاءِ ضروري ڪونه آهي.

پلاٽ پنهنجي نوعيت جي لحاظ کان ٻن قسمن جو هوندو آهي: Simple plot ۽ Compound plot. سادي پلاٽ (Simple plot) ۾ هڪ ئي اسٽوري ٿيندي آهي، ليڪن گڏيل پلاٽ (Compound plot) ۾ هڪ کان وڌيڪ ڪهاڻيون (Stories) هونديون آهن. ناول ۾ اڪثر ڪري گهڻيون ڳالهيون اچي وينديون آهن، پر 'مختصر ڪهاڻي' جي صورت ۾ ائين شاذ و نادر ئي ٿيندو آهي. مرڪب پلاٽ واري ڪهاڻي، لاءِ وحدتِ مڪان (Unity of place) ۽ وحدتِ زمان (Unity of time) جو هئڻ ضروري آهي. مرڪب پلاٽ جا جزا پاڻ ۾ اهڙيءَ ريت مربوط هجن، جو انهن مان هڪ ئي وحدت يا (Single whole)

ظاهر ٿئي. جنهن جي ترڪيب ۾ زمان ۽ مڪان جو تضاد نہ هجي. پر جيڪڏهن اهي خوبيون ڪنهن بہ پلاٽ ۾ موجود نہ آهن تہ پوءِ ان کي loose plot سڏ بو. ڪهاڻيءَ ۾ هميشه منطقي ربط (Logical order) هئڻ گهرجي. بيانيہ (Narration) جو هيرو (Hero) جي وحدت تي مدار هجڻ کپي. اهڙين ڪهاڻين ۾ هيرو جي حيثيت هڪ Nucleus وانگر هجي، جنهن ۾ پلاٽ جا ڇڙوڇڙ ٿيل حصا ڳنڍيل ۽ جڪڙيل هجن.

پلاٽ جي وضاحت مان ڪي ماڻهو وري غلط فهميءَ وچان پلاٽ ۽ اسٽوريءَ کي هم معنيٰ سمجهندا آهن، پر ائين سمجهڻ سراسر غلطي آهي. ڇاڪاڻ تہ پلاٽ هڪ خاص قسم جي بيانيہ (Narration) کي چئجي ٿو، جنهن ۾ واقعات جي ترتيب، ٽائيم جو تسلسل وغيره سڀ پاڻ ۾ هم آهنگ هجن. ليڪن ان جي برعڪس اسٽوري غير مرتب ۽ غير منطقي ترتيب ۾ هوندي آهي، جنهن ۾ وحدتِ زمان و مڪان ۽ وحدتِ عمل ڪانہ ٿيندي آهي. مشهور ناول نويس ۽ اديب E. M. Foster پنهنجي هڪ ڪتاب Aspects of Novel ۾ اسٽوري جي وضاحت ڪندي مثال ڏئي ٿو:

The King died and the queen died.

اِها اسٽوري آهي. جو تہ اِن ۾ ڪا ترتيب يا وضاحت ڪونہ آهي تہ راڻي ڇو مُئي؟

The king died and the queen died of grief.

اهو پلاٽ آهي، جنهن ۾ هڪ ترتيب آهي ۽ ان واقعي جو بيان پڻ، جنهنڪري راڻي مري ويئي. هن مان اتفاقيہ واقعي جو احساس پڻ Overshadow ٿئي ٿو.

The queen died, no one knew untill it was discovered that, it was through grief of the death of the king.

مٿين ٽڪري کي مصنف پلاٽ جي مڪمل صورت ڪوٺي ٿو. ڇاڪاڻ تہ اُن جي ارتقا (Development) ۾ Mystery جي ڪيفيت پڻ آهي، جيڪا هڪ ڪامياب پلاٽ لاءِ ضروري آهي. فاسٽر (Foster) جي آخري مثال مان عمل ۽ ان جو نتيجو، جنهن کي Foreshadowing چئجي ٿو ۽ ان ۾ Motivated action ۽ Suspense جو عنصر پڻ آهي. پلاٽ ۾ Suspense ۽ Foreshadowing قاريءَ جي ذهن ۾ سوال پيدا ڪري ٿو ۽ هو اهڙيءَ طرح پوري ڪهاڻيءَ جي Development کان آگاهہ ٿي وڃي ٿو. اِن نموني ڪهاڻي پڻ ترقي ڪري آخري نقطي تي پهچي ٿي.

(٢) ڪردار (Characters): پلاٽ کان بعد ڪهاڻيءَ جو اهم ترڪيبي عنصر 'ڪردار' (Character) آهي. پلاٽ جي دائري ۾ ڪم ڪرڻ وارين شخصيتن کي 'ڪردار' چئجي ٿو. 'ڪردار' زمان و مڪان جي آئيني ۾ عمل ڪندا ۽ متحرڪ رهندا آهن. ڪردارن جو زمان ۽ مڪان سان گهرو ۽ گهاٽو سبنڌ آهي. زمان ۽ مڪان کان جيڪڏهن ڪردارن کي جدا ڪجي ٿو تہ سندن پيشڪش جو مقصد ئي فوت ٿي وڃي ٿو. زمان ۽ مڪان جي وحدت ۾ نقص ڪردارن

ڪي بيجان بت بڻائي ڇڏي ٿو. ڪردارن جو صحيح تشخص ٿي تڏهن ٿي سگهندو آهي، جڏهن انهن جو عمل وقت ۽ جڳهه سان وابسته هوندو. زمان ۽ مڪان مان مقصد اهو عرصو آهي يا اهو دور آهي، جنهن ۾ ڪو ڪردار ڪو ڪم ڪري ٿو ۽ آها جاءِ يا آهو هنڌ جتي ڪو خاص واقعو يا عمل واقعي ٿئي ٿو. وقت ۽ جاءِ جي مناسبت معاشرتي تقاضائن ۽ تاريخي پس منظر سان هم آهنگيءَ جي ڪري پيدا ٿيندي آهي. جيڪڏهن ڪو ڪردار ڪنهن مناسب ماحول ۾ بهترين پيشڪش جي ذريعي فٽ (Fit) آهي ته آن جي، آن ماحول ڪي بدلائڻ سان سندس پورو اثر زائل ٿي ويندو آهي.

'ڪردار' جي مڪمل وضاحت ڪرڻ مشڪل ڪم آهي. مشهور يوناني مفڪر ۽ فيلسوف ارسطو 'پلاٽ' کي 'ڪردار' تي فوقيت ڏني آهي. سندس چوڻ آهي ته "Plot is the life and soul of story"، هو 'ڪردار' کي ثانوي حيثيت ڏئي ٿو. سندس چوڻ آهي ته 'پلاٽ' هڪ دائرو آهي، جنهن ۾ ڪردارن کي عمل ڪرڻو آهي. جيڪڏهن اهو دائرو ئي نه هجي ته 'ڪردار' ڪيئن ڪم ڪندا. هو چوي ٿو:

> "By Plot I mean the arrangement of the incidents, By character I mean that in virtue of which we ascribe certain qualities to the agent."

ليڪن هڪ سٺي ڪهاڻي ۽ هڪ سٺي ناول ۾ 'پلاٽ' ۽ 'ڪردار' جو پاڻ ۾ گهرو ربط ٿيندو آهي. پلاٽ ۽ ڪردار جي ربط کان بغير ڪابه تخليق سٺي ٿي نٿي سگهي. ان چوڻ ۾ وڌاءُ نه ٿيندو ته هڪ سٺي ناول وانگر هڪ سٺي ڪهاڻيءَ ۾ به پلاٽ جو دارومدار ڪردار تي ٿئي ٿو. ان ڳالهه کي پروفيسر Hudson واضح ڪندي لکي ٿو:

"As a natural consequence of the fact that a number of given people, of such and such disposition and impelled by such and such motives and passions, are brought together in circumstances which give rise to an interplay influence or clash of interests among them."

ڪهاڻيءَ جي ارتقا ۾ ڪردارن جي مزاج، جذبن ۽ لاڙن جو وڏو دخل ٿئي ٿو. اڳتي لکي ٿو ته واقعات، ڪهاڻي ۽ صورتحال Should be only an other phase of the development of the character."

هينري جيمس (Henry James) پلاٽ ۽ ڪردار جي تعلق تي لکي ٿو:

> "What is character but the determination of incidents? What is incident but the illustration of character?"

جيئن تہ پلاٽ جي تعريف آهي "Selection and arrangement of Happenings".
اِن مان صاف ظاهر آهي تہ پلاٽ ۽ ڪردار جو پاڻ ۾ ڪيترو نہ ڳانڍاپو آهي؟ جديد دؤر جا نقاد وري ڪردار جي اهميت تي زور ڏين ٿا. انهن جو رايو آهي تہ پلاٽ Incidents جي ترتيب جو نالو آهي ۽ Incidents ۽ Happenings بہ ڪردارن جي عمل ۽ ردِعمل جو نتيجو آهن. پر جيڪڏهن ڪردارن کي خارج ڪري ڇڏجي تہ پوءِ آهي واقعات ئي عمل ۾ ڪونہ ايندا. نہ ئي پلاٽ راس ٿيندو ۽ نہ ئي Story وجود ۾ ايندي. ان ڪري اصل اهميت ڪردارن جي آهي ۽ پلاٽ انهن جي چوڌاري ڦرندو رهي ٿو. ان ڪري ڪردارن کي پلاٽ تي فوقيت حاصل آهي. بهرحال نقطءِ نظر ڪيترا بہ مختلف ڇو نہ هجن، ليڪن اسين نہ تہ ڪردارن جي اهميت کان انڪار ڪري سگهون ٿا ۽ نہ ئي پلاٽ جي اهميت کان. پلاٽ جي ڪري ڪردارن جي عمل ۾ وحدت پيدا ٿئي ٿي ۽ ڪردارن جي ذريعي وري واقعات رونما ٿين ٿا، جيڪي پلاٽ کي جنم ڏين ٿا. مطلب تہ 'پلاٽ' ۽ 'ڪردار' جو پاڻ ۾ گهاٽو سبنڌ آهي، جنهن کي ٽوڙي نٿو سگهجي.

ڪردارن جي مزاج ۽ روش مان واقف ٿي اسان آئينده جي واقعن لاءِ ڪجھ اڳواٽ چوڻ جي لائق ٿيون ٿا. انهن جي ڪيل عملن کي ڏسي، سندن مناسبت جو اندازو ڪري سگهبو آهي. قاري ۽ ڪردار جي وچ ۾ اهڙي تعلق جي ڪري ڪڏهن ڪڏهن قاري اهو اندازو لڳائي سگهندو آهي تہ هينئر ڇا ٿيندو؟ اهڙي قسم جي اڳڪٿي (Fore shadowing) جي ڪري قاريءَ جي ذهن ۾ سوچڻ ۽ تجسّس جو مادو پيدا ٿئي ٿو. اهڙي سوچ ۽ پيدا ٿيندڙ تجسّس مان سوالن جي ذريعي قاري پلاٽ جي ارتقاء Development سان گڏ سفر ڪري ٿو. ان مان معلوم ٿيو تہ پلاٽ ۽ ڪردار ۾ ڪابہ علحدگي ڪونہ آهي ۽ ٻئي هڪٻئي تي دارومدار رکن ٿا.

هڪ ناول ۽ مختصر ڪهاڻيءَ جي وچ ۾ حدِ فاصل بہ ڪردار ئي هوندا آهن. ناول ۾ طوالت سان گڏ ڪردارن جي گهڻائي ٿيندي آهي، پر ڪهاڻيءَ ۾ 'ڪردار' ناول جي بنسبت ٿورا هوندا آهن.

(۳) نقطہ نظر (Point of view): هر ڪهاڻي ڪنهن نہ ڪنهن جي واتان ٿيل هوندي آهي. ڪڏهن ڪهاڻيڪار جي پنهنجي واتان يا ڪڏهن ڪنهن ڪردار جي واتان ڪهاڻي بيان ڪرائي ويندي آهي. جيئن مٿي مثال طور بيان ڪيل ڪهاڻيءَ ۾ 'خيرل' سموري قصي کان واقف آهي ۽ اُن جي پس منظر کان بہ آگاهہ آهي. سو 'سدوري' جي چرئي ٿيڻ جو سبب بيان ڪري ٻڌائي ٿو ۽ مصنف يا ڪهاڻيڪار پاڻ کي هڪ سامع جي حيثيت ۾ پيش ڪري ٿو. قاضي خادم پنهنجي ڪهاڻي "احساس جو سفر" هڪ ڇوڪري جي واتان بيان ڪرائي ٿو يا First person ۾ بيان ڪري ٿو. اِن ڪهاڻيءَ ۾ مصنف جو نقطہ نظر First person ۾ بيان ٿئي ٿو. موپاسان La mere Savage ۾ پاڻ کي ڪهاڻي ٻڌندڙ جي حيثيت سان روشناس ڪرائي ٿو، پر ڪهاڻيءَ

Gul Hayat Institute

جي پلاٽ ۾ ڪو حصو ڪونہ ٿو وٺي. اهڙي ڪردار کي منجمد ڪردار يا Type character سڏبو آهي. نقطہ نظر بيان ڪرڻ جا ٻہ طريقا آهن:

(۱) Participant، ان جا وري ٻہ قسم آهن.

(الف) Narrator as a major character

(ب) Narrator as a minor character

(۲) Non-participant: ان جا ٽي قسم آهن.

(الف) Omniscient

(ب) Selective Omniscient

(ت) Objective

Participant's point of view جو مثال قاضي خادم جي ڪهاڻي "احساس جو سفر" ۾ ملي ٿو، جنهن ۾ اول کان آخر تائين ڪهاڻيڪار ڪردار کي هڪ چوڪر جي ڪردار ۾ لڪايو آهي. اتي ڪهاڻي بيان ڪندڙ چوڪر Major character آهي. جو تہ هُو پاڻ ئي ڪهاڻي بيان ڪري ٿو ۽ پاڻ ئي اِن ۾ ڪردار ادا ڪري ٿو. اِن ۾ چوڪر جو ڪردار بہ سندس زندگيءَ جو ڪردارئي آهي، جيڪو ڪڏهن سجاول، حيدرآباد، ٺٽو، اپاوڙو ۽ سيوهڻ درميان سفر ڪري ٿو.

ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي تہ ساڳيو ئي First person narrator ڪا ڳالهہ بيان ڪندو آهي، پر ان سان سندس ڪوبہ تعلق ڪونہ هوندو آهي. اُن هنڌ هو Minor character آهي. جيئن غلام ربانيءَ جي ڪهاڻي "پن پوڙين پاتال ۾" 'خيرل' جو ڪردار.

ان کان سواءِ First person narrator جو هڪ ٻيو خاص قسم بہ ٿيندو آهي، جنهن کي Innocenteye چئجي ٿو، جنهن ۾ گهڻو ڪري ڪو معصوم ٻار، چريو، بيوقوف ۽ نابالغ شخص اچي وڃن ٿا. اهڙين ڪهاڻين ۾ ڪردار جيڪي ڪجهہ ڏسندو آهي، آهوئي بيان ڪندو آهي، پر بيان ڪندڙ خود اُن واقعي کي ايترو سمجهي نہ سگهندو آهي، جيترو سندس قاري سمجهي سگهندو آهي. مطلب تہ قاري ان واقعي کي بيان ڪندڙ کان زيادہ سمجهندو آهي. جيئن 'شائق' جي ڪهاڻي "ڳاٻرو" هڪ معصوم ٻار جي واتان بيان ٿيل آهي، ليڪن بيان ڪندڙ ٻار اِن ڳالهہ کي نہ ٿو سمجهي تہ هو ڪو 'قرباني' جهڙي مذهبي فرض کان انڪار ڪري رهيو آهي يا ان جي خلاف ڳالهائي رهيو آهي. مشهور ڪهاڻيڪار Ring Lardner جي هڪ ڪهاڻي هيئرڪٽ (Haircut) ۾ هڪ ڪردار صرف واقعو بيان ڪري ٻڌائي ٿو، پر اتي ڪيس اِها خبر ڪانہ ٿي پوي تہ هو ڪا قتل جي واردات جي رازافشاني ڪري رهيو آهي. پر قاري فوراً اِها ڳالهہ سمجهي وڃي ٿو تہ هُن قتل جو راز ظاهر ڪري ڇڏيو.

Gul Hayat Institute

(٢) Non-participant's point of view: هن ۾ ڳالهه جو بيان ڪندڙ ڪنهن
ڪردار جي حيثيت سان ڳالهه نه ٿو ڪري، پر Omniscient يا حاضر جي صورت ۾ هُو صرف
ڪردارن جي خيالن ۽ ڪمن سان اتفاق ڏيکاري پاڻ کي ڪهاڻيءَ سان منسلڪ ڪري ٿو.

(ب) Selective Omniscient: هن ۾ ڪنهن ڪردار جي نفسياتي جائزي وٺڻ لاءِ
ڳجهيءَ طرح ٻين ڪردارن سان سندس رابطي جي ڪري پيدا ٿيندڙ ڪيفيت ۽ ان تي ٿيندڙ
اثرن جي بيان ڪندڙ کي Selective Omniscient چئجي ٿو.

Selective صرف نفسياتي قسم جي ڪهاڻين ۾ هوندو آهي. هن ۾ ان دماغي عمل کي
بيان ڪيو آهي، جيڪو Unconsciousness کان Consciousness ۾ ظاهر (appear)
ٿئي ٿو. ٻين لفظن ۾ اهڙي نقطه نظر کي ”شعور جي رو“ (Stream of Consciousness)
سڏبو آهي. اڄڪلهه مختصر ڪهاڻي جنهن منزل تي پهتي آهي، تنهن مان سندس ترقيءَ جي
(هن وقت) آخرين منزل Stream of Consciousness آهي. اڄڪلهه مغرب ۾ اهڙين ڪهاڻين
جو رواج وڌندو پيو وڃي. Katherine Anne Porter, Franz Kafka, James Joyce
۽ سنڌيءَ ۾ مشتاق شوري اهڙي قسم جون ڪهاڻيون لکيون آهن.

(ت) Objective: هن ۾ نقطءِ نظر کي Camerad جي فوٽو وانگر پيش ڪيو ويندو
آهي، اهڙي قسم جو نقطءِ نظر گهڻو ڪري مڪالمن جي ڪثرت مان پيدا ٿيندو آهي.

(م) سيٽنگ (Setting): جڏهن لفظ سيٽنگ (Setting) ڊرامي لاءِ استعمال ڪجي ٿو
ته ان جو مقصد اسٽيج ۽ ان ڊرامي سان تعلق رکندڙ شين جي درستگي، سجاوٽ ۽ سينگار آهي.
يعني اسٽيج جي ٺاهه ٺوهه ڊرامي جي موضوع سان ٺهڪندڙ هجي. جنهن قسم جو ڊرامو هجي،
اسٽيج جو رنگ ڍنگ به اهڙو هجي. ائين نه ٿئي جو ڊرامي ۾ ذڪر ٻهراڙيءَ جي گهر جو
هجي، ماحول به ٻهراڙيءَ جو هجي، پر گهر جو منظر شهري ڪٿي پيش ڪجي. سيٽنگ لفظ
هڪ وسيع لفظ آهي ۽ صرف ڊرامي لاءِ وقف نه آهي، پر ان کي ٻين ادبي صنفن - جهڙوڪ
ناول، افسانې ۽ شعر لاءِ به ڪتب آڻي سگهجي ٿو. سيٽنگ جو مطلب آهي ته ڪهاڻيءَ ۾
جاءِ جڳهه، جتي واقعو ظهور پذير ٿيڻو هجي ۽ ٽائيم، جنهن ۾ واقعو ٿئي، ان جو خاص خيال
رکيو وڃي. ان ۾ منظرڪشي به اهڙي هئڻ کپي جيڪا واقعن ۽ ڪهاڻي جي پلاٽ سان
ٺهڪي اچي. مثال طور جيڪڏهن ڪهاڻي ١٩٤٨ع کان اڳ جي آهي، ته ان ۾ ماحول، آهو
منظر ۽ ڪردار به ٺهڪندڙ پيش ڪجن. جيڪڏهن ڪهاڻي موهن جي دڙي جي تاريخي
پس منظر ۾ لکجي ته ان ۾ سموريون ڳالهيون، ان تهذيب ۽ معاشري سان ملندڙ جلندڙ هجن،
جيئن علي بابا ۽ آغا سليم جا ناول. انگريزي ۾ Jane Austen جو Pride and Prejudice
جنهن ۾ هن اڻويهين صديءَ جي انگلنڊ ۽ ان وقت جو ماحول پيش ڪيو آهي. جيڪڏهن
ڪمرن جو يا گهرن جو ساز و سامان ڏيکاري، ته انهن شين جو بيان به اهڙي انداز ۾ ڪري.



Gul Hayat Institute

جنهن انداز سان گهر جا ٽپڙ ٽاڙي سيٽنگ سان رکيل هجن. سن يا تاريخ وغيره بيان ڪري ته انهن ۾ به هم آهنگي هجي. ائين نه ٿئي جو ڪهاڻيءَ جي شروعات ۾ عرصو هڪڙو ڄڻائي ۽ اندر وري عرصو ٿئي گهٽجي وڃي يا وڌي وڃي، جيئن قاضي خادم جي ڪهاڻي "احساس جو سفر" ۾. ان لاءِ ڪهاڻيڪار جنهن موضوع تي قلم کڻي، ان جي پس منظر، حقيقت، وقت، ماحول ۽ پوري نظاري کان چڱيءَ طرح واقف هجي. جيڪڏهن ڪيس واقفيت نه آهي ته پوءِ ان موضوع تي قلم کڻي ئي نه ته بهتر آهي. سيٽنگ جي بهترين پيشڪش هڪ سٺي ڪهاڻيءَ لاءِ ضروري آهي. ان لاءِ ڪهاڻيڪار جو سٺو مطالعو هجي، جيئن هُو واقعن ۽ انهن جي سياسي، معاشي ۽ سماجي پس منظر کي سمجهڻ جو اهل ٿي سگهي ۽ انهن جي مختلف ڪڙين کي ملائي، انهن مان نتيجو ڪڍي سگهي. سيٽنگ (ترتيب) لاءِ اهو به ضروري آهي ته هو جنهن ماحول جي ڳالهه ڪري، ته سندس ڪردار به ان مناسبت سان هجن. انهن جا نالا ۽ ڪوائف بس ان بيان ٿيندڙ ماحول سان هم آهنگ هجڻ کپن. جيڪڏهن ڪردارن جو تعلق شهر سان هجي ته نالا به اهڙي قسم جا استعمال ڪرڻ گهرجن. مطلب ته هڪ سٺي فنڪار جي ڪهاڻين ۾ ترتيب يا سيٽنگ تي خاص ڌيان ڏنل هوندو آهي. اهائي ڪهاڻي بهترين چئي سگهجي ٿي، جنهن جي سيٽنگ درست هجي.

(٥) اسلوب يا ڏانءُ (Style): اسلوب جي مڪمل ۽ جامع تعريف ڪرڻ نهايت ڪٺن ڪم آهي، ڇاڪاڻ ته اسلوب جي ڪا هڪ معنيٰ يا خاص وضاحت ڪري نٿي سگهجي. پر پوءِ به سمجهائڻ لاءِ مختصر طور ڪجهه نه ڪجهه بيان ڪرڻ تمام ضروري آهي ته جيئن قاري يا ليک ڪهاڻي نويسيءَ جي بنيادي ڳالهين کان آگاهه ٿي سگهي. تنهنڪري اچو ته ڏسون ته مختلف مفڪرن اسلوب (Style) جي ڪهڙي تعريف ڪئي آهي:

بفن (Buffon) اسٽائيل جي تعريف هيئن ڪري ٿو: "Style is the man himself"

شوپنهار چوي ٿو:

"Style is the physiognomy of the soul"

گوس (Gosse) وري اسٽائيل جي تعريف هنن لفظن ۾ ڪري ٿو:

"Style is the medium by which temperament is transfered to the written speech."

پوپ (Pope) جي چوڻ مطابق:

"Style is dress of thought."

فرائڊ چوي ٿو:



Gul Hayat Institute

ڪئي آهي ته ”Proper words in properplaces“ پر لفظن کي استعمال ڪرڻ ۽ انهن جي اثر کي گهري ڪرڻ لاءِ تجربي جي وسعت، سوچ جي گهرائي ۽ انفراديت جي ضرورت آهي. پوري بيت کي وري وري پڙهڻ سان هڪ عجيب تاثر محسوس ٿيندو. هونئن اصولاً يا ٻي طرح ’وسرڻ‘ جو ضد ياد ”ياد پوڻ يا ياد اچڻ“ آهي. گرامر جي لحاظ کان ته سٽ ٿي هيئن هئڻ کپي ها:

”ڪڏهن ته ياد نه اچن ۽ ڪي مور نه وسرن.“

پر جيڪڏهن لفظن جي ٿوري به تبديلي ٿئي ها ته شعر جي جيڪا اسٽائيل آهي، سا برقرار نه رهي ها، جيڪا شاهه صاحب جي داخلي ڪيفيت خواهه خارجي ڪيفيت جي مظهر آهي.

آخري سٽ ۾ ”مينهن ڪنڌيءَ پور“ لفظ استعمال ڪري شاهه سائين اسٽائيل جو هڪ مثال پيش ڪيو آهي. پلا اتي سڱن جي جاءِ تي شاهه صاحب زنجير جي ڪڙين کي به بطور تشبيهه استعمال ڪري پئي سگهيو، ۽ ڪيس اها به خبر هئي ته زنجير جون ڪڙيون اڻ ٽٽندڙ ٿينديون آهن. ليڪن ”مينهن ڪُنڌيءَ پور“ جا لفظ دوستي ۽ محبت جي نازڪ رشتن کي واضح ڪن ٿا. ’مينهن‘ جا ’پُور‘ تيستائين آزاد نه ٿي سگهندا آهن، جيستائين هڪ مينهن جو گردن نه ڀڃي ۽ ٻي مينهن جو سڱ نه ٽٽي. مينهن جي ’پُورن‘ ٽٽڻ سان ڪو اهم واقعو رونما ٿئي ٿو ۽ ان تشبيهه مان جيڪا عجيب ڪيفيت پيدا ٿئي ٿي، سا زنجير جي ڪڙين واري تشبيهه مان پيدا نٿي ٿي سگهي. ان ڪري شاهه صاحب زنجير يا ٻي شيءِ جو مثال ڪم نه آندو. ’مينهن جي پورن ٽٽڻ ۽ دوستيءَ جي ٽٽڻ جي ڪيفيت ۾ درد-قدرِ مشترڪ آهي‘. اهڙي اندازِ بيان کي، جنهن ۾ هڪ اڌ لفظ جي ترميم ڪرڻ سان، اصل تاثير کي ڌڪ لڳي، ته اهڙي اندازِ بيان کي اسٽائيل سڏبو آهي. ٿلهي ليکي ’اسٽائيل‘ جو مطلب اهو آهي ته ليکڪ جيڪو ڪجهه پاڻ ڏٺو ۽ محسوس ڪيو آهي، سو ٻين کي ڏيکاري ۽ محسوس ڪرائي سگهي. تڏهن اهڙي قسم جي اندازِ بيان کي اسلوب سڏي سگهجي ٿو. جيئن Joseph conrad چيو آهي:

> “My task which I am trying to achieve is, by the power of the written word, to make you hear, to make you feel -- it is before all to make you see. That and no more, and is everything.”

(٦) ٻولي (Diction): ٻين جزن کان علاوه ٻوليءَ جو درست استعمال، هڪ سٺي ڪهاڻيءَ لاءِ نهايت ضروري آهي. ٻولي ڪهاڻيءَ لاءِ ائين آهي، جيئن ٻيڙيءَ لاءِ سڙهه ۽ ڳاڏيءَ لاءِ ڦيٿا. ڪنهن ادبي لکڻيءَ لاءِ لفظن جي چونڊ ۽ لفظن جي ترتيب کي ’ٻولي‘ (Diction) سڏجي ٿو. ٻولي وقت جي حالتن، ادبي فارم (Form)، موضوع ۽ اسلوب مطابق

6) The Craft of Fiction by Lubbock, Percy.
7) Study of English Literature by Hudson.
8) Structure of the Novel by Edwin Muir.
9) English Prose Style by Herbert Read.
10) Short History of English Literature by Sir Ifor Evans.

١١) سيد عابد علي عابد — آسلوب

١٢) پروفيسر وقار عظيم — داستان سے افسانے تک

١٣) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ — لوڪ ڪهاڻيون جلد-١



Gul Hayat Institute

# ”آڏيسي اُٺي وڃا، مڙهيون مون مارين!“

(شاهه)

## منشي عبدالشڪور

۱۷- مارچ ۱۹۸۰ع تي سنڌ جي مشهور صحافي ۽ وڪيل مسٽر عبدالشڪور منشي رحلت ڪئي.

منشي عبدالشڪور سنڌي علم و ادب جو دلداده هو ۽ قيام پاڪستان جي تحريڪن ۾ سندس مخلصانه خدمتن کي تاريخ جي صفحن ۾ پنهنجي صحيح جاءِ ملندي.



مرحوم مسلم قوم جي ترجمانيءَ لاءِ حيدرآباد مان پهرين روزانه اخبار ”هلال پاڪستان“ ۱۹۴۵ع ۾ جاري ڪئي، جا پندرهن کن ورهيه شايع ٿيندو رهيو.

۱۹۴۶ع وارين چونڊن ۾ سنڌ ۾ مسلم ليگ کي جا شاندار ڪاميابي حاصل ٿي، تنهن ۾ منشي صاحب جي قومي ۽ صحافتي خدمتن کي چڱو دخل حاصل هو.

منشي صاحب پنهنجي قانوني پيشي ۾ به مهارت حاصل ڪئي ۽ سنڌ جي برک وڪيلن ۾ سندس شمار هو. پاڻ ڪيترائي ڀيرا حيدرآباد بار ڪائونسل جو صدر چونڊيو. سالن جا سال ميونسپل جو چونڊيل ميمبر پڻ رهيو. پبلڪ لائيف سان وابسته رهڻ سان بي لوث خدمتن ڪري سندس شهري مان مرتبو هميشه مٿانهون رهيو.

منشي صاحب شگفته مزاج، علمدوست، ادب ذوق، باغ و بهار طبيعت جو مالڪ، قومي درد رکندڙ، مخلص ۽ نهايت پيارو ماڻهو هو.

سندس فرزند سعودي عرب ۾ هڪ اعليٰ عهدي واريءَ ملازمت تي فائز آهي.

—ن. ا. ش



Gul Hayat Institute

# سنڌي ادبي بورڊ جي ڪتابن جي لسٽ

اپريل 1980ع

## سنڌي ڪتاب

| ڪتاب جو نالو | مصنف / مرتب / مترجم | صفحا | قيمت |
|---|---|---|---|
| 1- حياتالنبي | حڪيم فتح محمد سيوهاڻي | 280 | 15-00 |
| 2- اخلاق محمدي | حڪيم فتح محمد سيوهاڻي | 144 | 7-00 |
| 3- آفتاب ادب | حڪيم فتح محمد سيوهاڻي | 216 | 5-00 |
| 4- گل | ڪيولرام سلامتراء آڏواڻي | 110 | 5-00 |
| 5- گل شڪر | ڪيولرام سلامتراء آڏواڻي | 274 | 12-00 |
| 6- ٽئلسمن عرف غازي صلاح الدين | سر والٽر اسڪاٽ | 214 | 5-00 |
| 7- گل ڦل | پرمانند ميوارام | 414 | 12-00 |
| 8- چندن هار | مرزا قليچ بيگ | 600 | 12-50 |
| 9- دلارام | مرزا قليچ بيگ | 88 | 2-00 |
| 10- زينت | مرزا قليچ بيگ | 254 | 6-00 |
| 11- فيروز دل افروز | لارڊ لٽن | 160 | 4-00 |
| 12- تحفةالنسوان | مرزا قليچ بيگ | 194 | 5-00 |
| 13- مقالاتالحڪمت | لارڊ بيڪن | 236 | 3-50 |
| 14- غلاميءَ مان مٿي چاڙهو | بڪر واشنگٽن | 386 | 15-00 |
| 15- ٽي گهر | ف. و. فرار | 360 | 12-00 |
| 16- قديم سنڌ جا شهر ۽ ماڻهو | مرزا قليچ بيگ | 404 | 25-00 |
| 17- ٽي ديوَ يا رانڪاس | مرزا قليچ بيگ | 34 | 1-25 |
| 18- سچي محبت | ارل آف بيڪنسفيلڊ | 236 | 8-00 |
| 19- عجيب طلسم | مرزا قليچ بيگ | 32 | 1-25 |
| 20- ٻه جاڙا ڀائر | مرزا قليچ بيگ | 44 | 1-25 |
| 21- نيلو پکي | مرزا قليچ بيگ | 48 | 1-50 |
| 22- وامق عذرا | مرزا قليچ بيگ | 28 | 1-00 |

| ڪتاب جو نالو | مصنف / مرتب / مترجم | صفحا | قيمت |
|---|---|---|---|
| 51- واقعاتي بيت | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 500 | 9-00 |
| 52- مومل راڻو | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 430 | 16-00 |
| 53- لوڪ گيت | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 446 | 8-00 |
| 54- مورڙو ۽ مانگر مڇ | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 232 | 6-00 |
| 55- دودو چنيسر (ٻه ڀاڱا) | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 1300 | 40-00 |
| 56- سسئي پنهون | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 585 | 15-00 |
| 57- رسمون رواج ۽ سوڻ ساڻ | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 480 | 25-00 |
| 58- ڪليات خادم | لطف الله بدوي | 282 | 5-00 |
| 59- ڪلام حسين بخش | عارف المولا | 100 | 2-00 |
| 60- ڪليات حسين ديدڙ | عبدالڪريم سنديلو | 297 | 12-00 |
| 61- ڪليات شاهه محمد ديدڙ | عبدالڪريم سنديلو | 214 | 15-00 |
| 62- سيا جو سينگار | وشنو شرما | 200 | 5-00 |
| 63- بلو ڪوڪر | ديوان صاحب سنگهه شاهاڻي | 284 | 4-00 |
| 64- ايسپ جون آکاڻيون | ديوان ننديرام ميراڻي | 258 | 10-00 |
| 65- راسيلاس | ڊاڪٽر جانسن | 248 | 5-00 |
| 66- تاريخ ريگستان (ڀاڱو 1) | رائچند | 300 | 20-00 |
| 67- تاريخ ريگستان (ڀاڱو 2) | رائچند | 681 | 24-00 |
| 68- خوش خصلت خاتون | بيگم بادام ناتوان | 118 | 3-00 |
| 69- تذڪره اميرخاني | سيد حسام الدين راشدي | 372 | 14-00 |
| 70- هو ڏوٽي هو ڏينهن | سيد حسام الدين راشدي | 466 | 50-00 |
| 71- مير معصوم بکري | سيد حسام الدين راشدي | 622 | 50-00 |
| 72- چچنامه (سنڌي) | مخدوم امير احمد | 684 | 20-00 |
| 73- تحفة الڪرام (سنڌي) | مخدوم امير احمد | 776 | 25-00 |
| 74- سنڌ جي دربار | جيمس برليس | 200 | 6-00 |
| 75- نئين مصر جا پراڻا ورق | ڪئپٽن ايسٽوڪ | 454 | 25-00 |
| 76- يادگيريون | سيٺ نائونمل هوتچند سي- ايس- آء | 296 | 15-00 |
| 77- سنڌ جي مدنيت | سيد منظور نقوي | 250 | 12-00 |
| 78- آهي ڏينهن آهي شينهن (جلد 1) | پير علي محمد راشدي | 544 | 20-00 |
| 79- آهي ڏينهن آهي شينهن (جلد 2) | پير علي محمد راشدي | 540 | 50-00 |
| 80- جنب گذاريم جن سين (1 ڀاڱو) | جي. ايم. سيد | 340 | 20-00 |

Gul Hayat Institute

| كتاب جو نالو | مصنف/مرتب/مترجم | صفحا | قيمت |
|---|---|---|---|
| 81- جنب گذاريم جن سين (2 ڀاڱو) | جي. ايم. سيد | 526 | 30-00 |
| 82- رهاڻ | جي. ايم. سيد | 300 | 15-00 |
| 83- تاريخ ڪلهوڙا سنڌي (ٻه ڀاڱا) | مولانا غلام رسول مهر | 1288 | 26-00 |
| 84- سنڌ جي اقتصادي تاريخ | ڊاڪٽر ايس. پي. چبلاڻي | 314 | 6-00 |
| 85- ونيتي ڪوش | جهمٽ مل نارومل وسڻاڻي | 72 | 2-00 |
| 86- آمريڪي مختصر افسانا | سراج ۽ رباني | 476 | 6-00 |
| 87- آمريڪا جو سياسي سرشتو | هاورڊ آر. پينمين | 254 | 3-00 |
| 88- وحشي جيوت جا نشان | هاورڊ موئر | 236 | 8-00 |
| 89- اقتصادي انصاف | جان رسڪن | 282 | 5-00 |
| 90- معاشره ۽ تعليم | سيد غلام مصطفيٰ شاهه | 148 | 6-00 |
| 91- جادو ۽ سائنس (3 ڀاڱا) | سر جيمس جارج فريزر | 1820 | 34-00 |
| 92- اقتصادي ترقيءَ جا رستا | جيمس ڊي ڪالڊوڊ | 230 | 3-00 |
| 93- تاريخ مظهر شاهجهاني (سنڌي) | يوسف ميرڪ | 230 | 20-00 |
| 94- تن ۽ تندرستي | ڊاڪٽر علي احمد قاضي | 336 | 4-50 |
| 95- جنرل سائنس | ڊاڪٽر علي احمد قاضي | 353 | 3-50 |
| 96- نفسيات | ڊاڪٽر علي احمد قاضي | 304 | 9-00 |
| 97- تذڪره شعراء تڪڙ | ڊاڪٽر اسدالله شاهه حسيني | 224 | 5-00 |
| 98- مقدمه ابن خلدون | ابن خلدون | 80 | 2-50 |
| 99- ڪلام محمود فقير ڪتياڻ | ماستر محمد صالح سپيو | 170 | 8-00 |
| 100- جهان آرا | عبدالرزاق عبدالسلام | 166 | 5-00 |
| 101- گيرم جون آکاڻيون | خانصاحب مريد علي | 274 | 6-00 |
| 102- پولڙي جي ڀُل ۽ ٻيون آکاڻيون | گوهر ممتاز قاضي | 56 | 3-00 |
| 103- لاڙ جو سير | الهه بچايو سمون | 125 | 2-50 |
| 104- دنيا دورنگي | آغا غلام نبي | 212 | 5-00 |
| 105- مزاحيات | شمس الدين بلبل | 258 | 12-00 |
| 106- جام جم | شمس الدين بلبل | 164 | 8-00 |
| 107- مسلمان ۽ تعليم | شمس الدين بلبل | 164 | 8-00 |
| 108- تاريخي افسانا ۽ ڊراما | غلام محمد گرامي | 330 | 15-00 |
| 109- ويا سي وينجهار | غلام محمد گرامي | 312 | 10-00 |



Gul Hayat Institute

| ڪتاب جو نالو | مصنف/مرتب/مترجم | صفحا | قيمت |
|---|---|---|---|
| 110- قائد اعظم جون تقريرون | غلام محمد گرامي | 202 | 6-00 |
| 111- سنڌي زبان جي بنيادي لغت | غلام رباني ۽ ٻيا | 22 | 2-00 |
| 112- ڪليات گدا | رشيد احمد لاشاري | 426 | 7-00 |
| 113- نل دمينتي | ڪاليداس | 282 | 4-50 |
| 114- پرائو پارڪر | منگھارام اوجھا | 124 | 6-00 |
| 115- رياست ۽ آزادي | ٿامس جيفرسن | 236 | 3-00 |
| 116- بدنصيب ٽري | محمد اسماعيل عرساڻي | 140 | 4-00 |
| 117- چار مقالا | محمد اسماعيل عرساڻي | 114 | 3-00 |
| 118- خيال خاطر | محمد اسماعيل عرساڻي | 136 | 5-00 |
| 119- سنڌ ۾ پکين ۽ جانورن جو شڪار | محمد اسماعيل عرساڻي ۽ غلام رباني | 158 | 5-00 |
| 120- نياريون وٿون | محمد اسماعيل عرساڻي | 240 | 12-00 |
| 121- سنڌو ماٿر جي سڀيتا | محمد ادريس صديقي | 220 | 25-00 |
| 122- ڪئنڊيڊ | والٽيئر | 134 | 5-00 |
| 123- ڪڇين جا قول | محمد سومار شيخ | 424 | 20-00 |
| 124- حريص پُتلو | آغا عبدالنبي "عليگ" | 128 | 3-00 |
| 125- مئڪسم گورڪي [ننڍپڻ] (جلد 1) | اياز قادري | 324 | 12-00 |
| 126- مئڪسم گورڪي [تربيت] (جلد 2) | اياز قادري | 508 | 15-00 |
| 127- دنيا جا عظيم افسانا (ڀاڱو 1) | رشيد ڀٽي | 332 | 7-50 |
| 128- دنيا جا عظيم افسانا (ڀاڱو 2) | مرزا مراد علي "اختر" | 476 | 20-00 |
| 129- ٻارن لاءِ آکاڻيون | مرزا مراد علي "اختر" | 136 | 4-00 |
| 130- گلشن بهار | آخوند فقير محمد "عاجز" | 260 | 12-00 |
| 131- چوڪارو | امام غزالي رح | 134 | 5-00 |
| 132- پکين جي پارليامينٽ | خواجه فريدالدين عطار | 246 | 8-00 |
| 133- سون ورنيون ڏليون | لالچند امرڏنومل جڳتياڻي | 268 | 10-00 |
| 134- ڪليات ڪمال | اظهر گيلاني | 238 | 15-00 |
| 135- قديم سنڌ | ڀيرومل مهرچند آڏواڻي | 508 | 25-00 |
| 136- "مهراڻ" (ٽماهي) | في ڪاپي | 250 | 8-00 |
| | ساليانو چندو | --- | 30-00 |
| 137- گل ڦل (ماهوار) | في ڪاپي | 60 | 1-50 |
| | ساليانو چندو | --- | 15-00 |

Gul Hayat Institute

## اردو

| | كتاب جو نالو | مصنف / مرتب / مترجم | صفحا | قيمت |
|---|---|---|---|---|
| 138- | تاريخ كلهوڙا (اردو) [2 حصا] | مولانا غلام رسول مهر | 1346 | 28-00 |

## فارسي كتاب

| | كتاب جو نالو | مصنف / مرتب / مترجم | صفحا | قيمت |
|---|---|---|---|---|
| 139- | لب تاريخ سنڌ | خانبهادر خداداد خان | 400 | 12-00 |
| 140- | تاريخ طاهري | سيد طاهر محمد نسياني تتوي | 438 | 12-00 |
| 141- | تڪمله مقالات الشعراء | مخدوم محمد ابراهيم خليل تتوي | 1000 | 22-00 |
| 142- | مثنوي مظهرالآثار | سيد شاهہ جهانگير هاشمي ڪرماني بهڪري | 250 | 5-00 |
| 143- | مثنويات و قصائد قانع | مير علي شير قانع تتوي | 250 | 7-00 |
| 144- | تاريخ مظهر شاهجهاني | يوسف ميرڪ بن مير ابوالقاسم نمڪين بهڪري | 494 | 14-00 |
| 145- | تحفة الكرام | مير علي شير قانع تتوي | 682 | 70-00 |
| 146- | منشور الوصيت | ميان نورمحمد والي سنڌ | 180 | 7-00 |
| 147- | هشت بهشت | ملا عبدالحكيم عطا تتوي | 348 | 9-00 |
| 148- | حديقة الاولياء | سيد عبدالقادر بن سيد هاشم بن سيد محمد تتوي | 264 | 12-00 |
| 149- | روضة السلاطين - جواهر العجائب | سلطان محمد فخري بن امير هروي | 438 | 28-00 |
| 150- | ديوان عظيم | عظيم الدين محمد الحسيني تتوي | 266 | 8-50 |
| 151- | مثنويات هير و رانجها | عظيم الدين عظيم تتوي، ضياء الدين ضيا تتوي | 400 | 7-00 |
| 152- | تاريخ تازه نواي معارڪ | منشي عطامحمد شڪارپوري | 1140 | 30-00 |
| 153- | ڪليات مائل | مير غلام علي مائل تتوي | 542 | 17-00 |
| 154- | ديوان محسن | محمد محسن تتوي | 500 | 22-00 |
| 155- | فتح نامه | شير محمد نظاماڻي | 224 | 12-00 |
| 156- | ديوان صنعت | لطف الله بدوي | 252 | 12-00 |
| 157- | بيگلار نامه | ادراڪي بيگلار | 302 | 40-00 |

## عربي ڪتاب

| | كتاب جو نالو | مصنف / مرتب / مترجم | صفحا | قيمت |
|---|---|---|---|---|
| 158- | دراسات اللبيب | العلامة المخدوم محمد معين السندي | 618 | 17-00 |
| 159- | ذب الذبابات (حصہ اول) | العلامة المخدوم عبداللطيف التتوي | 1000 | 22-00 |
| 160- | ذب الذبابات (حصہ ثاني) | العلامة المخدوم عبداللطيف التتوي | 1016 | 22-00 |

Gul Hayat Institute

| قيمت | صفحا | مصنف / مرتب / مترجم | ڪتاب جو نالو |
|---|---|---|---|
| 22-00 | 360 | الشيخ الامام مسعود بن شيبة بن الحسين السندي | 161- مقدمه ڪتاب التعليم |
| 4-50 | 32 | ابي عطاء السندي | 162- ديوان ابي عطا |
| 17-00 | 898 | العلامة المخدوم محمد جعفر البوبڪاني | 163- المتانة في درامة الخزانة |
| 22-00 | 540 | العلامة المخدوم محمد هاشم السندي التتوي | 164- بذل القوة |
| 30-00 | 522 | امام انقلاب العلامة عبيدالله السندي | 165- التمهيد |

## انگريزي ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| 166- Sind-A General Introduction by H, T. Lambrick | 274 | 45/00 |
| 167- Sind-Before Muslim Conquest by H. T. Lambrick | 240 | 35/00 |
| 168- Shah Abdul Latif-An Introduction to his Art by Allama I. I. Kazi | 56 | 5/00 |
| 169- Casual peeps at Sophia by Allama I. I. Kazi | 210 | 12/00 |
| 170- A Physical & Economic Geography of Sind by Dr: M. B. Pithawalla | 390 | 45/00 |
| 171- Adventures of Brown girl in her Search for God by Mr. & Mrs: I. I. Kazi | 125+24 | 12/00 |
| 172- Sind-Arab Period by Dr. Mumtaz Husain Pathan | 544 | 50-00 |

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute



۳۱- جنوري ۱۹۸۰ع تي، لاهور ۾ منعقد ٿيل قومي سيرت ڪانفرنس
جي موقعي تي
پنجاب جي گورنر ليفٽيننٽ جنرل سوار خان، سنڌي زبان ۾ سيرت طيبه
جي موضوع تي شايع ٿيل بهترين ڪتاب ”سيرت مصطفیٰ“
(ناشر: سنڌي ادبي بورڊ)
جي مصنف مولانا محمد عظيم ”شيدا“ کي ڏهن هزارن رپين جو چيڪ
ڏيئي رهيو آهي.

Gul Hayat Institute